سچ جي پيروي



تيرٿ سَڀا

پنو تري

سچ جي پيروي

Printed by Baldev T. Gajra at Yuguntar Printer
and Pubilished by Tirath Sabhani. 30B/3 Mahatm
Gandhi Nagar. Chembur-Bombay-74.

مهاڳ

سچ جي پيروي

جيڪو چاهي ته قدرت جا ڳجهه سلي، سرشٽيءَ
جي ته کي رسي، شين يا جيون جو اڀياس ڪري ته
اول اول هنکي اُنهن ٽن نيمن کي تسليم ڪرڻو پوندو،
جن تي مشهور وگياني نيوٽن جو نالو ذريو ويو آهي.
انهن ٽن نيمن مان پهرين جي ٻار ٻچي کي سڌ آهي:
يعني ته ڪابه وستو نڪي چرپر ۾ ايندي، نڪا چرپر
بند ڪندي جيسين ڪو ٻاهريون زور لڳائبو. ٻيو نيم
چرپر جو حسابي نيم آهي، انهيءَ جي ذڪر ڪرڻ
جو ضرور نه آهي، پر ٽيون اٽل نيم اڪثري وساري
ٿا ڇڏيون، جو اسانکي آگاهه ٿو ڪري ته هر عمل کي
رد عمل آهي، هر زور کي مخالف ٺوڪر آهي، هر
ڪشش کي اُبتي ڌاسي ڇڪ آهي، اهڙيءَ او ترِي قدر.
Action and Re-action are equal and opposite

هي نيم سيني عملن، ڪرمن ۽ شڪتين سان لاڳو
آهي؛ ايتري قدر جو جنهنکي ايشوري شڪتي چئون
تنهن کي مخالف ذروارا شيطاني شڪتي سڏيندا: آهي
مڙيئي نوڙ ڇڪڻ جي بازي، هڪڙو هيڏانهن ڇڪي،
ٻيو هوڏانهن. جنهنکي ايراني سڏين اهورا (اسرا) مزدا

ماڻهيون سينئي ۾ وهه گڏيل آهي. آمريڪا وارا پلي بانور ڪن ته ذن مال اٿئون، استر شستر تيار ڪيا اٿئون، وگيان ۽ پراڪرم سان ڀُر آهيون، پر مٿي جي ڦيري هميشهه ساڻ اٿن - الائي ڪڏهن ڪٿو ويري ائٽمڪ بم ڦٽا ڪري. اڄي ماڻهو مرندا هوا تپ ۽ سلهه وگهي، هينئر مرن ٿا دل جي ڏڪ ڏڪ ڪري، ڦڦڙن جي ڦوت ڪري، بڪين جي بند ٿيڻ ڪري. هڪ انسان ٻئي کي وينو ڏاڪي ته ڪير ڏو اسان مان اڳ ۾ سوسڙيون ٻاري يا هوايون اُڏائي. ايڏو ته هراس آهي جو ڪجهه نه ٿو منو لڳي، پوءِ پلي ته ڪو زمين تي راڄ ڪري، ڪو آسمان ۾ چڪر لڳائي، ڪو پاتال ۾ ٽُبي ڏيئي اچي. وگيانين جو سرتاج، آلبرٽ آئينسٽائين، جو يوت ٻچي ويو آهي، تنهنکي ڪير ڪيئي؟ چي انسانو ياد رکو ته هينئر جنگ ٿي ته اُنهيءَ کان پوءِ جنگ ۾ پٿرن کانسواءِ ٻيو هٿيار ڪو نه ٻچندو. ائٽم بمن مان جيڪڏهن ڪي جزوي انسان ٻچي به نڪتا ته هنن جي حالت حيوانن کان ڏورو ڪو مٿي هوندي، بنان استر بنان شستر، بنان گيان بنان وگيان، بنان اجهي بنان اوجهي.

هن ڏڪ ڏڪ ۾ هراس جي بنهه اُبتڙ به رد عمل ٿي رهيو آهي، ۽ جيوت ۾ ٿوڙي ساهتيه ۾ نغارا وڄي رهيا آهن ۽ اعلان ٿي رهيا آهن ته انسان حيوان نه

يعني مهاديوتنهنکي اسين سڏيون اسر يا راڪشس، جنهن
کي اسين ڪونيون ديوتا تنهن کي ايراني چوڻ ديو يا
شيطان. مڙيئي عمل ۽ رد عمل جو فرق آهي.

هاڻي اچو ته ڏسون ته اج کهڙو عمل اسانجي
جيوت جي کيتر ۾ نمايان آهي ته پوءِ سڌ پوندي ته رد
عمل کهڙو آهي. کهڙي آهي استٿي اسانجي من وچن ڪرم
جي، کهڙي ڏس ۾ اسانجو رخ آهي، کيتري پاڻيءِ
۾ آهيون؟ اچو ته جاچون. توريءِ ئي سمجھ وارا ب
پروڙي ويا آهن ته اسانجو من وچن ڪرم هڪ عجيب
ترتلي ۾ آهي، هڪ وچتر گهٽنا جي چنبي ۾ پيل آهي،
هڪ وسامندڙ جوت مثل آهي. اسين ايترو ته هنر
وگيان جي اُتاهينءَ تي رسي ويا آهيون، جو اوڙاهه
پوڻ کانسواءِ ٻيو رستوئي نظر نه ٿو اچي. اسانجو يگ
آهي اجهو کي اِجهو ڪرياسين وارو يگ Age of
Brinkmanship. سمجهو ته ڪنهن غار يا پاتال جي
ڪناري يا اڻ تي بينا آهيون؛ پر ڏڪ ڏ ڪ ۾ آهيون
ته ڪنهن به وقت پير ٿڙڪي وڃي. اسين آهيون
اُنهيءَ ٻڪريءَ وانگر، جنهنجي پير ۾ سائو گاهه ٻرا
هڪيو تڪيو آهي، پر سامهون اُتس شير ٻبر جنهنجي
گجگوڙ سندس هردي کي ڏڪائي رهي آهي، الائي
ڪڏهن شينهن جو چنبو ٿو ٻڪريءَ تائين پهچي وڃي
جيڪي ڪائون تا پيٺون تا تجربا تا ڪريون، مزا

هي عمل ۽ رد عمل، هيءَ نوڙ جي ٻنهي پاسن کان ڇڪ، هي آس ۽ نراس جو ضد، هڪ سندر ۽ منهين مورت آهي. جنهنجو جيس نه ليندو. هڪ پاسي اوزارن ۽ ڪلن جي ڌم آهي ته ٻئي پاسي هڪ اڻ ڏٺي شڪتيءَ جي آرتي آهي. هڪ طرف اُهي آهن جي مال اسباب کي سيڪجهه سمجهي وينا آهن، ته ٻئي طرف اُهي آهن جي هڪ لنگوٽ ۾ نهال آهن. ڪي تخت ۽ راڄ جي جستجو ۾ حيران آهن، ڪي غريبن ۽ اپيپائن جي سهائتا لاءِ پد ياترا ۾ مصروف آهن. ڪي قدرت تي چڙهائيءَ ۾ چست آهن، ڪي قدرت ڪان ٻه مٿينءَ اُتاهين تائين رسڻ ۾ مست آهن. ڪن جي ليکي هيءَ حياتي ئي سڀ ڪجهه آهي، ڪي هيءَ حياتي آسماني ڏاڪڻ جو هڪ ڏاڪو سمجهي وينا آهن. هڪڙن وٽ خورد بيني آهي جنهن ۾ ننڍڙي چيز ٻه ديو پيئي ياسي، ڪي دوربيني لڳائي پري جو ن چيزون نيڙي تا آڻين ۽ اڻ ڏٺلن جو درشن ڪن ۽ ڪرائين.

هنن ٻن پرڪار جي ماڻهن ۾ ٻيون سڀ ڳالهيون مختلف آهن، پر هڪ ڳالهه ۾ بلڪل ساڳيائي آهي. سندن منزل هڪ آهي، بنياد هڪ آهي، اُديش هڪ آهي: ٻئي **سچ** جا ڪانکي آهن، ٻئي **سچ جي پيروي** ڪرڻ تا گهرن. گياني ۽ وگياني، ڪلاڪار ۽ هنر وارا سچ جي تلاش ۾ آهن، پوءِ ڪنکي سچ تو ڏسڻ ۾ اچي

آهي، نہ تي سگهندو، گيان ۽ وگيان جو انت تباهي نہ
آهي پر زندگي، آداسائي ۽ نراسائيءَ لاءِ ڪو سبب
ڪونهي. دنيوي سوچ ۽ سمرتيءَ مان وشواس نڪتو
تہ هينئر ويساهہ وڃي ڪٿو آهي هڪ اهڙيءَ ويڪتيءَ
۾ جا قدرت جي چڪر کان بلڪل مٿي ۽ آزاد آهي،
جنهن ۾ سمائجي وڃڻ سان سڀ ڏک ڏاکڙا ڦري صحت
۽ راحت ٿا ٿين. وڏي ڳالهہ تہ ٻاهر جي پتڪيل اِنسان
کي محسوس ٿيڻ لڳو آهي تہ اوهانجو آڌار اوهانجي اندر
۾ ئي آهي:

وڃين ڇو وڻڪار، هٿ نہ ڳولين هوت کي
لکو ڪين لطيف چئي ٻاروچو ٻئي پار

....

نائين نيڻ نهار، تہ تو ۾ ڏيرو دوست جو.

اُهو انحد شبد جنهن ارجن کي ڪرڪيتر ۾ اوج تي
رسايو، اڄ بہ مٺر مٺر لات لنوي رهيو آهي: سڀ ڏر ۾
لاڳاپا ڇڏي منهنجي شرن ۾ اچ، مون۾ وسرام پاءِ، تنهنجو
ڪلياڻ ٿيندو. پر هيءَ ويڪتي، هيءَ شڪتي البت
گهري ٿي تہ ٻيا سڀ واسطا ٽوڙ، ٻيا سڀ لاڳاپا لاهہ، ٻيا
سڀ واهرو تجي ڇڏ، جي منهنجي هٿن ۾ رسڻ تو
گهرين. جيسين ٻاهريون وسيلو اٿئي تيسين مونوٽ نہ
رسندين:

گهڙو ڀڳو، منڌ مئي، وسيلا ويا
تهان پوءِ سٽا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.

(ڪال) آهي نہ مڪان، نہ سبب نہ ڪرم جو چڪر. هو زمان ۾ هوندي بہ اڪال پرک ۾ سمايل آهن، هو مڪان ۾ رهندي بہ لامڪان آهن، ڪرم ڪندي بہ ڪرم جي چڪر ۾ ڦاٿل نہ آهن. بدن جي حدن ۾ رهندي بہ لامحدود آهن، من ٻڌ واٽيءَ کان پري نرمل اگوچر ۾ رتل آهن. هو هڪ اهڙي پد تي پهچي ويا آهن جتي نڪا آهي چنتا نڪا ڏک ڏک، نہ هن دنيا جو ويچار، نہ هُن دنيا جو فڪر. هنن انيوي پرشن سان معمولي قاعدا نہ ٿا لڳن. هي اُهي برهم گياني آهن جن کي ڪو ليپ نہ ٿو لڳي سگهي. هو ڪنول وانگيان ڪنهن بہ چوپ کان ڇتل آهن. هي اُهي سچ جا پيرو آهن جن کي ايشور يا ايشور اُپاسنا جو بہ ٻنڌن ڪونهي. ايشور کي جپيندڙ اِنسان ڪو سپ برهم گياني يا يگت تورائي آهن. ايشور جي نالي ۾ جي ڪڪرم ڪيا ويا آهن، تنجو نالو ٻڌي بدن ۾ سيسرات ٿا پون. ايشور اُپاسڪن ڪروڙن بيگناه مردن ۽ زالن کي جيئرو باهہ ۾ جلايو هوندو ۽ ڪڳيون هنيون هونديون تہ اسين ستيہ يا ايشور جي پيروي ٿا ڪريون. هن سنسار جي سڀ کان وڏي هستيءَ، اِنسان ذات جي سرومڻيءَ، گوتم ٻڌ ايشور جو نالو نہ ورتو، لکي نهروءَ ئي ورتو، نڪي جين مني ئي ٿا وٺن. پر سچ جي پيروي ڪندڙن جي پهرين صف ۾ هيءُ ئي بيهڻ لائق آهن.

قدرت تي سوڀ پائڻ ۾، ڪن کي سندرتا جي هزار روپن ۾. اِنهن سڀني جي جڙ ۽ جهد جو مطلب هڪ آهي ته سچ کي ڄاڻون، سچ کي سڃاڻون. سچ يا ستيه اُهو جو آهي، ڪوڙ يا اَستيه معنيٰ اُهو جو نه آهي. انهيءَ آهي ۽ نه آهي جي تلاش ۾ گيان ۽ فن ۽ هنر وارا جان جي بازي کيڏڻ لاءِ تيار آهن. وگيانين پنهنجي منڙي جند تي انيڪ وار خوفناڪ تجربا ڪيا هوندا ته سچ يا اصليت کي سڃاڻن. هو ڀاڳڪي به ٿا ڳارين، سڀني وستن کي به ٿا ڳارين ته تہ ۾ وڃن ۽ سچ کي پاڪر ۾ آڻين. هنر وارا به سونهن کي پنهنجن رچنائن ۾ ٿا اوتين ته سچ جو جلوو ماڻين. اجا ته منجهائن ڪو چٽي نه سگهيو آهي ته سچ ڪهڙي بلا آهي. هڪ وگيانيءَ چيو آهي ته سچ يا اصليت هڪ شبد آهي، هڪ رس آهي، هڪ لهر آهي جنهنکي حسابدان جو انگ چٽجي يا ڳويي جو سرود، جنهنکي جهٽي نه تو سگهجي، پٽيءَ تي آڻي نه ٿو سگهجي.

پر اُهي به آهن جن وٽ خشڪ گيان ڪونهي، اونهو وگيان ڪونهي، هنر ۽ ڪلا تي دسترسي نه آهي؛ سي به **سچ جي پيروي** ڪندا ٿا رهن. اُنهن جي وات آهي پڳتيءَ جي، انيوَ جي، پاڻ سڃاڻڻ جي. اُهي انهيءَ سچ جي ڳولا ۾ آهن، جنهن کي ڄاڻڻ سان جيون جا سڀ بندن ڪٽجي ٿا وڃن. هنن جگياسن لاءِ نه زمان

ڪجهہ اِهو ماڻهوءَ جي اندر ۾ آهي، سندس نس نس سان جڪڙيل آهي. پر اها جاڻ تڏهن ٿي پوي جڏهن پڪي پڪي انيئو تو حاصل ٿئي:

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ
تہ ڪيِ ڏونگر ڏيهہ ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

هن انيوَ لاءِ زبان سان ڪجهہ آکڻ يا مڃڻ ڪا معنيٰ ڪانہ ٿو رکي. انيوَ لاءِ جاڪوڙ ڪپي، ساڌن ڪپن، وشوَ سان هڪ ٿيڻ ڪپي. سچ جا بہ گهڻا تهہ ۽ ڏاڪا آهن. هينين ۾ هينيون تهہ يا ڏاڪو آهي ٻاهرين شين جي سڃاڻ ۽ جاڻ. هر ڪنهن کي جاڻ سڃاڻ آهي تہ ٻاهہ ساڙيندڙ آهي. گينوار ۾ گينوار آدمي بہ هٿ ٻاهہ ۾ نہ وجهندو، توڙي هزار اُپديش ڪريوس تہ هٿ نہ سڙندءِ. سچ کي ڪير مڙوئي سگهندو؟ پر مٿين طبقن تي سچ سڃاڻڻ محال آهي. ڪپٽي ماڻهوءَ کي سمجهايو تہ ڪپت ڪوڙ مان توکي وڏيڪ نقصان ٿيندو بنسبت اُنجي جنهنکي تون ٺڳڻ ٿو گهرين؛ هو ڪداچت نہ مڃيندو. انيوي اِنسان هڪدم سمجهي ويندو تہ منهنجي ڪوڙ ڪپت اڳلي کي نقصان رسايو نہ رسايو، مونکي تہ جهنم ۾ پهچايو. سچ جي وڏي ۾ وڏي منزل جنهن تي ڪو جزوي منش ٿو رسي سا آهي اُها جتي پهچي سچ جو پيرو پاڻکي وشوَ سان هڪ ٿو سمجهي ۽ خسيس

اُنکي سچ جي مورتي پوڄا يا نہ پوڄا ۾ ڪو اچي وڃي.
هڪ سچ جي پيرو، سوامي ديانند، شوَ جي مورتي پوڄا
کي اَستيہ ظاهر ڪيو، تہ ٻئي سچ جي پيرو، پرمهنس
رامڪرشن، ڪاليءَ جي مورتيءَ ۾ وشوَ سچ جو درشن
ڪيو. انيوي پرش لاءِ سچ انيڪ، اننت، اڻ لکائتي
وستو آهي، ۽ هنکي ستہ آهي تہ سچ جي وات ۾ ويندڙ
اُنهن سورداسن وانگيان آهن، جي هاٿيءَ کي ڏسڻ ويا
۽ هڪ هڪ پنهنجو جدا جدا بيان ڪيو تہ هاٿي پيلپائو
آهي، هاٿي وڏو وڇڻو آهي، هاٿي مڙيل لڪڙي آهي
وغيره وغيره. سڀني سچ ڳالهايو ۽ سڀني غلطي بہ
ڪئي. ائين ڪو نہ لاف هڻي تہ سچو سچ هن ڄاتو
سڃاتو آهي. سچ آهي گهڻن منهن وارو هيرو جنهنجا
سڀ منهن سڃاڻڻ ڄاڻڻ ممڪن نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سچ
انيڪ آهي، اننت آهي، سوکيم آهي، اُنهيءَ جي تلاش
ٿيندي ئي رهندي.

سچ جي پيرويءَ جي وڏي صفت هيءَ ئي آهي
تہ پيروي بس آهي، ڇاڪاڻ تہ سچ کي روپ نہ آهي،
مقدار نہ آهي، حد نہ آهي. هرڪنهن ماڻهوءَ جو سچ
پنهنجو پنهنجو آهي، پاڻ سان آهي. ٽيهہ پکي جي
سيمرغ جي ڳولا ۾ ويا سي جڏهن پڄڪي پهتا موٽيا
تڏهن انهن ٿيو تہ سيمرغ ٻيو ڪو نہ هو، پاڻ ئي هئا
(سي = ٽيهہ، ۽ مرغ = پکي). سچ کي ايشور چئو يا ٻيو

يا شرط نہ ڪري جاڻي، درشتانت نہ ڏيئي جاڻي، حوالا نہ ياد ڪرڻ جاڻي. اهي خوبيون بلڪل جزوي ليڪن ۾ آهن. مونکي يقين آهي تہ تيرٿ سياڻيءَ جو سچ جو سنيهو شنڌين وٽ دور دور پهچي ويندو ۽ ڪيترن کي ڪرتارٿ ڪندو. هي ڪتاب البت جدا جدا ليڪن جو سنگرهہ آهــــي، تنهنڪري ڪي ڳالهيون وري وري دهرايون ويون آهن، پر سڀ ليک هڪ ڌاڳي ۾ پوتل آهن ۽ سندن اثر هڪ ئي آهي ۽ نہ جدا جدا. هڪ ٻن هنڌن ليک نالا گڏي ويو آهي جيئن ڪ ڪرست جي ماءُ ميريءَ جي مڙس جو نالو ڊيوڊ ڄاڻايو ويو آهي جو غلط آهي. ٻئي ڇاپي ۾ اهي خسيس چوڪون سڌاري سگهبيون. هن ڪتاب اندر اُهو طعام پرچيو ويو آهي جنهنجي ورتائڻ سان من کي مــــوج ملندي، دل کي تقويت ۽ اندر کي آنند.

١٧ ڊسمبر، ١٩٦٤ع

لالسنگهہ اجواڻي.

۾ خسيس جيو جنتر لاءِ پنهنجي جان، ۽ اُنهيءَ کان وڌيڪ پنهنجو سڀ بل پراڪرم بـــذي پڳتي، آڇڻ لاءِ تيار تو رهي. هن منزل تي اِنسان سچ يا ايشور سان هڪ ٿي تو وڃي، ڏُئيءَ مان نڪري هو ايڪتا ۾ تو وسرام پائي. انيوي پرش هن ايڪتا، هن مؤج، هن آنند ۾ سولائيءَ سان تو پهچي، گياني وگياني ڪلاڪار کي دير ٿي لڳي هن منزل تي پير رکڻ ۾. پر جيئن منڊ هڪ هون تيئن پچاڙيءَ جي منزل بہ سچ جي پيروي ڪندڙن جي هڪ ئي آهي: وشوَ جو درشن ڪرڻ، وشوَ کي سڃاڻڻ، وشوَ ۾ سمائجي وڃڻ. اها آهي پوئين منزل سچ جي پيروي ڪندڙن جي، جنهن منزل کانپوءِ ڪرم يا ڌرم تي نہ تو سگهي.

منهنجي متر، تيرٿ سيائيءَ، هن سندر ڳتڪي ۾ انيوي پرشن جي مهما ڪئي آهي، جن **سچ جي پيروي** ڪئي آهي، ۽ جن ٻين کي بہ هدايت ڪئي آهي تہ اهـــا پيروي ڪيو. ڪتاب جو نالو پرمانند ميوارام جي ڪتاب (اُلٿـو ٽيل) ڪرسٽ جي پيروي تان ورتـو اٿائين، پر سندس ويچار ۽ وسنار پنهنجا آهن. جن تيرٿ سيائيءَ جي اڳين رچنا **دل ڪر درخت جي دستور** مان لاڀ ورتو آهي، تنکي پڪيءَ پت سد آهي تہ تيرٿ سيائيءَ جي لکڻيءَ ۾ هڪ عجيب قسم جو اُتساه آهي، مينناج آهي ۽ رواني آهي. تيرٿ سيائي

•

سچ جي پيروي

سنسار ۾ جدا جدا گروهن جا ماڻهو جدا جدا نمونن ۾ پنهنجو جيون گهارين ٿا. مثلن ڪنهن ڪٽنب جا جوان ڀاتي اڪثر پنهنجي پريوار لاءِ آجيوڪا حاصل ڪرڻ ۽ اُنجي پالڻ پوشڻ ۾ رُڌل آهن؛ وديارٿي پڙهڻ لکڻ، گهمڻ گهتڻ ۽ راند روند ۾ مشغول آهن؛ زالون گهڻو ڪري گهر جي ڪرت ڪار ۾ لڳل آهن يا اڄ جي زماني ۾ ڪي گهر جي آمدنيءَ کي وڌائڻ لاءِ نوڪريون ڪري رهيون آهن؛ برڙ اوستا کي رسيل- پرش ۽ استريون وري مندرن ۽ ٺڪاڻن ۾ ڪٿا ڪيرتن يا گهر ۾ گپ شپ يا آرام وسرام ۾ زندگيءَ جا باقي ڏينهن صرف ڪن ٿا.

ساڌارڻ ريت اسين سمجهندا آهيون ته اسانکي ننڍو واپار ڪري ڪمائڻو، کائڻو پيئڻو ۽ گهر جي ڪم هاج ڪرڻي آهي، ۽ حياتيءَ جا ڏينهن گذاري سنسار سان الوداع ڪري راهه رباني وٺڻي آهي. مگر رڳو کائڻ پيئڻ ۾ وقت گذارڻ جي جيون ته ڪتا ٻلا، ڍور ڍڳا ۽ پسون پکي به بسر ڪري رهيا آهن. انسان ۽

اثر آهي ، احساس آهي تہ انسان کي ايشور ئي آپايو آهي. نہ تہ هوند ڇو اسين مندرن ۾ مڙهين ۾ وڃي، ايشور جي مورتين ۾ ناڪرن جو درشن ۾ پوڄا ڪريون، پڇن ياو ڪريون ، ڪٿا ڪيرتن ٻڌون ، آرتيون ڪريون ، گھنڊ گھنگھرو، ناد نغارا وغيره وڄايون ۾ گھرن ۾ بہ پيا پاٺ پوڄائون ڪريون، ڌارمڪ پسنتڪ ۾ پوٿيون پڙهون. وقتي رام نام بہ جپيون ٿا، سمرني بہ سوريون ٿا، جپ صاحب ، سکمني، گيتا وغيره جو نيم سان پاٺ ڪريون ٿا.

اسين اڪثر ڪري ائين سمجھون ٿا تہ ايشور جي پاٺ پوڄا ڪئي سون، پوٿيون پراڻ پڙهياسون تہ ڌرم جي پالنا تي چڪي ۾ اسانجو فرض پورو ٿيو. پوءِ پل تہ ڪوڙ ڪپٽ ڪريون، ٺڳيون دولاب ڪريون ۾ ٻين کي پيڙي پئسو ڪمايون. ڇا، اهو ايشوري مارگ تي هلڻ آهي؟ ڇا ان مان من شانت رهي ٿو؟ آنند پراپت ٿئي ٿو؟ ڇا اهو سچ آهي؟

سچ تي ڇو هلجي؟

اسانجا رشي مني، پير پيغمبر، سنت ساڌو ، مهنت مهاتمائون ٻڌائي ويا آهن تہ منش جو ڪرتويہ آهي ايشوري مارگ تي هلڻ ، سچ جي پيروي ڪرڻ. اُپنشدن ۾ پرارٿنا ڏنل آهي " اَستو مان ستيہ گميہ! " اَست يعني ڪوڙ مان ست يعني سچ ڏانهن نيئي

پکي ۽ پسون۾ ته وڏو فرق آهي. اسان کي سائين۾ سمجهه ڏني آهي، دماغ ڏنو آهي، بُڌي ڏني آهي، ساڃهه ڏني آهي؛ جيئن سوچ ويچار ڪريون. ته اسان کي ڪهڙي قسم جي جيون گهارڻي آهي، ته اسان جو ڀلو ڇا ۾ آهي، برو ڇا ۾ آهي، ته اسانجو فرض ڪهڙو آهي، ڪرتويه ڪهڙو آهي ۽ ڌرم ڇا آهي.

اسانکي پنهنجي پريوار جي پالنا لاءِ ڪمائڻو برابر آهي. پر ائين آهي ڇا ته ڏوڪڙ ڪمائڻ خاطر اسان کي ڪهڙا به طريقا ڪتب آڻڻا آهن، پوءِ اُهي سڌا هجن يا ڏنگا، سُلٽا هجن يا اُلٽا، اُبتا هجن يا سبتا، اُنهن ۾ ٺڳي هجي يا دولاب، کوٽ هجي يا فريب؟

ٻيو به هڪ سوال آهي: اِنسان کي صرف پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب قبيلي جي سار سنڀال لهڻي آهي، پنهنجي۾ ئي پورو رهڻو آهي، ڪين ٻيو به ڪجهه ڪرڻو آهي، ٻين جي به اون رکڻي آهي ۽ سڌ سماءُ لهڻو آهي؟

اسين هن سنسار ۾ ائين ئي، اَچانڪ، بنا ڪنهن مراد يا مقصد، آدرش يا اُديش جي ته ڪونه آيا هونداسون. اسانجو جنم هڪ اتفاق ته ڪونه هوندو؟ ڪنهن ته شڪتيءَ، ڪنهن ته ويڪتيءَ اَسان کي خلقيو هوندو ۽ اسان کي خلقڻ ۾ ڪونه اُنجو مطلب مقصد هوندو. اسانجي دلين تي اهو ته چٽجي ڪٽي

قرب اُتپن تو ٿئي. اسان کي اندر ۾ تسلي ۽ تصديق ٿي ٿئي ته سندن رهڻي کهڻي ۽ سندن مارگ ايشوري مارگ، سچ جو مارگ آهي. سندن گڻ جن جي ڪري اسين کين پوڄيون ٿا ۽ گهور تپسيائن بعد هنن کي جيڪو انڀؤ ٿيو ۽ سندن اندر مان جيڪي پروچن نڪتا، ۽ جي سوين هزارين سال قائم دائم رهيا آهن، سي ئي لاشڪ سچ آهن. اسانکي اُنهن جي ئي پيروي ڪرڻ جڳائي.

ڇو ٿا سمجهون اهو سچ آهي؟

راوڻ ۽ ڪنس کي به گذر ڪئي هزارين سال ٿي چڪا آهن. سندن نالا به اسانکي ياد آهن. پر اسين کين نفرت جي نگاهه ۽ ڌڪار جي درشٽيءَ سان ڏسون ٿا. سال به سال دسهڙي جي ڏينهن راوڻ جو بوتو جلايون ٿا. ان مان اهو پرسڌ آهي ته هن پنهنجي جيون ۾ اهڙو ڪجهه ڪيو، جنهن ڪي اسين نندیون ٿا، ۽ مٿس ملامت ۽ ڦٽڪار وجهون ٿا. راجا رامچندر راوڻ جي زماني ۾ ۽ سري ڪرشن ڪنس جي زماني ۾ هن پرٿويءَ تي گذاريو، پر اسين راوڻ ۽ ڪنس کي ڌڪاريون ٿا ۽ رامچندر ۽ ڪرشن لاءِ شرڌا ڌاريون ٿا. اُن مان نرنيه تو ٿئي ته راوڻ ۽ ڪنس جيڪا جيون گذاري سا اسان کي پسند ڪينهي ۽ اها انڪري سياويڪ پاپ جي جيون چئبي.

هل! اسانجي سرڪار جو اُديش آهي "سچ ايؤ جيتي!" سچ جي سدائين جيءَ! سنتن مهاتمائن تياڳ ۽ تپسيا جي جيون اختيار ڪري، لڳاتار پاٺ پوڄائون ۽ جپ تپ ڪري، اسالڪي پنهنجي انيوَ مان بڌايو آهي، ائين ڪٿي چئجي ته اسان ۾ سنسڪار وڌو ويو آهي، ته سچ ڇا آهي ۽ سچ جي پيروي ڪهڙيءَ ريت ڪجي.

ڪير سنت مهاتما آهن؟

هر هڪ انسان جو سنسار ۾ جائو آهي، سو حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪري، پرلوڪ ڏانهن راهي ٿئي ٿو. جڳت جي اُتپتيءَ کان وٺي سون هزارن سالن ۾ ڪروڙين انسان گذر ڪري ويا آهن. مگر اسين صرف ڪن ٿورڙن - ڪرشن ڀڳوان، راجا رامچندر، بڌ ڀڳوان، جيسو ڪرست، پيغمبر محمد، گرو نانڪ ديو، سري رامڪرشن پرمهنس، سوامي وويڪانند ۽ ڪن ٻين ڪي شرڌا سان ياد ڪريون ٿا. اُنهن جا جنم ڏينهن شرڌا ۽ سڪ سان ملهايون ٿا. جنڪي اسان نه ڏٺو نه ٻڌو، تنڪي ڇو ٿا ياد ڪريون، ڇو ٿا سندن پوڄا ڪريون ۽ سندن مورتن اڳيان سيس نمايون؟ اِن مان لاشڪ پرسڌ آهي ته هنن ۾ ڪي اهڙا گڻ هئا يا هنن اهڙا ڪي ڪاريه ڪيا، جنجي ڪري اسان جي اندر ۾ ازخود هنن لاءِ شرڌا ۽ سنبهه، پريم ۽

جو وقت اچي پريو آهي. اوهين اکيون کوليندا ته
مونکي پنهنجي ٻالڪ جي روپ ۾ ڏسندا. هي پتا! .
مون کي پنهنجي اشت متر راجا نند وٽ گوڪل ۾
ڪٺي هلجو. نند جي استري يشودا کي هڪ ڪنيا
ڄائي آهي. اُها ڪنيا کڻي، اُنجي جاءِ تي مون کي
رکي اچجو ۽ اُها ڪڪي کڻي اچي هن قيد خاني ۾
رکجو.“ ڪرشن کي ٻالڪ جي روپ ۾ ڏسي،
ديوڪي گد گد ٿي. وسديو جون زنجيرون ٽٽي پيون
۽ ٿهه پهه اسرار پرئي نموني قيد جي قلعي جا دروازا
کلي ويا ۽ هو ٻالڪ سميت ٻاهر نڪري آيو. جمنا
ندي پار اُڪري، گوڪل ۾ پهچي ويو. يشودا جي
ٻالڪي کڻي هن پنهنجو ٻالڪ سندس پاسي ۾ سمهاريو.
اهڙيءَ ريت ديوڪيءَ جي پيٽ ڄائو ٻارڙي ڪنس
جي هٿان قتل ٿيڻ کان بچي ويو.

سري ڪرشن گيتا ۾ اسانکي ٻڌايو آهي ته منش
کي ڪهڙيءَ ريت هلڻ گهرجي. ديا جو پنبدار هجي،
”مان مان“ کانئه هجيس، اُسوارٿي هجي، ٿڌي
ڪوسي، سردي گرمي، مان اپمان ۾ سمدرشٽي
ڌاري، لاڀ الاڀ، هار جيت، خوشيءَ غم ۾ سنتوش
ڌاري، رحمدل ۽ ڪمياوان هجي، سدائين سنتشٽ
هجي، نرڀيه رهي، دوست دشمن سان ساڳيو ورتاءُ
ڪري، نندا اُستتيءَ کي هڪ سمان سمجهي، پنهنجي

رامچندر ۽ ڪرشن جيڪا جيون گذاري سا اسانکي پسند آهي ۽ الڪري اُها تي پڄ جي. ان جي معنيٰ ته جنکي ياد ڪري اسين عزت تا ڏيون، جن لاءِ اندر ۾ پريم تو جاڳي، شرڌا تي اُتپن ٿئي، تن جيڪي چيو ۽ ڪيو سوئي نسنديهه اسان لاءِ سچ آهي. اُهي مهاپرش آهن ۽ پرٿويءَ تي ايشور جا اوتار سمجها وڃن تا. ڪن جا ته جنم به اهڙي انوکي طرح ٿيا آهن، جو من تي اثر تو پئدا ٿئي ته پريو پرماتما پاڻ منش ديهي ڌاري پرٿويءَ تي اچي پٽي پر گهٽ ٿيو آهي.

سري ڪرشن ڀڳوان

ڀڳوان ڪرشن جو جنم جيل ۾ وچتر نموني ٿيو. وسديو ۽ ديوڪي جنکي ڪنس قيد ۾ قابو ڪيو هو سي هڪ دفع، جيل ۾ پرارٿنا ڪري رهيا هئا. پرارٿنا ڪندي ٻئي ٻي سرت تي ويا. ان وقت هڪ عجيب پرڪاش سندن ڪمري ۾ ڦهلجي ويو. اٿاهه آنند سان سندن هردو ڀرجي ويو. ايتري ۾ پريم جي مورت سندن اڳيان پرگهٽ ٿي. مڌر آواز ۾ مشڪندي ايشور کين چيو، "هي منهنجي ماتا، هي منهنجا پتا! اوهين وڌيڪ شوڪ کين ڪريو. مان اچي ويو آهيان. پنهنجي ڀڳتن جي رکشا ڪاڻ ۽ اوهان کي بچائڻ لاءِ. پاپي ڪنس جي موتيءَ

آنند ۾ پرجي وئي . بڌ - جنم وقت، پراچين گرنٿ چون ٿا ته آڪاس ۽ ڌرتيءَ گڏجي نمسڪار ڪيو. ديوين ۽ ديوتائن سهايتا لاءِ اچي سهڙيا. چون ٿا ته جمڻ سان ٻرانگهون پريائين ۽ چيائين: "مان لوڪن ۾ اُتم آهيان. منهنجو هيءُ آخرين جنم آهي." وڏيڪ چون ٿا ته مها برهما پاڻ اُن وقت سون جي جاري ڪٺي ٻالڪ کي ورتو ۽ مها مايا کي ارپن ڪندي چيائين: "آنندت ٿيءُ راڻي. هيءُ اُهو ٻالڪ جنميو آهي، جيڪو وشو جو آڌار ٿيندو."

ڪجهه وڏو ٿيو ته تخت تاج، عيش عشرت جي محلاتي جيون جو تياڳ ڪري، جهرن جهنگلن ۾ ڏک ڏاکڙا، ڪشٽ ڪليش سهن ڪري، پنهنجي سنهي پيٽ کي روٽي ٽڪر پهچائي، سالن جا سال گهور تپسيائون ڪري، پپل جي ورڪش هينان لڳا تار ڌيان ۾ ويهي، نرواڻ پراپت ڪيائين ۽ ويساکيءَ جي ڏينهن سماڌيءَ ۾ اچي، انيڪ ڪيائين "ڪجهه به نتيه ڪينهي. پاڻڪي الڳ سمجهڻ پاڻکي دکي ڪرڻ آهي. مٽري ئي سنسار جو سچو بل آهي. پاڻکي الڳ سمجهڻ جي ڪوڙي خيال ۾، ترشنا جو ٻج ٿو ڄمي. ترشنا دک آڻي ٿي، دپ پيدا ڪري ٿي." ترشنا کي پاڙون پٽڻ لاءِ هن مديم مارگ، اشٽانگ مارگ يعني اٺن اسمن جو مارگ ٻتايو: نيڪ ويچار، نيڪ نيت، نيڪ واڻي،

ساراھہ ٻڌي ڦونڊ ۾ پيرجي نہ وڃي، گلا ٻڌي دل هاري نہ ويھي، موھہ ڪان آجو، چنتا بنا ھجي، ڪرم ڪري ڦل جي اِڇا نہ رکي.

پنھنجي پرم متر اوڌو کي ڪرشن ڀڳوان چيو "مان ۽ منھنجو" اھو ويچار تياڳي ڇڏ. اِندرين کي ضابطي ۾ رکي پنھنجو ھردو پوترو رکہ. ڦل جي اِڇا کانسواءِ ڪلياڻڪاري ڪرم ڪندو رھہ تہ ٻرا ڪرم يا ٻرا ويچار تنھنجي اوڏو بہ ڪين ايندا. سڀني جو گھٽگھرو ۽ متر ٻڻجي، سرشٽيءَ جي انگ انگ، ذرڙي ذرڙي ۾ منھنجو روپ ڀسي، دک ۽ شوڪ کان ڇوٽڪارو پائي، تون موکش پد کي پراپت ڪندين. منش لاءِ سڀ کان اُتم پد آھي اِڇا رھت ٿيڻ. دک جو ڪارڻ موھہ آھي. موھہ اندڪار مثل آھي. موھہ کان مڪت ٿيڻ سان آنند پائجي ٿو. گلا ۽ ساک ساڳي ڳالھہ آھي. ڪنھن کي ڪين رنجاءِ. سچائي ۽ ايمانداريءَ سان ھل. ساڙ وير کان دور رھہ. اجايو سجايو ڳالھائڻ کان پري رھہ. نالي ۽ ناموس لاءِ ڪين تڙف. سڀني سان وھنوار ۾ سڌو رھہ.

ٻڌ ڀڳوان

ٻڌ ڀڳوان جي جنم کان اڳ سندس ماتا مايا ديويءَ سپنو لڌو. ڏٺائين تہ آڪاش مان ھڪ ستارو چمڪات ڪندو، شرڙات ڪري، سندس اندر ۾ ڀيھي ويو.

ميريءَ کي ڀت ڄاڻو.

ٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ ڪرست پنهنجي ماتا پتا کان موڪلائي تياڳ جو جيون اختيار ڪيو. بيابان ۾ جتي چيتا، شينهن، گدڙ، بگهڙ ۽ ٻيا جهنگلي جانور رهندا هئا، اُتي چاليهه ڏينهن لڳاتار پرارٿنا ڪيائين ۽ اُپواس رکيائين. چاليهن ڏينهن جي گوشي نشينيءَ کان پوءِ احساس ٿيس ته مالڪ مون تي خاص ڪم رکيو آهي. اُپديش ڏيڻ لڳو:

"اوهين پنهنجي مالڪ پريو پرميشور کي پنهنجي سموري هردي، سموري جان ۽ سموري ٻل سان پريم ڪريو. هيءَ آهي پهريون اُپديش. ٻيو آهي: پنهنجي پاڙيسريءَ کي پاڻ جيئان پيار ڪريو. اُنکان وڌيڪ ڪو اُپديش ڪونه آهي."

ڪنهن پڇيس "توهانجو فرمان ڪهڙو آهي؟" چيائين "خون نه ڪريو، وڀچار نه ڪريو، چوري نه ڪريو، ڪوڙي گواهي نه ڏيو."

وڌيڪ چوندو هو: "پنهنجي شتروءَ کي به پيار ڪريو، جيڪي توهان کي ڀت پاراتو ڏين، تن تي آسيس ڪريو. جيڪي توهان کي ڌڪارين، تن سان ڀلائي ڪريو. جيڪي توهان کي آزارين، تن لاءِ پرارٿنا ڪريو، جيئن پنهنجي سورڳي پتا جا سچا سپاتر ٿيو. سائينءَ جي سرڻ وٺي، سندس اِڇا تي سنتشٽ رهو."

نيڪ ڪرم، نيڪ رهڻي، نيڪ پريتن، نيڪ سمرتي يعني سچيتنا، نيڪ ايڪاگرتا." وڌيڪ چيائين "ڏکار، ڏکار سان ختم ڪين ٿي ٿئي. ڏکار تي پريم سان ئي غالب پوڻ گهرجي، برائيءَ تي چڱائيءَ سان."

جيسوُ ڪرسٽ

جيسوُ ڪرسٽ جو جنم به وچتر نموني ٿيو. ١٥ سالن جي ڄمار جي جوان ڪنواري ڪنيا پنهنجي ڪٺيا ۾ پرارٿنا ڪري رهي هئي ته اچانڪ هڪ عجيب شخص اچي سندس اڳيان بيٺو. ڪيس سماءُ ئي ڪين رهيو ته اهو اَجنبي شخص اندر آيو ڪيئن. سمجهيائين ته هي انسان نه پر فرشتو آهي. هن ڪيس چيو "پريو پرماتما جي توتي آسيس آهي. مالڪ توسان آهي. ڊپ ڪين ڪر، توکي هڪ پٽ ڄمندو، جو ڪرسٽ جي نالي سان سڏبو. هو مها پرش ٿيندو. لوڪ ڪيس پريوءَ جو پٽ سمجهندا." ميريءَ جي اڃا شادي به ڪانه ٿيل هئي. انڪري تعجب ۾ پئجي پڇيائين: "ائين ڪيئن ممڪن ٿيندو؟" هن وراڻي ڏنس، "پرماتما لاءِ ڪجهه به ناممڪن ڪين آهي." ساڳيءَ رات هڪ جوان ڊيوڊ خواب لڌو. پرماتما جي فرشتي کيس آگيا ڏني. "ميريءَ کي پنهنجي پتني بناءِ. روح القدوس جي شڪتيءَ سان ڪيس گرڀ ٿيو آهي." ڊيوڊ ۽ ميريءَ شادي ڪئي. ٿورن مهنن بعد

برهما جي شرڻ ۾ اچي، کيس وينتي ڪئي: ”ڪرپا ڪري. منش جنم ڌارڻ ڪريو ۽ راوڻ ۽ سندس اُتياچارن جو انت آڻيو.“ هري ۽ ديوتائن جي وينتي سويڪار ڪئي. کين ٻڌائين: ”راجا دسرٿ سنتان اُتپتي لاءِ اشوميڌ يگيه ڪري رهيو آهي. مان سندس پتر جي روپ ۾ جنم وٺندس.“ اهڙيءَ ريت رامچندر جو جنم ٿيو. کيس مريادا پرشوتم سڏيو ٿو وڃي. هردو پوتر هوس، دَيا جي مورتي هو. پتا جي ڏنل پرتگيا پالن ڪرڻ لاءِ راجائي تياڳ ڪيائين. ۱۴ سال خوشيءَ سان بنواس جا ڪشٽ ڀوڳيائين. پنهنجي نردئي ماتيجي ماتا ڪيڪئي، جا سندس بنواس ۽ سندس پتا جي ديهانت جو ڪارڻ هئي، تنهن لاءِ به ڪروڌ بدران پريم دل ۾ ڌاريائين. بنواس مان واپس ورڻ بعد رام راجيه اِستاپن ڪيائين. هر هڪ جيو کي ايشور جو سروپ سمجهي، سڀيو سنڀار ڪيائين.

گرو نانڪ ديو

سري گرو نانڪ جي جنم وقت ڪمري ۾ بجليءَ جهڙو چمڪاٽ ٿيو. چوڌاري چوڌار سڳنڌ ۽ سرهاڻ ڦهلجي وئي. جيڪي بتيون ٻري رهيون هيون، تن جي روشني جهڪي ٿي ويئي، ٻالڪ جي واتان اهڙو آواز نڪتو ڄڻ ڪنهن سان ڪلي ڳڌجي رهيو هو. جڏهن هلڻ چلڻ، گهمڻ گهترڻ جهڙو ٿيو ته جيڪي،

پيغمبر محمد

پيغمبر محمد کي مکي پرسان هڪ پهاڙ جي غار ۾ خلوت ۽ گوشي نشينيءَ ۾ ڪجهه عرصو خدا جي بندگي ڪرڻ بعد، الاهي الهام آيو ۽ محسوس ڪيائين ته زندگيءَ ۾ مون کي ڪو مقصد آهي. اعلان ڪيائين "خدا جو الهام ٿيو اٿم ته اِنسان ذات لاءِ سندس قاصد ٿي رهان. سدائين سچ ڳالهايو. انجام ڪريو ته اُهو پورو ڪريو. فرض ادا ڪريو. ويڃار ڪين ڪريو. پاڪ دامن ٿيو، ناپاڪ خواهشون دل ۾ ڪين ڌاريو. ڪنهن تي اُلر ڪين ڪريو ۽ ناحق نه ڪريو. خدا جي مخلوقات سان محبت رکو. هر ڪو سنو ڪم خيرات آهي. رستي تان ٻٽر ڪٽي ڇڏڻ خيرات آهي، ڪنهن جي به گلا ڪين ڪريو."

ڪنهن پڇيس ته "ڪهڙا ڪم سڀني ۾ سٺا آهن؟" وراڻيائين "انسان جي دل خوش ڪرڻ، بکايل کي کارائڻ، ڏکويل کي دلداري ڏيڻ، غمگين جو غم مٽائڻ ۽ گهايل جو گهاءُ ڇٽائڻ."

ٻئي ڪنهن پڇيس، "پيغمبر، مون تي ڪو فرض رکو، پر ڪا ڳري ڳالهه ڪين ٻڌائجو". پيغمبر چيس، "غصو ڪين ڪر."

سري رامچندر

راماڻ ۾ لکيل آهي ته سرڳ لوڪ ۾ ديوتائن

سري رامڪرشن پرمهنس ديو

سري رامڪرشن پرمهنس ديو جو جنم به اسرار پرئي نموني ٿيو. سندس پتا کوديرام ست ورهين جي ڄمار ۾ گيا ۾ اُن پوتر استان جو درشن ڪرڻ ويو، جتي ڪرشن ڀڳوان جي پيرن جو نشان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهو ڏسي هو بي سرت ٿي ويو. ساڳئي ڏينهن رات جو ننڊ ۾ ڏٺائين ته ڪرشن ڀڳوان جي صورت اڳيان بيٺي آهي. چيائينس: "سنسار جي ڪلياڻ خاطر مان تنهنجي گهر ۾ جنم وٺندس." ساڳئي وقت سري رامڪرشن جي ماتا چندرمنيءَ پنهنجي ڳوٺ ۾ سپني ۾ ڏٺو ته ايشور اچي سندس اندر ۾ واسو ڪيو هو. ڏسڻ ۾ آيس ته شو ڀڳوان جي مورتيءَ ۾ تڪڙو تڪڙو ساهه پوڻ لڳو ۽ چندرمنيءَ جي سريرَ اندر روشنيءَ جو ترورو ڏوڪيندو گهڙيو. هوءَ ڪري پئي ۽ بي سرت ٿي ويئي. سرت ۾ اچڻ بعد سمجهڻ لڳي ته گرڀونتي آهيان. آواز ٻڌڻ ۾ آيس "ايشور تنهنجي اندر ۾ واسو ڪيو آهي." اهڙيءَ ريت سري رامڪرشن جو جنم ٿيو.

ڇهن سالن جو هو ته وات ويندي سرت هلي ويس. زمين تي ڪري پيو. ڪنهن واٽهڙوءَ اچي کنيس. اُن واقعي جو ورڻن ڪندي چيائين: "عجب قسم جو آنند هو ۽ مؤج غالب پئجي ويم، بي خوديءَ ۾ اچي ويس."

۽ هٿ ۾ هجيس، سو ٻين کي ڏيئي ڇڏي. اهڙو مها پرش جو جمندي جام هو، تنهن جو عقيدو هو ته جنهن سرجڻهار سرشٽي ناهي آهي، سوئي سيني جو صاحب آهي ۽ هرهڪ جيو ۾ وياپڪ آهي. تنهن ڪري هرهڪ جيو سان پريم پيو ورتاءُ ڪجي، هر دکيءَ انسان جو دک درد دور ڪرڻ ۽ گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ پنهنجي يٿا شڪتيءَ سهايتا ڪجي. سندس مودي خاني ۾ سدا ورت لڳوئي پيو هوندو هو؛ سندس در تان ڪو به گهرجائو خالي ڪونه موٽندو هو. ان ڳالهه تي سندس وڌيڪ زور هو ته منش لاءِ ضروري آهي نام سان لنءُ لڳائڻ. نام سمرڻ ڪندي ڪندي، سواس ۽ رڳ رڳ ۾ نام سمائجي ويندو، مايا جو موهه ٽٽي پوندو. پرماتما سان پريت جڙي ويندي، سرت سائينءَ ۾ لڳندي، ٻاهرئين وشئه واسنا جي ڇڪ لهي ويندي ۽ من ۽ اندريون ضابطي هيٺ اچي وينديون. سچا ٻلوان اُهي آهن، جي سرير جي ڪشٽن ۽ سنسار جي گلا يا موت جي پرواهه ڪانه ٿا ڪن؛ مگر جي منش سرير جي سکن، پنهنجي ساراهه ۽ عام تي رعب ۽ حشمت جمائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن، سي حقيقت ۾ نربل آهن. وڌيڪ آکيو اٿس: "منش کي پرماتما جو ڀاڳو منو ڪري ڀوڳڻ گهرجي. جيڪي نرنڪار ڪري، تنهن تي راضي رهڻ گهرجي."

ويس، تسليءِ تيس ته منهنجي پرارٿنا سويڪار ٿي آهي ۽ مڪر سنڪرات جي ڏينهن، دويه ٻالڪ سندس گود روشن ڪئي.

ٻال اوستا کان سوامي وويڪانند جو لاڙو ايشور پگتيءَ طرف هو. مٽيءَ جون مورتيون وٺي، اُنهن اڳيان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏيان ۾ ويهي رهندو هو. وقتي ته سڌ ٻڌ به وڃائي ويهندو هو ۽ بي سرت ٿي ويندو هو. سماڌيءَ ۾ ڪي درشيه ڏسندو هو. ننڍيءَ ڄمار ۾ آميريڪا وڃڻ جو موقعو مليس. اُتي سروَ ڌرم پارليامينٽ ۾ هن جيڪا تقرير ڪئي، تنهن ساري سنسار جي ودوانن ۽ فيلسوفن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو ۽ سندن ڪپاٽ کولي ڇڏيا.

هن چيو آهي، ”هيڏيءَ تپسيا کانپوءِ هن حقيقت جو اُنڀؤ ٿيو اٿم ته پرميشور هرهڪ جيوَ ۾ وياپڪ آهي. جيڪو پراڻين جي شيوا ڪري ٿو، سو لاشڪ پرميشور جي ئي شيوا ڪري ٿو. سچي اُپاسنا اِها آهي ته هردو شڌ هجي، ٻين سان پلائي ڪجي. سينبي ۾ ساڳي ئي آتما ٿي وسي. ٻئي کي ڏکوئڻ سان پاڻکي ئي ڏکويون ٿا، ٻئي کي پريم ڪرڻ سان پاڻکي ئي پريم ڪريون ٿا.“

ٻئي هنڌ چيو اٿس: ”مظلومن لاءِ پنهنجي هردي ۾ ڪجهه جڳهه ڏار. سوارٿپڻي کي تيلي ڏيئي جلائي ڇڏ. هٺ ۽ ايرکا جو تياڳ ڪري، ٻين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي،

هن هڪ ٺئون سنديش ڏنو: "ايشور جي سڄي ۾ سڄي اُپاسنا، برهم جي سچي ۾ سچي پوڄا لوڪن جي شيوا ۽ چاڪري آهي. ايشور جو اُتم ۾ اُتم سروپ منش آهي. منش جي خدمت ايشور جي خدمت آهي". وڌيڪ هن چيو: "سڀ ايشور ارپڻ ڪر، هن جي پاڇي ۾ پنو رهه؛ پوءِ تنهنجا سڀ دڪ، درد دور ٿي ويندا ۽ انيؤ ٿيندءِ ته سڀ ڪجھ ايشور جي اِڇا سان ٿي رهيو آهي. منش کي ڪامني ۽ ڪنچن سان موهه ڪين رکڻ گهرجي. آپي ۽ اهنڪار جي ميٽجڻ سان منش جا دڪ درد دور ٿا ٿين." چوندو هو: "جدا جدا ڌارمڪ مَتا ايشور کي پائڻ لاءِ الڳ الڳ واٽون آهن. انڪري اسانکي ٻين ڌرمن لاءِ به عزت جو ڀاو ڌارڻ جڳائي."

سواهِي وويڪانند

ڀنيسوري ديويءَ کي چار ڪکيون هيون. ڪڪي تي ڏاڍي دل هئس. شوَ ڀڳوان کي آراڌنا ڪيائين. سرڌا ۽ صدق سان نت نيم سان ڀڳوان جي پوڄا ڪندي رهي. هڪ ڀيري سارو ڏينهن مندر ۾ ڀڳوان جي مورتيءَ جي اڳيان ويهي رهي ۽ سچائيءَ ۽ صدق سان پرارٿنا ڪندي رهي. رات جو ننڊ هئس، عجيب سپنو لڌائين. شو ڀڳوان بالڪ جي روپ ۾ ڏسڻ ۾ آيس، هردو اتينت خوشيءَ سان ڀرجي

اسين ٻه متراچاري ڪري، مترتا جو ساڳر ٻڌجي سگهون ٿا ۽ جڳت ۾ سڀ هڪٻئي سان متر ڀاو سان رهون ته جيڪر جڳت جو روپ ئي بدلجي وڃي."

"جيئڻ معنيٰ مؤج ڪرڻ، کائڻ پيئڻ ۽ نچڻ نه، پر ايشور جي اُستتي ڪرڻ، يعني انسان ذات جي سچي شيوا ڪرڻ."

"ڪير ۾ زهر آهي ته اسين ڪير قتو ڪريون ٿا؛ ٿهڙيءَ طرح چڱائيءَ سان ڳڻ، جي پاکنڊ روپي زهر آهي ته اُن کي قتو ڪريو."

اهڙن مهاپرشن توري ۾ اسانکي جيڪي ٻڌايو آهي، مثلن "ڪنهن کي ڏکوئجي ڪين، ڪنهن کي هاڃي ڪين رسائجي، ڪنهن سان وير وروڌ نه رکجي، د يا د رشتي ڌارجي، رحمدل ڪمياوان ٿجي، جيڪو آزاري تنهن تي ٻه آسيس ڪجي، برائيءَ جي بدلي ڀلائي ڪجي، ڌڪار قرب سان مٽائجي، ٻين جي غصي تي پريم سان غالب پئجي، اؤکيءَ ويل ٻين کي مدد ڪجي، ڪنهن جو برو نه چاهجي، ڪنهن جي گلا نه ڪجي، عيب جوئي نه ڪجي، ڪوڙ ڪين ڳالهائجي، ڪپٽ نه ڪجي، سيني ساهوارن سان پريم ڪجي، مئتري ڀاونا ڌارجي، ٻانور نه ڪجي، آپي اَهنڪار کان ڪنارو ڪجي، نهنائيءَ جي وات ونجي، نسوارٿي ٿجي، چوري ٺڳي ڪين ڪجي، پرتگيا پالن ڪجي، پر اُپڪار

صبر ۽ سچائيءَ کي ساٿي بڻائي، بي داغ چريتر جي هشيار سان ڪرم ڪري سگهه. رگو پنهنجو اونو رکڻ وڏو اپراڌ آهي. منهنجو اهڙي ڌرم يا اهڙي ايشور ۾ وشواس ڪونهي، جو ڪنهن وڌوا جي ڳلن تان ڳرندا ڳوڙها اُگهي نٿو سگهي، جو ڪنهن انات جي بکئي وات تائين روٽيءَ ٽڪر پهچائي نٿو سگهي.“ وڌيڪ چيو اٿس، ”شڪتي ثواب آهي، ڪمزوري پاپ آهي. پنهنجي نسن کي بلوان ڪريو. اسانکي گهرج آهي لوهه جي مشڪن جي، فولاد جي نسن جي، مرد بڻائڻ جي مذهب جي. همٿ جو داءُ لڳاءِ. جيت سان اڳتي وڌ.“

مهاتما گانڌي

مهاتما گانڌيءَ کي سارو سنسار سچ جو اوتار ڪري ميڃي ٿو. هن اسانکي ٻڌايو ته سچ جي معنيٰ آهي ته ڪنهنکي ڏکوئجي ڪين، شتروءَ کي به ايذاءُ يا هاڃي ڪين رسائجي، ڪنهنجو برو ڪين چاهجي، ڪير برائي ڪري ته اُن سان به ڀلائي ڪجي. نه فقط واڻي پر ويچار ۾ به اَستيه کي جڳهه ڪين ڏجي. چيو اٿس:

”ٿورو ذرو ڪوڙ جو به منش کي ائين ناس ڪري ٿو، جيئن کير کي هڪ ڦڙو زهر جو.“

”سڪ جي ڪنجي سچ جي آراڌنا ۾ آهي.“ ”ڪوڙ آتما کي کائي ٿو، سچ آتما کي مضبوط ڪري ٿو.“

”جيئن پاڻيءَ جا ڦڙا گڏجي سمنڊ ناهين ٿا، تيئن

جي- ايل- ڪرافٽ جو چوڻ آهي: ”مان هردي سان پرارٿنا ڪندو آهيان، گهرائيءَ سان ويچار ڪندو آهيان ۽ سمو ايندو آهي جو مونکي جواب ملي ويندو آهي. پرارٿنا ۽ ويچار ڪرڻ ويل، آءٌ پنهنجي اندر ۾ چوندو آهيان ’ايشور، هاڻ ٻڌاءِ ڇا ڪريان؟‘ منهنجو ايمان ۽ اعتقاد آهي تہ اُن بعد منهنجي من ۾ جيڪو پهريون ويچار ايندو آهي، سو ايشور جو آديش آهي.“

نارمن ونسينٽ پيل پنهنجي Stay Alive All Your Life پستڪ ۾ لکيو آهي: ”تون، پنهنجو هرهڪ مسئلو مالڪ جي هٿ ۾ سونپ ۽ کيس وينتي ڪر تہ ’سائين، صحيح صلاح ڏينم.‘ ائين ڇئي اعتقاد ڌار تہ هو توکي مارگ ٻتائي رهيو آهي ۽ تنهنجي رهنمائي ڪري رهيو آهي. پوءِ توکي تنهنجي مسئلي جو صحيح حل حاصل ٿيندو.“

ڪرسٽ چيو آهي: ”گهر تہ ملندءِ، ڦولها ڪر تہ لهندين، ڪڙڪاءِ تہ کلندءِ.“

اڪثر ڪري اسان مان ڪيترا ڏک ڏوراپا ڪيندا آهن تہ ايشور در پرارٿنا ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون؛ ٻڌي ڪٿي ٿو. ڪن اوڙا ڪن بوڙا ڪري وينو آهي. ڪي تہ انڪري ايشور مان وشواس وڃائي ويهندا آهن. ناستڪ ٿي پوندا آهن، يا ايشور بابت اُبتو سبتو ڳالهائيندا آهن. هڪ سبب جو اسانجي پرارٿنا سويڪار ڪانہ ٿي،

جا ڪاريه ڪجن“ سوئي سياويڪ ۽ لاشڪ سچ آهي. اهڙن مها پرشن جو مارگ، ايشوري مارگ آهي، جنهنتي اسانکي هلڻ جڳائي ۽ اهڙيءَ ريت سچ جي پيروي ڪجي.

اسانجو سونهون، ساٿي ۽ صلاحڪار

ايشور، جو اسانجي هردي اندر وسي ٿو، اسانجي سرير روپي مندر ۾ براجمان آهي، سو اسانجو سدائين سونهون، ساٿي ۽ صلاحڪار آهي. هر ويل ۽ هر ڳالهه ۾ اسين ساڻس جيڪر صلاح مصلحت ڪريون، مشڪلاتن ۽ مصيبتن سمي سموريون ڳالهيون ڪيس سڻايون، ڪيس پنهنجو گهاٽي ۾ گهاٽو متر سمجهي، پنهنجو اندر سندس اڳيان رکون، سچيءَ ۽ شڌ ڀاونا سان سندس اڳيان ٻاڏايون ته اسانکي نيڪ رهنمائي ملندي، اسانکي پنهنجا منجهيل مسئلا سلجهائڻ ۾ سهايتا پراپت ٿيندي، اندر جو آواز ايندو ۽ پنهنجو انتهڪرڻ اِشارا ڏيندو.

دل سان، هردي سان، پنهنجي اندر واري ڪان کو به سوال پڇبو، سندس اڳيان ڪو به مسئلو رکبو ته جواب اوس ملندو. آمريڪا جي مشهور ڪارخانيدار

پوءِ پڪ اُها سويڪار ٿيندءِ.

"توکي ڪا مشڪلات هجي ته پرارٿنا ڪر ته اِها مشڪلات دور ٿئي. ساڳئي وقت نشچو رک ته مشڪلات دور ٿي رهي آهي، پوءِ پڪ ئي پڪ دور ٿي ويندي."

"انجيل ۾ لکيل آهي: 'ايشور اسانجو بل ۽ اجهو آهي.' مشڪلات سمي توکي آتت ۽ رکشا جي ضرورت ٿي ٿئي- توکي ٻئي ملندا. ور ور ڪري پاڻکي ياد ڏيار ته ايشور توسان آهي. هو ڪڏهن به توکي ڇڏي ڪين ڏيندو. تون اهو ڀروسو رک. هيءُ اکر چئه 'ايشور مون سان ساڻ آهي ۽ منهنجي مدد ڪري رهيو آهي.'

" اها هڪ ست آتت ڏيندي. نئين آشا من ۾ جاڳائيندي، پاڻ ۾ نئون بل محسوس ڪبو. اُنجو پريڻام اهو ٿيندو جو مشڪلات مان پار پئجي وڃبو.

"سدائين ويچار ڪندو رهه ته ايشور توسان آهي. پنهنجي بوجن بابت ڪيس ٻڌاءِ ۽ سمجهه ته هو تنهنجو بار هلڪو ڪري رهيو آهي ۽ تنهنجي سهايتا ڪري رهيو آهي. ڪلپنا ۾ هيءُ چتر آڻ ته تون پنهنجا بوجا ايشور کي بدلي ڪري ڏيئي رهيو آهين. اُهي کڻڻ لاءِ هو هردم تيار آهي."

جڏهن به ڪنهن ڳالهه لاءِ پرارٿنا ڪجي، تڏهن ايشور سان ائين ڳالهائجي، جيئن ٻالڪ هوند پنهنجي پتا سان

ٿئي، ھيءُ آھي تہ اسين ڳُهر برابر ڪريون ٿا، پر ايشور ۾ سچو صدق ڪونہ اٿئون. شڪ اٿئون. شڪ شبها نهايت ئي ھاڃيڪار ٿين ٿا. سري رامڪرشن پرمهنس ديو ھڪ دلچسپ آکاڻي ٻڌائيندو ھو.

”ڪنهن ماڻھوءَ کي ندي پار ڪرڻي ھئي. وڀيشڻ ھڪ پن تي ”رام نام“ لکي، اُھو پن سندس پلوَ جي ڪنڊ ڪان ٻڌي چيس: ”توکي ھاڻ ڪجھ بہ ڊپ ڌارڻ ڪرڻ ڪين گهرجي. وشواس رکي پاڻيءَ مٿان ترندو وڃ. باقي تنهنجي من ۾ اگر شڪ شبها پيدا ٿيا تہ ٻڏي ويندين.“ اُھو ماڻھو ويسهہ ۽ وشواس رکي مزي سان پاڻيءَ مٿان پنڌ ڪندو ٿي ويو. وچ سير ۾ ويچار آيس تہ ڏسان تہ پلو ۾ ڪھڙي شيءِ ٻڌل آهي. ڏٺائين تہ ھڪ پن تي ”رام نام“ لکيل ھو. جيئن ئي ھن سوچيو تہ پني تي تہ خالي ”رام نام“ لکيل آھي ۽ دل ۾ گمان جاڳيس، تيئن ئي سرن درياھ تي ويو.“

نارمن ونسينٽ پيل وڏيڪ لکيو آھي: ”اسانکي طلب ڪري ويساھ رکڻ گهرجي تہ جيڪي گهريو اٿئون سو مليو رهيو آهي. مثال طور جيڪڏھن ايشور کي وينتي ٿو ڪرين تہ توکي ڊپ کان آجو ڪري تہ وشواس ڌر تہ ايشور ڊپ کان آجو ڪري رھيو اٿئي. جنهن دم تون سچيءَ دل سان ايشور جي آسيس چاھين، اُن دم ڄاڻ تہ تنهنجي پرارٿنا سويڪار ٿي رھي آھي.

کان آگاهہ ڪندو هو، ڪيس پنهنجا ڏک سور ٻڌائيندو هو.

چوندو هو: "اسين ايشور جي حضوريءَ ۾ داخل تڏهن ٿي سگهنداسون، جڏهن لڳاتار ساڻس ڳالهہ ٻولهہ ڪندا رهنداسون. شرم جي ڳالهہ آهي جو اسين ٻين سنهين ٿلهين ڳالهين ڏانهن ڇڪجي ٿا وڃون، پر مالڪ سان لهہ وچڙ ۾ ڪين ٿا رهون، ڪيس حال محرم ڪين ٿا ٻڌايون."

ڪو شيءِ ڪاريہ ڪرڻ وقت ڏکيائي محسوس ڪندو هو تہ ايشور کي آراڌنا ڪندو هو: "پريو پرماتما، آءٌ هيءُ ڪاريہ ڪري ڪين سگهندس، جيسين تون سگهہ ڪين ڏيندين." پوءِ تہ گهرج کان وڌيڪ سگهہ پاڻ ۾ سمجهندو هو.

هنجو نشچو هو تہ ايشور اسان کي ڪڏهن ڪين ڇڏيندو، جيڪڏهين اسين سرل ڀاو ۾ هنجي پيش ايندا سون ۽ پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ سندس واهر لاءِ ليلائيندا سون.

ڪنهن وقت بہ ڪنهن ڪاريہ ۾ مشڪلات محسوس ڪندو هو تہ ايشور سان اُن جو ورنن ڪري ڇڏيندو هو. پوءِ جڏهن ڪاريہ ۾ هٿ وجهڻ جو وقت ايندو هوس، تڏهين جيئن آئيني ۾ منهن ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تيئن ڪيس رستو صاف ڏسڻ ۾ ايندو هو.

ڳالهائي، جنهن لاءِ سياويڪ هو پيار سان پريوئي پيو هوندو آهي. ايشور اسانجو پرم پتا آهي. پراچين پرارٿنا آهي:

تو ميو ماتا چ پتا تو ميو
تو ميو بندو چ سکا تو ميو
تو ميو ودِيا چ دروڻم تو ميو
تو ميو سروم مم ديو ديو

ايشور کي پتا ماتا سمجهي، ٻنا لڪ لڪاءَ جي، جيڪي به من ۾ هردي ۾ هجي، سو جيئن ماتا پتا کي ٻڌائبو آهي، تيئن کيس ٻڌائجي. سرل ۽ سياويڪ نموني ساڻس ڳالهائجي. لنبا چوڙا جملا، وڏا وڏاءُ ٽيل اکر ڳالهائڻ جي ضرورت ڪين آهي. پنهنجي پتا سان ائين ڪڏهن ڳالهائبو آهي؟ ايشور اسانجو سؤرڳي پتا آهي. جيڪي چاهين، سو کيس ٻڌاءِ ۽ چئينس ته منهنجي لاءِ جيڪي نيڪ هجي، سو مونکي ڏيو. اهو سڀ سچ پچ تنهنجي دل مان نڪرڻ گهرجي، ته تون مڃس ئي چڏين ته تو لاءِ فيصلو ڪري ۽ تون اُهو فيصلو خوشيءَ سان سويڪار ڪندين.

انگلنڊ جو نامڪنبو پادري برادر لارينس ايشور سان ائين بات چيت ڪندو هو، جيئن ڪنهن پريتم سان ڪجي. جيڪي ڪندو هو، تنهن کان اڳ ساڻس صلاح ڪندو هو، کيس پنهنجي ڏکيائن ۽ مشڪلاتن

پاونا سان سندس اوڏو ويندين ته جنهن لکن ڪروڙن کي مدد ڪئي آهي، سو مونکي ڪين ڇڏي ڏيندو ته توسان نيارو ورتاءُ ڪين ڪندو ۽ تنهنجي پرارٿنا سويڪار ڪندو. اپوتر ۾ اپوتر جيوَ جي به پرارٿنا هو ٻڌي ٿو. پر پرارٿنا هردي مان نڪري، رڳو اکرن مان ڪجھ ڪين ورندو."

جول ايس گولڊ سمٿ چيو آهي: "جڏهن ضرورت پوي ته پنهنجي اندر ۾ خال پيدا ڪري، ڪن لائي ٻڌڻ جي پاونا ڌارڻ گهرجي ۽ چئجي ايشور ڳالهاءِ، تنهنجو داس ٻڌڻ لاءِ آتو آهي. اُنهيءَ ئي دم اسانکي صحيح آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. اهو آهي ايشور جو آواز، جو ترت ۽ طاقتور آهي."

ايشور وٽ ڪنهن به ڳالهه بابت وڃڻ لاءِ "سرن ونڻ جي پاونا" تمام ضروري آهي.

برئنڊنبرگ چيو آهي "سرن ونڻ ڌاران ايشور وٽ وڃڻ ائين آهي جيئن ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وڃجي، پر هنجي دوا ونڻ يا علاج ڪرڻ کان نابري وارجي. رڳو ڊاڪٽر وٽ وڃڻ يا ڪيس پنهنجي بيماريءَ بابت ٻڌائڻ سان ڪو لاڀ ڪونه ملندو. توکي هنجي دوا ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. توکي پنهنجو پاڻ هنجي حوالي ڪرڻ گهرجي، اهو احساس ڌارڻ گهرجي ته هو ڊاڪٽر آهي ۽ هنکي توکان وڌيڪ ڄاڻ آهي ته ڪهڙو علاج توکي شفاياب ڪندو."

مهاتماگانڌيءَ اسانجي ديس کي آزاد ڪرايو. آزاديءَ جي جبري جنگ جوٽيائين ۽ نوان نوان اڻ ٻڌل تحرڪ هلائي، ديس جي صحيح رهنمائي ڪيائين. هو ديس جون ڏکداڪ حالتون، ديس جون مشڪلاتون ۽ مسئلا مؤن ورت ڌارڻ ڪري، ايڪانت ۾ اڪيلائيءَ ۾ ويهي، پنهنجي مالڪ اڳيان رکندو هو ۽ جيڪو اندر جو آواز ايندو هوس، تنهن مطابق رٿون ٺاهي، ديس اڳيان رکندو هو ۽ اُنهن تي عمل ڪندو هو. ڪئين ڀيرا پران تياڳ اُپواس رکيائين. بعضي انياءَ واريون ۽ اڻ وڻندڙ ڳالهيون دور ڪرائڻ لاءِ پنهنجي جان جي آهوتي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندو هو. سندس ساٿي ۽ متر ڪيترؤئي ڪيس ليلائيندا هئا، منٿون ڪندا هئا ته پران تياڳ اُپواس جو گنڀير ۽ ڀينڪر قدم نه کڻو، پر هو پنهنجي فيصلي تي اڏول رهندو هو ۽ چوندو هو ته "ايشور جو آواز اوس عمل ۾ آڻيندس. مان ڪير آهيان جو اُنڪان منهن موڙيان." اسانکي سڌ آهي سڦلتا سدائين سندس ساٿڻ هوندي هئي.

مهاتماگانڌيءَ چيو آهي: "رام نام اُچاري، ايشور اڳيان گوڏا کوڙي ويهه ۽ سندس سهايتا گهر. هو بيوسيلن جو وسيلو، بي واهن جي واهه آهي. جيڪڏهن تون ايشور سان دل کولي ڳالهائيندين ءِ اهو شڪ گمان ڪين ڌاريندين ته ڪيئن هو مدد ڪري سگهندو ءِ هن

سُکي سو، جو دُک ۾ ڏُکي نہ ٿئي

ڌنوان، جو لکن سان پيو ليکا لاهي، جنهنکي بنگلا، باغ بستان، موٽرون، نوکر چاکر، سنسار جا سڀ سک ميسر، جنهنجي اڱڻ ٻڌين عيش عشرتن جي جيون، تنهن لاءِ چئبو آهي تہ هو ڏاڍو سکي آهي. وڏو عملدار، سکيو ستابو، چڱو چوکو پگهار، موج مزي جي جيون تنهن لاءِ بہ چئبو آهي تہ هو ڏاڍو سکي آهي.

ڌن پدارٿ، مان مرتبو، هَندي پُڇندي، سوين سلامي، سنساري سک سڀ هٿيا، پوءِ ڪيئن نہ اهڙي منش لاءِ چئبو تہ هو سُکي آهي؟ پر خدا نہ خواستہ بيماري سيماري اچي منهن ڪڍي، يا ڌنڌي واپار ۾ ٽورو نقصان پئجي وڃيس، يا ٻي ڪا دقت درپيش اچيس، تہ ڪجهہ منوئي ڪين لڳندس، چنتا ويڙهي وڪوڙي ويندس. عملدار کي دل گهريو اضافو نہ مليو يا ٻئي کي متانس ٽپايو ويو، يا سرڪاري جاچ جوچ متس ڪا ٿي تہ ٻڌيون ٻارا، غم گوندر وَلين جيئن وڪوڙي ويندس. زندگي ٿئي زهر.

پوءِ اهو سُکُ، سُکُ تہ ڪونہ چئبو. سُکُ اُهو جو دائما نيبهہ رهي، سدائين ساڻ هجي. جو نفعي نقصان، شاهوڪاري غريبي، بيماري چڱڀلائي، شادي غمي،

ڳالھ ڪندا آھن: ھڪ ٻڪري بيمار ۽ بيڪار ٿي پيئي؛ ھاڻ ڪان ھلاڪ ھئي. ٻڪ ۾ پاھ ٿي رھي ھئي. خيال آيس تہ جھنگل جي راجا شينھن جي وڃي سرن وٺجي. لنگھي وئي شينھن جي غار ۾. شينھن شڪل شغل لاءِ ٻاھر نڪتو ھو. ٻڪري ڪنڊ پاسيري ويھي رھي. توري سمي ڪان پوءِ شينھن بہ اچي پنھنجي غار ۾ سھڙيو. ٻڪريءَ کي پنھنجي غار ۾ ڏسي خوش ٿيو. دل ۾ سوچيائين تہ گھر ويٺي شڪار مليو آھي. شينھن ڪيس ھڪل ڪئي. ٻڪريءَ ڪيس ٻڌايو تہ آءٌ ٻڍي ٿي وئي آھيان ۽ بيمار پئي گذاريان. مونکي مالڪ بيمار سمجھي ڪڍي ڦٽي ڪيو. ٻک مري رھي ھئس؛ تنھنجي اچي سرن ورتي اٿم. تنھنجي ھٿن ۾ آھيان. جيئن چاھين تيئن ڪر. شينھن جي دل نرم ٿي ويئي. سوچيائين تہ سرن آئي جي لڄ رکڻ ضروري آھي. جھنگل ۾ وڃي ھاٿيءَ کي وٺي آيو ۽ ھنس ڪم رکيائين تہ ھر روز ٻڪريءَ کي پنھنجي ٻنيءَ تي ويھاري وڻن ڏالھن وٽي ويندو ڪر، جيئن وڻن جا ٻن ڪائي پيٽ ڀري سگھي. شينھن جو حڪم مڃي ھاٿي روز ٻڪريءَ کي وٺي وڃي سندس پيٽ ڀرڻ جو ٻربند ڪندو ھو.

ايشور جي پورن ريت سرن وٺڻ سان دک دور ٿين ٿا. رڳو پرارٿنا ڪرڻ يا آراڌنا ڪرڻ ڪافي نہ آھي. سچيءَ دل سان سرن وٺڻ ضروري آھي.

آهي پنهنجي اُپائيندڙ ۾ اٽل ۽ اَٽوٽ وشواس، سچي شرڌا ۽ سِڪ، ويسهه ۽ ڀروسو ته ايشور ئي سڀ ڪجهه ڪري ٿو، هوُئي سرو شڪتيوان آهي، سرووياپڪ، هر هنڌ حاضر ناظر آهي. سندس اِڇا ڌاران ڪجهه به ڪين ٿو ٿئي. ڪنهن مقرر رٿا انوسار، با نيم، باترتيب سرشٽيءَ جو چرخو هلي رهيو آهي.

سائينءَ جي سرڻ وڃڻ؟

اهو وشواس پڪو ۽ پختو، اها شرڌا سچي ۽ صدق ڀري هوندي ته سياويڪ منش سدائين سائينءَ جي سرن ۾ رهندو، سندس اوٽ اُجهو وٺندو، پنهنجي واڳ ڏور سندس ئي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندو. چوندو، ”ميري ڏوري تيري هاٿ“، ”ڪرڻ ڪرائڻ وارو آپ.“

هڪ واريءَ اندر ۾ اهو اِستر اعتقاد ۽ نسنديهه نسچو ٿي وڃي ته آءٌ ڪيول هٿيو آهيان، هلائيندڙ هوئي آهي، مان رَٿُ آهيان هوُ سارٿي آهي، هوُئي ڏئي ٿو، هوُئي واپس وٺي ٿو، مان هن جي آڌين آهيان، جيڪي هو مون لاءِ ڪري سو اڪين ٿي آهي، مٿي نـوُر ٿي آهي، ته هر حالت ۾ هو ساڳوئي رهندو. چوندو ”تيرا ڀاڻا مينا لاڳي.“ سمجهندو ته اڄ مونکي ڏنوان ڪيو اٿائين ته سندس لک لک اُحسان، اڄ جي اوچ پدوي ڏني اٿائين ته مون سان وڏو ورڻ ٿيو آهي. مصيبت يا مشڪلات وقت چوندو، ”جيڪا تنهنجي رضا“ — ”دکه

نندا اُسنتي، مان ايمان ۾ سدائين ساٿي رهي، همراهه هجي.

سنسار ۾ ڏک ته آهن ئي آهن. پل ڪيئن ڪٽي ڪروڙپتي هجي ته به ڪنهن نه ڪنهن سمي ڏک مٿس ضرور وار ڪندا. ڏک ويل جي هو ڏکي نه ٿئي، ڪا به چنتا نه ڪري، پوءِ بيشڪ هو سکي چئبو. باقي جي تڪليف سمي ڊُرڪي ويو، ڳڻتين ڳارن ۾ پئجي ويو ته پوءِ چئبو ته مال ملڪيت به ڪيس سدائين لاءِ سکي رکي ڪو نه سگهيا.

جو ڏک ۾ ڏکي نه ٿئي، ڪشٽن ويل ڪمزور نه ٿئي، مصيبتن سمي منجهي نه وڃي، پوءِ اُهو پل ته غريب هجي، ڪنگال هجي، پر سچ پچ سکي اُهو آهي. باقي سنساري سک ته ڪوڙ پنگر آهن. ٽاڪئين شيشي وانگر آهن. ڏک يا ڪشٽ جي ٺوڪر جهاءِ سان پرزا پرزا ٿي ويندا. لحظي ۾ لکاپتي ڪکاپتي ٿي سگهن ٿا. دولت اچڻي وڃڻي، ڪهڙو مٿس بقاءِ ڀروسو آهي.

سچو سک، جو غريب شاهوڪار، رڪ راجا، ولهي ونهئين جو سدائين ساٿي ٿي سگهي ٿو، تنهن لاءِ ڌن دولت جي ضرورت ڪانه ٿي ٿئي، تنهن لاءِ وڏي عهدي يا مان مرتبي جي ضرورت ڪانه ٿي ٿئي.

سچو سک ڪيئن ملي؟

انسان کي سچو سک ڪيئن ملي؟ اُنلاءِ مکيه ڳالهه

سري رامڪرشن پرمهنس هڪ دلچسپ آکاڻي
ٻڌائيندو هو:-

هڪ ڪوري مؤج مزي ۾ حئو جي رهيو هو.
سندس گهر جي ايوان جو در کليو پيو هو. رات ڪجهه
ماڙ جي ڇڪي هئي. چورن جي هڪ ٽولي اچي سندس
گهر وٽان لانگهائو ٿي. ڪوريءَ جي گهر جو در کليل
هئڻ ڪري، چورن جي وچي مٿس نظر پئي. ڪين چوريءَ
جو مال ڍوئڻ لاءِ مزور جي گهرج هئي. ڪوريءَ کي
زوريءَ ٻاهر ڪڍي گهلي وٺي ويا. پوءِ وڃي هڪ گهر
کي کات هنيائون. مال متاع چوري ڪري، چادر ۾
ٻڌي، ڪوريءَ جي مٿي تي رکيائون. چوڪيدار کي
کڙڪ پئجي وئي ۽ اچي مٿائن ڪڙڪيو. چور ته چالاڪ
هئا، رفو چڪر ٿي ويا. باقي ويچارو ڪوري سڱ
سوڌو جهلجي پيو. سڄي رات حوالات ۾ بند رهيو.
ٻئي ڏينهن قاضيءَ وٽ ڪيس پيش ڪيو ويو.

قاضيءَ ڪوريءَ کي چيو: ”تو چوري ڪرڻ
جو ڏوهه ڪيو آهي. چوريءَ جي مال سميت توکي
پوليس پڪڙيو آهي. سخت سزا توکي ڏني ويندي.“

ڪوريءَ جو ايشور جي اِڇا ۾ پربل اعتقاد هو،
انڪري سخت سزا جي ڌمڪيءَ به دل ڪين ڏوڙيس.
سندس اندر ۾ سنتوش هو، ڇاڪاڻ ته ايشور جي سرن
ورتي هئائين. قاضيءَ کي وراڻيائين، ”سائين ايشور جي،

سکن جي سونهن، گهوڙيا سکہ ڏکن ڙيءَ.“ ائين ڀڳوان جي ڀاڻي تي ڀنو رهندو، ۽ ڏکہ ۾ ڏکي ڪين ٿيندو. دل لاهي اونڌي منجهي پائي ڪين وهندو.

انهيءَ ڀاونا وارو منش ڌن دولت يا مان مرتبي تي گهمنڊ ۾ ڀرجي ڪين ويندو، هٺ اڀمان سندس اوڏو بہ ڪين ايندو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس ڀلڻ آهي تہ پنهنجي ليکي تہ مان اسمرٿ ۽ نربل آهيان، مالڪ جي ٿي مهرباني تي آهي. جيڪي ڪجھ آهي، اهو انهيءَ جو ئي آهي.

پوءِ جي چڪر ڦيرو کاڌو، ڏنڊو واپار الٽ پلٽ ٿي ويو ۽ لکن جي جڳھ ککن ورتي يا ٻي ڪا مصيبت اچي مٿان ڪڙڪيس تہ بہ چوندو ”جيڪا سائين تنهنجي اڇا.“ ”هوءَ بہ تنهنجي واھ واھ، هيءَ بہ تنهنجي واھ واھ.“ ٿڌي بہ تنهنجي تہ ڪوسي بہ تنهنجي.

پــر يان سندي پــار جي مــڙيئي منائي
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

مصيبت يا مفلسي، بيماري يا مرض انهيءَ ڀـاو ۾ ونڊ سان انهن آپدائن جو ڏنگ مري ويندو. انهن جو بہ قرب سان آدر ستڪار ڪبو، اندر ۾ رنج يا شڪايت ٻير ڪو نہ پائيندا. پوءِ ڪا بہ تڪليف يا ڏکيائي صبر سان سهن ڪري سگهبي. دل ڏکي ڪا نہ ٿيندي، من منجهي ڪو نہ ويندو.

پستڪ ۾ لکيو آهي، "مشڪلات يا مصيبت ويل منش کي گهرجي آتت ۽ سهارو. ڪيس ٻئي ملي سگهندا. ور ور ڪري پاٺڪي ياد ڏيار ته ايشور مون سان آهي. هو ڪڏهن به مونکي ڇڏي ڪين ڏيندو، مان هن تسي ڀروسو رکي سگهان ٿو. هيءَ اکر چئه، 'ايشور مون سان آهي، مون کي مدد ڪري رهيو آهي.' ائين ڪرڻ سان توکي آتت اچي ويندو. تنهنجي من ۾ لئين آشا پر گهٽ ٿيندي. پنهنجي اندر ۾ اٿاهه ٻل محسوس ڪندين. نتيجو اهو نڪرندو جو تون مشڪلاتن مان پار پوندين."

انسان سدائين سکي ڪيئن رهي، تنهن لاءِ ٻيو به طريقو آهي ته جڏهن ڪو ڪشٽ اچي، درگهٽنا منهن ڪڍي ته پورن ريت ايشور جي سرن وٺڻ جي ڀاو سان جيڪڏهن اُن آپدا کان آجو ٿيڻ لاءِ پرارٿنا ڪبي ۽ ايشور کي چئبو، "منهنجي چاهنا آهي ته شل هيءَ ڪشٽ هٽي وڃي" ۽ ساڳئي وقت ائين به چئجي، "وڏيڪ جيئن ايشور توکي نيڪ لڳي، ليئن ئي ٿئي" اهڙيءَ ريت پنهنجو سمورو ڀارڻ، پنهنجا دکه سور، پنهنجا غم گهٽنائون ايشور جي حوالي ڪري ڇڏيون ته انهيءَ ڀاونا سان پرارٿنا گهڻو ڪري قبول پوندي. پر توڙي ڪٿي قبول ڪين به پوي ته به ڀڳتي ڀارو ڪونه ٿيندو. دل ۾ آتت اچي ويندو ته ايشور جي مون لاءِ اهائي رٿا آهي. پنهنجو بار بوجو ايشور جي هٿن ۾ سونپڻ سان، ٻي ڪا به چنتا ڪانه رهندي، يقينو ٿيندو

اِڇا سان اگهڻ ۾ وينو هوس. ايشور جي اِڇا انوسار اُن وقت ڄيل رات نبري چڪي هئي. ايشور جي اِڇا موجب مؤج مزي ۾ حقو ڇڪي رهيو هوس. ايشور جي اِڇا انوسار چورن جو ٽولو اچي منهنجي گهر وٽان لنگهيو. ايشور جي اِڇا موجب هو مونکي منهنجي گهر مان زوريءَ گهلي ٻاهر وٺي ويا. ايشور جي اِڇا انوسار هنن هڪ گهر کي کاٽ هنيو. ايشور جي اِڇا انوسار هنن چوريءَ جو مال هڙ ٻڌي منهنجي مٿان رکيو. چوڪيدار جي اچڻ تي ايشور جي اِڇا موجب هو ڀڄي ويا ۽ مونکي پڪڙيو ويو. ايشور جي اِڇا انوسار رات جيل ۾ گهاريم. ايشور جي اِڇا انوسار هاڻ توهان جي اڳيان آندو ويو آهيان. ايشور جي اِڇا هوندي ته سزا به خوشيءَ سان ڀوڳيندس.“

ڪوريءَ جي ايشور جي پورن ريت سرن ونڻ جو قاضيءَ تي گهرو اثر ٿيو ۽ ڪيس ئي ڏوهي ٺهرائي ڇڏي ڏنائين. ٻاهر نڪرڻ سان ڪوريءَ پنهنجي دوستن کي چيو، ”ايشور جي اِڇا انوسار آزاد ٿي آيو آهيان.“

انجيل ۾ چيل آهي: ”ايشور اسانجو سهارو ۽ شڪتي آهي ۽ مشڪلات سمي اسانجو مددگار آهي.“ ايشور جي جنهن سرن ورتي آهي، تنهن ۾ اتينت شڪتي واسو ڪندي آهي، ڇاڪاڻ ته هو سدائين ۽ هر وقت ايشور کي همراهه ۽ همدم سمجهندو آهي.

• آميريڪا جي هڪ نامور پادريءَ پنهنجي هڪ

More things are wrought by prayer, than this world dreams of.

پرارٿنا دواران، جيڪي ڪلپنا ۾ آڻي سگهجي، تنهن کان به وڌيڪ ڪاريه راس ٿين ٿا.

سچيءَ دل، شردا ۽ وشواس، نماڻائيءَ ۽ نهنائيءَ سان ڪيل پرارٿنا ۾ اٿاهه بل ۽ عجيب شڪتي آهي. اهڙي پرڪار جي پرارٿنا سمي، جيوُ ۽ جيوَ آتما هڪ ٿي وڃن ٿا، اندر ۾ جيڪا اڌيت شڪتيءَ آهي سا همراهه ٿي ٿئي. اِن ايشوري شڪتيءَ جي بل سان پرارٿنا، سڦل ٿي ٿئي. ناممڪن ڳالهيون به ممڪن ٿي پون ٿيون، ڇاڪاڻ ته ايشور لاءِ ڪا به ڳالهه ناممڪن ڪين آهي. محڪم ارادو، همت ۽ اورچائي، ايشور ۾ اعتقاد ۽ وشواس، ڪهڙي به اڻانگي ڳالهه کي سٺائي ڪري ڇڏين. ڪهڙيون به ڏکيون بيماريون، ايشور ۾ وشواس ۽ شردا پوروڪ پرارٿنا سان ڇٽيو وڃن.

سوامي رامداس In the Vision of God پستڪ ۾ لکيو آهي ته رتن ڪندي، هڪ ڏينهن هو پنهنجي هڪ شردالو ڪرتا ڪرشن جي ڪٽيا ۾ وڃي سهڙيو. جيئن ئي اندر پير رکيائين ته سندس نظر وڃي ڇهن سالن جي ٻالڪ تي پيئي، جو بسنتري تي چادر سان ڍڪيو سمهيو پيو هو، ۽ ڦٿڪي رهيو هو. سخت بخار هوس. لڳو ٿي ٻريس، وڦلي رهيو هو. ٻالڪ جي ماتا جو منهن

۽ جڏهن بار مٿس آهي ته پوئينءَ پوڄ ۾ بل به پاڻ ٿي ڏيندو ۽ انکري ڏک ڏ وراپو ڪين ڪيڏو، رنج ڪو نه ٿيو ۽ صبر ۽ شانتيءَ سان شڪر ڪري ڪنهن به گهٽتا جو آدر ستڪار ڪبو.

بي به هڪ نقط نگاهه آهي. انسان ڪي هن جنم ۽ اڳين جنمن جي ڪرمن جو ڦل به ملي ٿو. پوئينءَ اچن ته سمجهجي ته جيئن ڪنيل قرض ڪجهه لاهيو آهي ته آئنت ايندو آهي ته ڪي قدر بوجو هلڪو ٿيو، ليئن پوئينائون پوڄ به اڳين جنمن جو بوجو هلڪو ڪرڻ آهي. ان پاونا سان پوڄنا، پوئينائي ڪانه لڳندي؛ دک ۾ دکي ڪو نه ٿيو. غريبي يا مفلسيءَ ۾ به وقت سک سان گذرندو.

اهو آهي سچو سک. جنهن لاءِ نه ڌن پدارٿ جي ضرورت آهي، نه عهدي عملداريءَ جي آوشڪتا آهي. صرف ايشور ۾ وشواس، ايشور جي سرن ونڻ جي وات وٺڻي آهي.

ايشور سرشٽيءَ جو مهان ڊاڪٽر

تازو ”هندستان“ اخبار ۾ پڙهيم ته گانڌيڌام ۾ هڪ پادري آيل آهي، جو پرارٿنا رستي سيني روڳن جو علاج ڪري رهيو آهي. مهنجي دل تي تريءَ آئي نامور انگريزي شاعر ٽينيسن جي سٽ:

ٿوري وقت ۾ رامداس روانو ٿي ويو. جلد ئي ڏانهس اطلاع موڪليو ويو ته بالڪ جو بخار لهي ويو. ايشور ڪيترو نه مهربان ۽ رحيم آهي!

شاه صاحب چيو آهي:-

توُن حبيب، توُن طبيب، توُن داروُن ڪي دردُن
توُن ڏئين، توُن لاهئين، ڏاتر ڪي ڏکندُن
تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن امر ڪريو اُنکي.

شري رامڪرشن پرمهنس ديو هڪ پيري پنهنجي ششن سان ڳالهيون ڪندي چيو، "هن موقعي تي پرميشور ڪلندو آهي. هڪ جڏهن مرڻ جي ڪنديءَ تي پيل بيمار کي ڏسي، ڊاڪٽر سندس ماتا کي چوندو آهي: "گهبراءِ نه، چنتا جو ڪوبه سبب ڪونه آهي، تنهنجي پٽ کي مان ڇڏائيندس، اهو ذمو مون تي آهي." ايشور پيو تڏهن مرڪندو آهي جڏهن به ڀائر، پنهنجي زمين جي ورهاست ڪرڻ وقت ڦيٿ ڪٽي زمين تي رکي چوندا آهن، هيءُ پاسو منهنجو آهي ۽ هيءُ منهنجو."

ڊاڪٽر جي دوا سان بيمار تڏهن ئي ڇٽي ٿو، جڏهن ايشور جي اِڇا ٿئي ٿي. ڊاڪٽر ته نمت ماتر آهي. وڏا وس هلائڻ سان به وقتي ڊاڪٽر جون ڦڪيون فرق ڪونه ڪنديون آهن.

آمريڪا جي پادريءَ اي - ايچ درهام هڪ واقعي جو ورنن ڪيو آهي ته ڪيئن ايشور ۾ وشواس ڳريءَ بيماريءَ تي جيت پاتي.

لنل هو. ڏک ۾ اُداس ۽ پريشان هئي. ڳلتيءَ ۾ ڳري رهي هئي. رامداس کي ڏسندي ئي وڃي سندس پيرن تي ڪري پئي. اکين مان بي اختيار ڳوڙها ڳڙي رهيا هئس. روئي رڙي رهي هئي.

رامداس پنهنجي اندر ۾ چيو: ”هي ايشور هتي تنهنجي ديا جي ضرورت آهي. تون بيواهن جي واهه، بيوسيلن جو وسيلو آهين. تڪڙ ڪر. بالڪ جي تڪڙي رکيا ڪر.“

رامداس پوءِ ماتا کي تسلي ڏني، ”ماتا، ايشور ۾ وشواس ڌر. هو اسانکي ڇڏي ڪين ڏيندو آهي. هن تي ڀروسو رک. ڏک کي دل مان ڪڍي ڇڏ.“

اُنهن آتت ڏيندڙن اکرن، ماتا جي زخميل دل تي مرهم جو اثر ڪيو. مٿي منهن ڪري، مرڪ سان رامداس ڏانهن نهاريائين: چيائين. ”سوامي جي، اوهانجي اکرن ۾ پورن وشواس اٿم. توهين ايشور جي روپ ۾ اسان وٽ اچي سهڙيا آهيو. اسانجي هن مصيبت سمي ۾ سهايتا ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ لاءِ پئسو ڪٿي آهي؟ ايشور سرشٽيءَ جو مهان ڊاڪٽر آهي. هو اسانکان في ته ڪانه ٿو طلبي. رڳو ٻار جهڙو وشواس ڪيس گهرجي. اسين رڳو منجهس وشواس ڌريون ۽ شرڌا رکون، جنهن تي ڪجهه به خرچ ڪين ٿو اچي. هو سنسار جي مصيبتن مان پار ڪري ٿو.

ڪري ٻاهر نڪرندي."

آمريڪا جي نامور پادري ڊاڪٽر نارمن ونسينٽ پيل پنهنجي پستڪ Stay Alive All Your life ۾ لکيو آهي "سر ير جي درد کي منهن ڏيڻ جو بنيادي طريقو آهي پرارٿنا. پنهنجي درد جو دور ٿيڻ ايشور جي هٿن ۾ سونپي، سڀ ڪجهه مٿس ئي ڇڏي ڏي. جيڪڏهن سندس اڇا هوندي ته توکي درد ڀوڳڻو آهي ته توکي سور سهڻ جو ٻل به پاڻ ئي ڏيندو."

هڪ ماڻهوءَ کي ڇاتيءَ ۾ سخت سور اچي پيو. اُن ماڻهوءَ ڊاڪٽر پيل کي لکي موڪليو ته هڪ رات بستري تي سمهيو پيو هوس. سور ڏاڍو ستائي رهيو هئم. اُن وقت فيصلو ڪيم ته سور ايشور جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيان. جيئن ئي شانت ۾ پرارٿنا ڪري رهيو هئس ته اچانڪ ڏٺم ته اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. پوءِ اندر ۾ خوشيءَ ۽ شانتيءَ جو احساس ٿيم. سمجهم ته سور هٽم ئي ڪونه.

اهڙيءَ ريت پورن نموني پاڻ کي ايشور جي هٿن ۾ سونپڻ، اندرئين شانتي ۽ آڌياتمڪ پريم جي پاونا پراپت ڪرڻ لاءِ اثرائتو هٿيار آهي، جو سور کي هٽائي ٿو ڇڏي. سور يا پوڳنا کي منهن ڏيڻ لاءِ اهو به ضروري آهي ته پاڻ سان پڪ پڪاڻي ڪريون ته جيڪي به ايشور ڪندو سو خوشيءَ سان سويڪار ڪنداسون. پرارٿنا ڪرڻ بعد

”ٽي سال اڳ مونکي ديول جي هڪ نوجوان ميمبر ونت وڃڻو پيو. هوءَ اسپتال ۾ داخل هئي، سخت بيمار هئي. ڏنم ته هيبتناڪ هراس وڪوڙي ويو هوس. روئي رهي هئي. وڏن وڏن ڊاڪٽرن دوا درمل ڪيو هوس، پر ساڳي ئي حالت هئس. مونکي ڏسندي ئي، منهنجو هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ قابو ڪيائين. چيائين ’مان مرڻ نٿي چاهيان.‘ مون کيس چيو ”انجيل جي ست اُچار Lord is my Shepherd مالڪ منهنجو رکپال آهي.“ وڌيڪ چيو مانس: ”اهي اکر نه فقط چپن سان چئه، پر هردي مان ڪڍ ته تنهنجو هراس غائب ٿي ويندو ۽ توکي تسلي ٿيندي ته تنهنجو رکپال حاضر آهي ۽ تنهنجون گهرجون پوريون ڪندو.“

هن ائين ڪيو. سندس من ۾ شانتي اچڻ لڳي. سندس صفا ٿو ٻني ٿيڻ لاءِ ايشور در پرارٿنا ڪيم.

ٻئي ڏينهن صبوح جو مان وري اسپتال ۾ ويس. سندس ڪمري ٻاهران ڊاڪٽر گڏيم. چيائين: ”ريورنڊ درهام، راتو رات بيمار سان حيرت انگيز ڳالهه ٿي آهي. مونکي ته سمجهه ۾ ئي ڪين ٿو اچي. هوءَ نيڪ ٿي رهي آهي.“

هفتي کانپوءِ اسپتال ڇڏي هوءَ پنهنجي گهر وڃي رهي هئي. نرس چيو، ”ڪرامت ٿي آهي. اسانکي رتي ماتر به اُميد ڪانه هئي ته هوءَ هن وارڊ مان بند

پڇيائين: "جيسوُ ڪرسٽ ۾ وشواس اٿيئي ته هو حاضر ناظر آهي؟" ورانڊارئين: "هائو". پوءِ ڊاڪٽر پيل چيس: "زور سان اُچار" جيسوُ ڪرسٽ منهنجي پاسي ۾ حاضر آهي. هو منهنجي سرير ۽ هردي تي پنهنجا ڪرپا سندا هٿ گهمائي رهيو آهي."

اهي اکر اُچارڻ سان گڏو گڏ ڪيس پنهنجي اکين اڳيان اهو درشيه آئڻو هو ته آءٌ اُتي ۽ اُنوقت ئي شفاياب ٿي رهي آهيان.

پهرئين ته هوءَ هٻڪي. پوءِ ائين ڪيائين. ڏاڍي اُتساهه ۽ ايمان، سڪ ۽ شرڌا سان متين ست چوندي رهي. اُن وقت سندس من ۾ هڪ ئي ويچار هو ته مان نيڪ ٿي رهي آهيان. اوچتو ست اُچارڻ بند ڪيائين. وات مان نڪري ويس: "هو ته سچ پچ اچي ويو آهي."

ڊاڪٽر پيل لکي ٿو: "پوءِ ته مون عجيب ليلا ڏٺي. بيمار جي منهن مان پيلاڻ گم ٿي ويئي. اکين مان ڳاڙهاڻ غائب ٿي ويس. چيائين "تمام اچرج پريو اسرار ٿي ويو. من ۾ عجيب شانتي اچي ويئي اٿم." ٿورو هٻڪي چيائين "مان ته هينئر پاڻکي صفا نيڪ پئي پائيان. اندر جي چڪتاڻ اٿم ئي ڪانه."

ٿورن مهنن کان پوءِ ڊاڪٽر پيل جو اُن متر سان گڏجڻ ٿيو. هن ٻڌايس ته آتمڪ علاج حيرت انگيز اثر پيدا ڪيو. هوءَ هاڻ خوش ويچار ڌاريندي آهي.

جارجيا [آميريڪا] مان هڪ ماڻهوءَ ڊاڪٽر پيل

ٻه سور نه ڇڏي ته ٻوءِ پرارٿنا ڪجي ته ايشور سور ڀڄڻ جي شڪتي ڏي. اهو وسارڻ نه گهرجي ته منش جي اندر ۾ ڳجهي شڪتي آهي، جا سور ۽ درد تي غالب پئجي سگهي ٿي. انهيءَ ڀاونا کان ڀلجي وڃڻ نه گهرجي ته وشواس ۽ زوردار پرارٿنا سان آخر سور کان ڇوٽڪارو ملندو.

ڊاڪٽر پيل هڪ دفع هڪ هوٽيل ۾ ويو. اُتي هڪ متر سان گڏجاڻي ٿيس. هن پنهنجي پتنيءَ سان سڃاڻپ ڪرايس. ڪانئن سڀاويڪ پڇيائين "ڪيئن آهيو؟" مرد چيس "بلڪل ٺيڪ آهيان." پر سندس پتنيءَ چيو، "مان ڏاڍو دکي آهيان." پنهنجي من جي چڪنائڻ ۽ ڏپن جو ورنن ڪيائين. کيس هڪ ڏپ رهندو هو ته منهنجي پتيءَ کي دل جي تڪليف ٿيڻ جو خطرو آهي. ڇاڪاڻ ته ويجهڙائيءَ ۾ ڏٺو هئائين ته ڪي جوان، سندس پتيءَ جي عمر جيڏا دل جي تڪليف ڪري گذاري ويا هئا. ٻڌايائين ته "وقتي رات جو اهڙو ته اچي ڏپ ٿئيم جو پنهنجو ڪن ڪٽي سندس سر طرف ڪريان ته سڌ پويم ته هو برابر ساهه کڻي رهيو آهي يا نه. وڌيڪ ٻڌايائين ته انڪري ڏاڍو اُداس پئي گذاريان. منهن اڪثر ڪري پيلو رهندو اٿم. اکيون ڳاڙهيون جهڙيون لعل. ڏاڍو پئي ڀوڳيان."

• ڊاڪٽر پيل کيس ٻاهر بالڪنيءَ ۾ وٺي ويو. ڪانئس

ائين ڪري اچا پورومس ڪيمر ته شانتيءَ ۽ وشواس اچي ويم. مان نيڪ ٿي پيس. اُن وقت ڪان وٺي پاڻئيم بل ۽ اُتساهه پيو سمجهان.

ڊاڪٽر اليڪسز ڪئريل، جنهنکي ”نوبل پرائيز“ مليو هو، تنهن جو چوڻ آهي ته پرارٿنا رستي شفايابي حاصل ڪرڻ جا ڪيترائي مثال آهن.

ويچار هڪ شڪتي آهي. شپ ويچار وڏيڪ طاقتور شڪتي آهي. هيٺيون ويچار اُچاريو، اُنمِ وڏي شڪتي آهي: ”جنهن منهنجو سرير ٺاهيو آهي، سو اُنجي اوڻاين ۽ خامين جي به سنڀال لهندو. ضرورت ويل ڊاڪٽر يا قدرت دواران مونکي سريرڪ ۽ مانسڪ شفايابي ڏيندو. ڊاڪٽر ۽ قدرت ڪامياب نه ٿيا ته پنهنجي شڪتيءَ دواران شفاياب ڪندو.“

پادري ڊاڪٽر پرائيس چيو آهي ته ”ايشور سچي پرارٿنا سدائين ٻڌندو آهي. اسانجو جيترو قدر وشواس هوندو، اوترو ئي اسانجي اندر مان ايشوري شڪتي نڪرنديءَ ۽ اسان جي هرهڪ ماس تنتوءَ، رت جي هرهڪ ڦڙي کي شفاياب ڪندي.“

ڊاڪٽر پيل پنهنجي پستڪ ۾ وڏيڪ لکيو آهي ته ”اعتقاد اهڙو بلوان هتيار آهي، جو ڪيترا مريض جيسو ڪرسٽ جي پرسان اچڻ سان شفاياب ٿي ويندا هئا. هنن جي اندر ۾ اهو اعتقاد هوندو هو ته اسين هڪ

ڏانهن خط لکيو "ڪجهه ڏينهن کان دل ڀٽي ٿيم ته توهان
ڏانهن شڪرگذاريءَ جو خط لکان. آءٌ جڏهن دل جي
تڪليف ڪري اسپتال ۾ هوس، تڏهن هڪ تعجب ۾
وجهندڙ ڳالهه ٿي. مون ته سمجهو هو ته مان وري ڪجهه
ڪم ڪار ڪري ڪو نه سگهندس. سموري شڪتي ۽
طاقت سرير مان موڪلائي ويئي هيم. تنهن ڏينهن
توهان ريڊيو تي ڳالهائيندي جيڪا صلاح ڏني، تنهن تي
مون عمل ڪيو. اُها صلاح شفايابيءَ جي پيچري تي وٺي
هليم. هاڻ آءٌ ڪم ڪار ڪري سگهان ٿو ۽ پاڻ کي
ٺيڪ ڀيو سمجهان.

اوهان اسپتال جي مريضن کي پهرين صلاح ڏني ته
پاڻ کي شانتيءَ ۾ رکو. پوءِ هر هڪ سرڌا سان اهو ويچار
ڪري ته ايشور منهنجي ڀيرن کي ڇهي رهيو آهي ۽
۽ پنهنجي شفايابيءَ جو هٿ منهنجي سرير تي گهمائي
رهيو آهي.

مون ائين ڪيو، جيئن اوهان هدايت ڪئي هئي.
بنايل منتر اُچاريم. "ڪلپنا ۾ آڻ ته جيسو ڪرست
تنهنجي هٿن ڀيرن، سرير جي هر هڪ انگ کي ڇهي
رهيو آهي. آخر پنهنجو هٿ تنهنجي هردي تي گهمايائين.
کيس ائين چوندو ٻڌ ته "پنهنجي هردي کي دکي ٿيڻ
نه ڏي." پوءِ احساس ڪر ته سندس هٿ تنهنجي
مٿي تي رکيل آهي.

اُج ڏاڍو سنائي رهي هئس. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين
ته انسان جي کوپري نظر آيس، جنهن ۾ پاڻي پيو هو.
اُج ۾ جو وياڪل ٿي رهيو هو ۽ بيماري به تنگ ڪري
رهي هيس، انڪري کوپريءَ ۾ پيل پاڻي ڪڍي پيتائين.
اچي دست ۽ اُلٽيون ٿيس. بيهوش ٿي ويو. ڪجھ
عرصي ڪانپوءِ جان ڪڍي اک کولي ته ڏٺائين صبوح ٿي
چڪو هو. بدن تي وجهي نظر پيس ته بيماري ڏسڻ ۾
ئي ڪانه آيس. ڏاڍو خوش ٿيو. مالڪ جا شڪرانا
مڃيائين. ويو حڪيم صاحب وٽ. کيس ٻڌايائين ته
مالڪ جي مهر سان بيماري غائب ٿي وئي.

حڪيم صاحب کيس ٺوڪو ڏسي، چيائينس خدا
جي فضل سان بيماريءَ کان جند آزاد ٿي اٿئي. تو ڌڻيءَ
تي اعتقاد رکيو. ڪائنس دعا گهري. تنهنجي دعا قبول
پئي. رات جو برسات پئي. برسات جو پاڻي انساني
کوپريءَ ۾ جمع ٿيو. کوپريءَ ۾ وري نانگ زهر هاري
ويو. زهر وارو پاڻي تو پيتو، انڪري دست اُلٽيون
ٿيءَ ۽ بيماريءَ کان آجو ٿئين.

"ڏاتر جنم ڏيڻ تي نئه کير جي وهائي"

سائين "بيوس" هڪ روحاني حقيقت، هڪ اهم
سنيهي، هڪ اعليٰ ويچار جو ورنن گوڙهي معنيٰ پريل

اذيت شڪتيءَ جي منهان منهن آهيون. هنن ۾ ايمان هو. انڪري شفاياب ٿي تي پيا.“ انجيل ۾ ورنن ٿيل آهي ”اٽاهه ماڻهن هن ڪي ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ شفاياب ٿيا.“

ڳالهه ڪندا آهن ته لقمان حڪيم جي هٿ ۾ ڏاڍي شفا هوندي هئي. ڪيس چوندا ئي هئا حاذق حڪيم. وٽس هڪ مريض آيو جنهنکي اهڙي ڪا خراب بيماري هئي، جا ڇٽيس ئي ڪين پئي. گهڻائي حڪيم آزمايا هئائين. لقمان به هنجي حالت ڏسندي فڪر ۾ پئجي ويو. خيال ڪري کيس چيائين: ”تنهنجو بچڻ مشڪل آهي. باقي الله سائينءَ کان دعا گهر- اُهو پنهنجو ڀال ڀلائي ته چڱو ڀلو ٿي سگهندين.“

مريض دلگير ٿي واپس وريو. سندس زال ۽ ٻار زار زار روئڻ لڳا. مريض ويچار ڪيو ته ڇو ڪين خدا کي ياد ڪريان. مالڪ مهربان ٿي سگهي ٿو. هنلاءِ ڪابه ڳالهه مشڪل ڪانه آهي. هو مشڪل ڪشا آهي. سو انهيءَ اعتقاد سان جهنگ منهن ڏيئي نڪري پيو. اچي هڪ قبرستان وٽ ٻهتو. اُتي کيس اُڃ لڳي. خدا کي عرض ڪيائين ”اي مالڪ تون رحيم آهين، ڪريم آهين- هيڻن جو همراهه آهين.“ ائين عرض معروض ڪندي کيس ننڊ اچي ويئي.

اڪ ڪاليس ته ڏسي ته برسات پئجي چڪي هئي.

کي ٻه پيٽ ڀرڻ لاءِ آسانيءَ سان آسپاس ۾ ڪجهه نه ڪجهه ملي وڃي ٿو.

ڪو به ساهوارو بک کون نه ٿو مري. وقتي ڏکيائون درپيش اچن ٿيون، پر ڪا نه ڪا واهه وسيلو اڪثر ڪري نڪري اچي. روزي رازق ضرور ٿو ڏئي. اسان اڪثر اها ڳالهه وساري ٿا ويهون ۽ ايشور جي ڪروٽا کي ڀلجي، پانيون پيا ته اسين ئي پنهنجي محنت سان پاڻکي ۽ پنهنجي پريوار کي پالي رهيا آهيون. ٺيڪ آهي. ڀڳوان اسانکي ٻُڌي ڏني، هٿ پير ڏنا ته ضرور محنت ته ڪرڻي پوندي. پر زمين، جا اناج، ڀاڄيون، ڦل ڦول وغيره ٿي ڏئي سا به ته اُپائيندڙ ئي اٿاهه ميسر ڪري ڇڏي آهي. فصل پيدا ڪرڻ لاءِ واهن، ڪڙين، ندين نهرن، ڍنڍن، وغيره چشمن ۾ پاڻي جو پربنڌ به اُها مهان شڪتي ئي ڪري رهي آهي. برساتيون پون ٿيون، ڳڙا وسن ٿا، وري ڳڙا ڳرن ٿا. پاڻي پهاڙن تان وهي ندين ۾ اچي پوي ٿو. جتي پاڻيءَ جو پيو ڪو پربنڌ ڪونه آهي، اُتي کيتن ۾ فصل برساتين جي پاڻيءَ تي ٿئي ٿو. انسان ڀل محنت ڪري، هزار ڪمائي، لک ڳڏ ڪري، پر ميگهه ديوتا جي مهر ئي نه ٿئي ته اناج جي بدران انسان سون چاندي چبي ته پيٽ جي بک ڪانه لاهي سگهندو.

خالق جنهن خلق کي خلقيو آهي، تنهن هر ساهواريءَ

بن سٽن ۾ سندر شبدن ۾ ڪيو آهي:-

”ڏاتر جنم ڏيڻ تي نه کير جي وهائي
سنسار ۾ سفر ڪان پهرئين سمر اچي ٿو.“

ٻار ڄمي ٿو، سنسار ۾ پير پائي ٿو، ته ڏاتر ڪيس جنم ڏيڻ تي ئي کاڌ خوراڪ به ڏيئي ٿو ڇڏي. ماتا جا ڪيس جنم ٿي ڏي، تنهن جي ڇاتيءَ ۾ ازخود، ٻار جي سنسار-سفر کان اڳ، سمر (کير) اچي ٿو پرگهٽ ٿئي. ڪويءَ جي ڪلپنا جي اُڏام نه ڏانهن هلي ويئي آهي ته ماتا جي ڇاتيءَ ۾ ٻار جي پيدا ٿيڻ سمي کير جي نه وهي ٿي هلي ۽ جيستائين ٻالڪ لاءِ اهو کاڌ و ضروري ۽ لاڀدايڪ آهي، تيستائين اِها نه به قائم آهي.

ان ساڌارڻ ۽ پرتکش ستيه مان پرسڌ آهي ته سرشٽيءَ جو رچيندڙ هڪ مهان ٻلي آهي. جيڪي به رچيو اٿس، جيڪي به خلقيو اٿس، بني بشر، جيت جنتر، پسون پکي، تنهنجي ضروري گهرجن جو پربنڌ ٻـ پاڻ ئي ڪري رهيو آهي. سندن سار سنڀال پاڻ ئـي لهي رهيو آهي.

ڪٿي به ڪو ساهوارو هجي، زمين تي يا آڪاس ۾، ٽڪر تي يا جبل تي، بيابان ۾ يا پربت ۾، غفا ۾ يا غار ۾، سڪيءَ تي يا پاڻيءَ ۾، اُنلاءِ کاڌي جون وستو، يا کاڌو پيدا ڪرڻ لاءِ واهڻ ۽ وسيلا هر هنڌ هر جڳهه هڪيا آهن. نندي ۾ نندي ڪٽلي يا جيت

اڙيي انسانو، مون کان ئي گهرو، ڇو نہ مان اوهانجو آهيان.

شاهہ صاحب ڪيترن ئي هنڌ پنهنجو اهو ويچار پرگهٽ ڪيو آهي تہ ٻيو ڪو ڪجهہ ڏيئي ڪو نہ ٿو سگهي، سواءِ هڪ مالڪ جي.

"ڪو در ناهہ جهوءِ، مون ٻيا در گهڻا نهاريا!"

"وڏي سگهہ سنڌياءِ، ٻاجهن ڀريو آهين"

"ڪونهي ڪميڻيءَ جو بگر تو ٻلو"

"ٻي ڪئين ٻي ڪٺار! ڏيئي پاند پناهہ جو."

ڪرست بہ اسانکي ٻڌايو آهي تہ ڏيڻ وارو مالڪ آهي ۽ هر روز هو کيس اهائي پرارٿنا ڪندو هو:-

Give us this day our daily Bread.

مالڪ اسانکي اڄوڪي ڏينهن جي روزي رساءِ.

ستگورن بہ چيو آهي:

"اپني جَن ڪئہ ساس ساس سماري

نانڪ اوءِ پرميسور ڪي پياري."

پريو پنهنجي سيني جيون جي پل پل ۾ هردم سار سنڀال لهي ٿو، جو سڀ جيو پرميشور کي پيارا آهن؟

سگل ڪي چنتا جس من ماهہ،

تس تي بِرتا ڪوئي ناهہ.

سيني جيون جي چنتا اُن پريوءَ کي ئي آهي، ڪنهن کي بہ خالي ڪونہ ٿو ڇڏي. هرهڪ تي هٿ رکي ٿو.

جي مات گوپ ۾ رکيا ڪرڻ بعد، سندس ٻاهر اچڻ ڪانوتي ڀڄاڙيءَ جي دم تائين جوابداري پنهنجي سر تي ئي کنئين آهي. سرگواسي تولارام ٻالاڻيءَ چيو آهي:-

بنـدا تنهنجو بـار، آهي اصل الله تـــي
ڏس ڪيئن پالي پيٽ ۾، ٻاجهارو ٻه ٻه ٻار
بار ڄڻڻ کان اڳ ۾، پـري کير ٿڻن ۾ نار
اُتي پس اسرار، اجـا تـو عاجـز تئين!

شاهه عبداللطيف ته چيو آهي ته نه فقط الله اسانکي روزي ٿو رسائي، پر وڌيڪ ڪجهه گهرج پوي ته ڪانئس گهري سگهون ٿا.

”مڱ تنهن کان مڱڻا! جو ڏهاڙي ٿو ڏئي.“

ڏهاڙي اسانکي جيڪو پنهنجو پاڻ وينو ڏئي، وڌيڪ ضرورتن لاءِ به انهيءَ کي ئي عرض ڪجي ۽ نه ڪنهن ٻئي کي:-

”ڏاتـار تـه تـــون، ٻيا مڙيوئي مڱڻا
مينهن منداڻتا وسڻا، سدا وسين تون
جي گهر اچين مون ته ميرپائي مان لهان“

مينهن به مند سارو وسي ٿو، پر ڏاتار ته سدائين اسان تي پنهنجي مهر ڪري رهيو آهي.

شاهه صاحب اهو به ٻڌايو آهي ته الله اسانکي پاڻ چوي ٿو:-

”مڱو مون ملاح، آئون اوهانجو آهيان“

موٽڪي ڪين مار."

فرشتي کي استريءَ جي درد ڀري وارتا ٻڌي قياس اچي ويو. موٽي وڃي ايشور کي ٻڌايائين: "موٽڪي استريءَ جي حالت تي قياس اچي ويو. سندس تازو جاول ٻن ٻڪين جي پالنا ڪرڻ وارو ٻيو ڪوبه ڪونه هو، انڪري مان سندس ساه ڪڍي ڪونه آيو آهيان."

ايشور کيس وري حڪم ڏنو: "واپس وڃي، سندس ساه ڪڍي اچ." فرشتو وري ڌرتيءَ تي موٽي آيو. مجبوريءَ هيٺ استريءَ جو ساه ڪڍيائين. ان بعد ايشور وٽ موٽي وڃڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر سندس پَرَ ڪپجي چڪا هئا.

فرشتو زمين تي رهي موچڪو ڪم ڪري گذر ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن هڪ ٻڍڙي ٻن ٻارن سان وٽس آئي ۽ پنهنجي ٻن ٻڪين لاءِ بوٽ ٺاهڻ واسطي کيس چيائين. ٻڍڙيءَ جي ڳالهائڻ مان کيس معلوم ٿيو ته هوءَ انهن ٻن ٻڪين جي ماءُ ڪانه هئي. ٻڍڙيءَ پوءِ کيس ٻڌايو: "مان برابر ٻارن جي ماءُ ڪانه آهيان. نه ڪا سندن متياڻي مائٽياڻي آهيان. پر سندن پالڻ پوشڻ مون ئي ڪيو آهي."

فرشتي چيس "تون کين پيار نه سڳيءَ ماءُ کان وڌيڪ ٿي ڪرين؟"

ٻڍڙيءَ وراڻيو: "ڪيئن نه پيار ڪنديس؟ کين

"سرب جيتا کا راکا سوء"

سيني جيون جي رکيا پاڻ (پريو) ئي ڪري ٿو.

"جھ پرساد، چتيھ امرت کاھ"

جنھن پريوء جي ڪرپا سان تون چتيھ امبرت جھڙا
پوجن کائين ٿو.

رشي ٽالسٽاء پنھنجي ھڪ دلچسپ آکاڻيء ۾ ٻڌايو
آھي تہ ايشور جي ھڪ فرشتي جو ھڪ پيري ان ستيہ
۾ وشواس ڀڄي ويو تہ ايشور سيني جي سار سنڀال
لھي ٿو ۽ ڪنھن کي بہ ڇڏي ڪونہ ٿو ڏئي. انڪري
ان فرشتي کي ايشور سزا ڏني. ٿوري وقت بعد اُن
فرشتي پنھنجي اکين ڏٺو تہ ايشور ڪنھنکي بہ ڇڏي
نہ ٿو ڏئي.

فرشتو ايشور جي آگيا موجب ھڪ استريء جو
ساھ ڪڍڻ لاء، جنھن ئي اُن جي پرسان وچي پھتو
تہ ڏٺائين تہ اُھا استري زمين تي ليٽي پئي ھئي.
ھنجي پاسي ۾ ٻہ تازيون ڄاول ڪکيون ٻہ ٻچ
ھيون ۽ پي رنيون ۽ رڙيون.

فرشتي کي موت جو ملائڪ سمجھي، استريء
کيس ٻڌايو: "منھنجو پتي وڻ ھينان اچي مري ويو
اسانجو بيو ڪو بہ مت مائٽ ڪونہ آھي. منھنجو بہ نو
جيڪڏھن ساھ ڪڍيو تہ منھنجي ھنن ٻن ڪکين
جي سار سنڀال ڪير لھندو؟ ڪرپا ڪري دايا ڪر

ايشور سزا ڏنم ۽ پَرَ ڪپي ڇڏ يائينم. هاڻ ڪيس تسلي ٿي ته سڀني جيون جي سار سنڀال لهڻ جو پربنڌ ايشور ئي ڪري ٿو. ٻيڙيءَ جي حوالي ٻه ٻار ڪرڻ سان گڏو گڏ سندس ڇاتيءَ ۾ وڏيڪ کير ٻه ميسر ڪيائين، جيئن ٻئي ڪکيون پلجي وڏيون ٿي سگهن.

فرشتي جي اندر ۾ جڏهن اهو وشواس پيدا ٿيو ته سار لهڻ وارو مالڪ ئي آهي، تڏهن سندس پَرَ موٽي آيا ۽ اُڏامي پنهنجي اصلوڪي ماڳ ايشور وٽ هليو ويو.

اسين انسان ٻه جيڪڏهن ان حقيقت جو احساس ڪاريون ته رب ئي اسانکي روزي رسائي ٿو ته هوند ڪڏهن ٻه ڪيس پلجي ڪين وڃون. سندس اهو احسان مڃي، سندس پريم ۾ سدائين پُر رهون ۽ سندس سمرڻ ڪري، سدائين سنئين واٽ تي هلون!

انسان جي اندر ۾ عجيب ۽ اڏيوت شڪتي

انسان جي اندر ۾ اَٿاهه ۽ اَڻ ميي شڪتي ميسر آهي، جنهنجو نه انت آهي نه پار. اسانکي اُنجو احساس ڪين آهي. اسين اُها تصور يا ڪلپنا ۾ آڻي ڪين ٿا سگهون. اسين ڀانيون پيا ته انسان صرف هڏن ۽ ماس جو سرير آهي. هڪ ڏينهن خاڪ ٿي ويندو.

اسانجا رشي مني، پير پيغمبر، اسانجا گرنٿ پراڻ

پنهنجي ٽيج تي ئي وڏو ڪيو اٿم. پنهنجو هڪ ٻار هئم
ايشور اُن کي پاٽوت گهرائي ورتو. هنن ٻن ڪڪين
جي ڄمڻ کان ٻه ڏينهن اڳ سندن پيءُ راهه ڙ ٻاني وٺي
ويو. ماءُ ٻه ٻار ڄڻي گذاري وئي. گهر ۾ ان ڪٽو
ڪونه هئن، پاڙي اوڙي جا ويچارڻ لڳا ته هاڻ ڪير
ڪين پاليندو. اُنوقت منهنجي گود ۾ ٻن مهنن جو ٻا
هو. مون الهن ٻن ڪڪين کي پالڻ شروع ڪيو
ڀرپائين ته ڪين پنهنجي ٽيج ڪانه ڏيندي هيس، ج
منهنجي ٽيج منهنجي ٻالڪ لاءِ ئي پوري مس هوندي
هئي. انڪري سمجهيم ته ڪڪيون ٻڇنديون ئي ڪين
جلد ئي قياس اچي ويم ۽ ڪين ٻه پنهنجي ٽيج ڏيڻ شروع
ڪيم. مالڪ جي مهر سان منهنجي ڇاتيءَ ۾ ڪير وڌي
ويو. هولئن ته هڪ ٻار لاءِ ٻه پورو ڪونه ٿيندو هو
پوءِ ٽنهي ٻارن کي پيارڻ ڪانپوءِ ٻه ڪيترو ڇلڪند
رهندو هو. منهنجو پنهنجو ٻار ته ٻن مهنن بعد مالڪ
موٽائي ورتو. هيءُ ٻه ڪڪيون اُسڻ لڳيون. هاڻ
هيءَ ڪڪيون ئي منهنجي اولاد آهن. پوءِ ڪين ڪيئن
نه پيار ڪنديس؟"

ڇهن سالن کانپوءِ اها ڳالهه ٻڌڻ سان فوشني ڪ
اچي ياد پيو ته ڪيئن انهن ٻن ڪڪين جي ماءُ جو ساٿ
ڪيڻ بعد منهنجي من ۾ شنڪا اُٿي ٿي هئي ته انهن
ڪڪين جي ڪير سار سنڀال لهندو ۽ ان شنڪا ڪري

جهڙوئي ڏسان ٿو. هر هڪ منش ۾ شاهي شڪتي آهي. ويدانت چوي ٿو ته اوهين سڀ ايشور آهيو."

سوامي وويڪانند اِن شڪتيءَ کي گيان به سڏيو آهي. چيو اٿس: اُهو گيان منش اندر وياپڪ آهي. ڪوبه گيان ٻاهران اُڏامي ڪونه ٿو اچي. اهو اندر ۾ئي آهي. منش جيڪي "سکي ٿو"، سو حقيقت ۾ اهو آهي، جيڪي هو پنهنجي آتما، جا اننت گيان جي کاڻ آهي، تنهن تان پڙدو لاهڻ سان پرتکش پسي ٿو. اسين چئون ٿا ته نيوٽن "ڪشش شڪتي" ڳولهي لڌي. ڇا اُها شڪتي ڪنهن ڪنڊ ۾ هن لاءِ سيڙي ويٺي هئي؟ اُها هن جي من ۾ئي هئي. وقت آيو جو هن جي اندر ۾ ظاهر ٿي. جيڪو به گيان سنسار کي مليو آهي، سو من مان ٿو اچي. ٻاهرين دنيا ڪيول هڪ اشارو آهي. موقعو ئي منش کي پنهنجي من جو ابياس ڪرڻ جو وجهه ٿو ڏئي. وڻ مان صوف جي ڪرڻ نيوٽن کي اشارو ڏنو ۽ هن پنهنجي من ۾ اوک ڊوک ڪئي. سندس من ۾ جيڪي ويچار هئا، سي صوف ڪرڻ ڪري مليل اشاري تي، هن هڪ ٻئي سان ڀاڙيو ويهي ڳنڍيا ۽ ڪشش شڪتيءَ جو قاعدو ڳولهي لڌو. اهو قاعدو صوف ۾ لڪل ڪونه هو، نڪوئي ڌرتيءَ جي مرڪز ۾. سڀ گيان، سنساري ۽ آتمڪ، انساني من ۾ ئي آهي. ڪيترين حالتن ۾ اهو لڪل ئي رهي ٿو ۽

اِهائي ڳالهه وَر وَر ڪري پيا دهرائين ته اِنسان ۾ عجيب ۽ اڏپوت شڪتي آهي، جنهنکي اسين جيڪڏهن جاڳايون، جنهنجو جيڪڏهن اسين احساس ڪريون ته اسين هر مشڪلات، هر مصيبت کي آسانيءَ سان منهن ڏيئي سگهون؛ کهڙي بہ اُهنجي يا اؤکي ڪاريہ ۾ سڦلتا پراپت ڪري سگهون، ڪابہ اٽڪ رڪاوٽ هٽي پري ٿي وڃي ۽ منزل مقصود ڏانهن وات صاف ۽ سڌي ڏسڻ ۾ اچي.

جيسوُ ڪرست چيو آهي: .I and my father are one "مان ۽ منهنجو پتا (ايشور) هڪ آهيون." ايشور اڪيلو هو. سرشٽي بڻايائين ته گهڻا ٿيا. سڀ انسان سندس ئي صورتون آهن، سندس ئي سروپ آهن. "ايڪ نوُر سي سڀ جڳ اُپجا." بڌ ڌرم وارا چون ٿا "اسين ڏيئا آهيون. هڪ ئي کي ٻاريو آهي. ڏيئا جدا جدا آهن، پر جوت هڪ آهي." سڀ سنت مهاتمائون چون ٿا ايشور سيني اندر براجمان آهي ۽ سيني ۾ وسي رهيو آهي. سندس دويہ شڪتي اسان سيني ۾ لڪل آهي.

سوامي ويڪانند آميريڪا ۾ هڪ ميڙ ۾ تقرير ڪندي چيو "اوهين شاهي شڪتي آهيو. پر اُها شڪتي ڪٿي آهي؟ هرهڪ منش شڪتي آهي. ٻيو ڪوبہ راجا ڪونہ آهي. اوهين سڀ راجا آهيو. راجا اوهان سيني جي اندر گهڙي ويو آهي. مان نہ هرهڪ کي هڪ

تيندي آهي.

شاعر به جڏهن پنهنجي اندر ۾ اونهي ٽٻي هڻي ٿو، شعر لکڻ ۾، پنهنجو سمورو هردو، پنهنجا سمورا اُمنگ ۽ سمورا جذبا ٿو وجهي، تڏهن پاڻ ۾ اُن شڪتيءَ جو احساس ٿو ڪري ۽ اُها شڪتي ئي کيس اُتم ۽ اعليٰ درجي جون ڪويتائون رچڻ لاءِ سمرٿ ڪري ٿي.

آمريڪن مهاپرش چارلس وائنڊام بيننٽ پنهنجي هڪ ليک Secret of personal power ”شخصي شڪتيءَ جو راز“ جي سري سان انسان جي اندر ۾ ان شڪتيءَ جو سندر نمونو ورنن ڪيو آهي. هو لکي ٿو ”تنهنجي اندر ۾ به اُهائي شڪتي آهي، جنهن صدين کان انيڪ انسانن کي واهر پئي ڪئي آهي ۽ هو مهاڪٺن مشڪلاتن جي منهن ۾ به اُتم پدوي پراپت ڪري سگهيا آهن.“

گانڌي اهڙو هڪ شخص هو. پنلو سرير، ڌن دولت ۽ راجنيتي طاقت جي سهاري کانسواءِ، هن اهڙو تحرڪ شروع ڪيو، جنهن دنيا جي وڏي ۾ وڏي سلطنت جو بنياد ڏوڏي ڇڏيو. هن پنهنجي ديسواسين لاءِ آزاديءَ جي طلب ڪئي. اها مراد بر ثواب ڪرڻ لاءِ هن بندوقون ضروري ڪين سمجهيون، اندر ۾ ميسر شڪتيءَ کيس بلوان ڪيو. هن ۾ ايڏي مقناطيسي ڇڪ هئي، جو سڀ هن ڏانهن ڇڪجي ويندا هئا. هيءُ

ڳولهي ڪونہ تولڌو وڃي. جو انسان ڪجهہ پڙدو هٽائي ٿو، سو ڪي قدر گياني سمجهيو وڃي ٿو. جو منش سمورو پڙدو هٽائي ٿو، سو پورن گياني ۽ سروگيہ آهي. انيڪ سروگيہ پرش ٿي گذريا آهن ۽ مونکي اعتقاد آهي تہ پيا بہ ٿيندا. جيئن چقمق پٿر ۾ باهہ آهي، تيئن من ۾ گيان ميسر آهي."

جي لکل شڪتيءَ کي ڳولهي تا لهن سي امراجر آهن. ڪرشن ڀڳوان، راجا رامچندر، بدّ ڀڳوان، جيسوءُ ڪرست، پيغمبر محمد ۽ پيا انيڪ مها پرش جڳت پرست آهن.

ان شڪتيءَ جو ويچار جنهن بہ ڪيترو ۾ انسان جيترتيءَ گهرائيءَ، اونهائيءَ، سچائيءَ ۽ گنڀيرتا سان هڪ منو، هڪ چتو ٿي ڪندو، اوترو سگلنا سان اُنکي پراپت ڪندو. وگياني ڪابہ کوجنا تڏهن ئي ڪري سگهندو آهي، جڏهن هو ان کوجنا جي وشيہ تي لڳاتار پنهنجو سمورو ڌيان دل سان، سچائيءَ سان لڳائيندو آهي. اُها وشيہ سندس من تي قبضو ڪري ويندي آهي ۽ سندس ڪلپنا ۾ پيئي ڦرندي آهي. ٻيون سڀ ڳالهيون ڀلجي ويندو آهي. اُٿندي ويهندي، کائيندي پيئندي سندس ويچار اُن وشيہ ۾ ئي ڪٺل هوندو آهي. جڏهن اها وشيہ سندس اندر کي جڙ گهيرو ڪري ويندي آهي، تڏهن اُها شڪتي ان کوجنا جي روپ ۾ پرگهٽ

سئميوئل مارسيدن چيو آهي! ته "تون جي ويچار
کندين ته اُها شڪتي مان ٻه هٿ ڪري سگهان ٿو
ته اُهو ويچار اهڙو ٻل پيدا ڪندو، جو تون اوس اها
شڪتي پراپت ڪري سگهندين."

ايمرسن چيو آهي: "ويچار ئي سنسار تي راڄ ڪن
ٿا." ويچار پڪو پختو هوندو ته سڦلو ضرور ٿيندو.

چارلس بينيٽ وڏيڪ لکيو آهي ته "اها شڪتي
ايشوري شڪتي ئي آهي. انسان ايشور جوئي روپ
آهي، ايشور جوئي چتر آهي. اُها شڪتي انسان جي
اندر ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته ايشور انسان جي اندر ۾ آهي.
انسان جيستائين ايشوري شڪتي اندر ۾ محسوس ڪانه
ڪئي آهي، تيستائين انسان ايشور سان هڪ ڪين ٿيو
آهي؛ تيستائين هو بي وس ۽ ڪمزور آهي. جڏهن هو
ايشوري شڪتي پائي ٿو، تڏهن ايشور سان هڪ ٿي
وڃي ٿو ۽ ڪنهن به هاڃيڪار طاقت جو ڪاميابيءَ
سان مقابلو ڪري سگهي ٿو."

اها شڪتي ڪيئن پائجي، ان باري ۾ چارلس
بينيٽ لکيو آهي ته جڏهن اسين پورن ريت ايشور
جي سرن وٺنداسون، تڏهن ئي اُها اٿاهه شڪتي اسان
جي اندر ۾ ڌارا ڪري وهندي، ۽ اسانکي شڪتي
شالي بنائيندي. سنساري خواهش ۽ تمنائن جي پوئواري
ڪرڻ سان اسين ايشور ۽ پنهنجي وچ ۾ لوڙهو ڪڙو ڪري؛

ننڍڙو پتلو پرش ڪروڙن انسانن جي وفاداري ۽ پري
پائي سگهيو. اڳ ائين ڪڏهن ڪين ٿيو هو. هندستان
جي ماڻهن مٿس اعتماد رکيو، جڏهن هن اقرا
ڪيو ته هو بنا بندوقن، بنا رتو ڇاڻ، بنا فتنن
فسادن جي آزادي هٿ ڪري سگهندا. ستياگره
ذريعي، هن پنهنجي پوئلڳن جي اڳواڻي ڪئي
۽ برطانيه سلطنت جي طاقت ختم ڪري، هندستان
لاءِ آزادي حاصل ڪئي.

هيلن ڪيلر به هڪ اهڙي استري هئي. سورداس
۽ ٻوڙي، هن پنهنجي اندر ۾ شڪتيءَ جو احساس
ڪيو ۽ زبردست ليکڪا ۽ وياکياڻ ڪندڙ ٿي پيئي.
مشڪل ۾ مشڪل سريرڪ ڪشٽ وڪوڙي ويس ۽
سندس اڳيان رستو رڪاوٽن سان ڀريل هو. پر هنجي
اندازي ۽ شانت دنيا اندر، ڳجهي شڪتي ظاهر ٿيڻ
لاءِ اوسيئڙو ڪندي رهي هئي. هن اها ڪنجي ڳولهي
لڌي، جنهن جيون شڪتيءَ کي ٻاهر ڇڪي ڪڍيو
۽ هوءَ خدائي شڪتيءَ سان اڳتي وڌندي رهي آهي.

هزارين اهڙا انسان ٿي گذريا آهن. ڪهڙو راز هو
جو هنن ان شڪتيءَ جو احساس ڪيو؟ ڇا ڪين
خدائي ذات عطا ٿيل هئي، جنهن کان ٻين کي محروم
ڪيو ويو آهي؟ ڇا شڪتي جا هنن ڳولهي لڌي،
• سا اسان سيني جي اندر ۾ ڪئي آهي؟

وڏيڪ گڻ گهٽ. اوگڻن کان صفا آجو ورلو ڪو هوندو.

اسين اڪثر ڪري ٻين جا ويهي اوگڻ ڏسندا آهيون. انهن تي واد وواد ڪندا آهيون. ٽيڪا ٽپڻي ڪندا هيون. پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان انهنجي ويهي پچار ڪندا آهيون. ننو ليون ڪندا آهيون. اهو ويچار مور ڪين ڪندا آهيون ته اسانَ ۾ به ڪي نه ڪي اوگڻ هوندا. ٻين جي اوگڻن جي اُپٽار ڪري، اسين اجايو پنهنجي من کي به اشانت ڪندا آهيون ۽ اهڙيءَ ريت گلا ڪرڻ يا عيب جوئي ڪرڻ جو وڏيڪ هڪ اوگڻ پاڻ ۾ پيدا ڪندا آهيون. نه فقط ايترو، پر ٻئي جي اوگڻن تي ويچار ڪرڻ سان، پاڻ ۾ به اُنهن ساڳين اوگڻن جو جڙ ٻج چٽو آهي.

اسانکي ٻين جا اوگڻ ڇو ٿا ڏسڻ ۾ اچن؟ ڇاڪاڻ ته اسان ۾ به اوگڻ آهن. اسان ۾ اوگڻ نه هجن، ته ٻين جي اوگڻن ڏانهن هوند ڌيان ئي ڪين وڃي. پنهنجي اوگڻن ڪري، درشٽي به اهڙي ٿي پوي ٿي جو ٻين ۾ وقتي هرويرو به اوگڻ ڏسون ٿا. ٻين جي گڻن کي به ڪنهن نه ڪنهن نموني اوگڻ جو رنگ ڏيئي، لوڙيءَ مان نانگ ڪري ڇڏيون.

ٻئي جا اوگڻ ڏسڻ به وڏو اوگڻ آهي. انگريزي ست دل ۾ پئي تري اچيم:

I should be slow to Judge, slower still to condemn.

تا چڏيون ۽ جيون شڪتيءَ کان پاڻکي ڪيبي ڌار
ڪري تا چڏيون. ايشور جي سرڻ وٺڻ سان اسين
ايشوري شڪتيءَ جا دروازا کولي تا ڇڏيون ۽ ڪمزوريءَ
جي بدران بل اچي ٿو وڃي.

اعتقاد ۽ وشواس به ضروري آهن. اُبتا ويچار
ڇڏي سبنا ويچار ڪرڻ گهرجن. ڏينهن ۾ پاڻکي ڪيترا
دفعا چئو: "مان ايشور جو بالڪ آهيان. سندس شڪتي
سان مان اُن سڀ کان آجو آهيان، جو مونکي هنکان
الڳ ٿو ڪري. هنجو مون سان گهڻو پريم آهي. هو
منهنجون ڪمزوريون، منهنجا غلط ويچار، سڀ رنڊڪون
دور ڪري رهيو آهي. جيون شڪتيون منهنجي اندر
۾ لڳاتار وهي رهيون آهن ۽ مونکي بلوان، پويتر ۽
اوجل ڪري رهيون آهن."

اهڙيءَ ريت ئي اسان ۾ ايشوري شڪتي نمودار
ٿيندي ۽ اسان کي هاڃيءَ کان بچائيندي.

اؤگڻ چت نه ڌرو

سنسار ۾ جيئن سک ۽ دک، تڏي ۽ ڪوسي،
روشني ۽ اونده، سردي ۽ گرمي، مان ۽ اپمان آهن،
تيئن گڻ ۽ اؤگڻ به آهن. انسان ۾ گڻ به آهن، اوگڻ به
آهن. ڪن ۾ گڻ وڌيڪ اؤگڻ گهٽ، ڪن ۾ اوگڻ

ماڻھن جي پيڙ ڏسي، هڪ ڏينھن اُن وئشيا کي سڏي، مٿس ملامت وڌائين. چيائينس: ”تون وڏي پاپڻ آهين: رات ڏينھن پئي پاپ ڪرين. پرلوڪ ۾ تنھنجي ڪھڙي نہ دکي حالت ٿيندي!“ ويچاري وئشيا پنھنجن ڪرمن سبب نهايت اُي پشيمان ٿي ۽ سچي ڀاو سان سائينءَ کي سوال ڪرڻ لڳي تہ اُپراڌن لاءِ معافي ملي. پر جيئن ڪ وئشيا تي رهڻ سندس پيشو ٿي ويو هو، انڪري آجيوڪا جو ٻيو ڪو وسيلو آسانيءَ سان اختيار ڪري ڪانہ سگهي. سو جڏهن جڏهن سندس سرير اُن پاپ ڪرم ۾ ڪرندو هو، تڏهن تڏهن دل ۾ ڏاڍو پڇتاءُ ڪندي هئي ۽ ڪميا لاءِ پريوءَ در وينتي ڪندي هئي.

هوڏانھن سنياسي سمجهڻ لڳو تہ وئشيا مھا پاپڻ آهي، سڌرندي اُي ڪونہ. دل ۾ ويچار ڪيائين تہ ڏسان تہ هن ڪانپوءِ ڪيترا ماڻھو وٽس وڃن ٿا. اُن ڏينھن کان وٺي جڏهن بہ ڪو ماڻھو وئشيا جي در اندر پير پائيندو هو تہ سنياسي هڪ پٿر ڪٽي الڳ ڪري رکندو هو. وقت گذرندو ويو. پٿرن جو ڍڳ بہ ويو وڏو ٿيندو. هڪ ڏينھن وئشيا کي ڪوٺي، سنياسيءَ پٿرن جو ڍڳ ڪيس ڏيکاري آکيو: ”اي استري، ڏس ڪيڏو وڏو ڍڳ ڪنو ٿي ويو آهي. جڏهن کان مون توکي پاپ ڪرم ڇڏڻ جو اُپديش ڏنو، تڏهن کان

"شل آءٌ بين تي تڪڙي ٽيڪا ٽپڙي ڪين ڪريان ۽ ننڍڙ ۾ تہ اُنڪان بہ ڀلو رهان." پر ورلو ڪو ٿبو بين جا اوگڻ ڏسڻ يا انهن جي ويچار ڪرڻ کان پاڻڪي پري رکي. ميٺهن پاڻ سموري ڪاري هوندي، پر چوندي ڏانءَ ڪي هل ڙي پچ ڪاري. آئيني ۾ ميري شيءِ ميري، اڇي شيءِ اڇي ڏسڻ ۾ ايندي. ساڳيءَ ريت اوگڻن سان ڀريل انسان کي ٻئي جي انسان روپي آئيني ۾ اوگڻ ئي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سائيءَ وارو انسان سڀ ڪجهہ سائو ئي ڏسندو آهي. اسان ۾ اوڳڻ اڪيچار هوندا، پر ويچار ڪندا سون بين جي اوگڻن جي. مهاتما گانڌيءَ چيو آهي "پنهنجا دوش اسين ڏسڻ نہ ٿا چاهيون، بين جا ڏسڻ ۾ اسانکي مزو ٿو اچي. گهڻو دک تہ انهيءَ عادت مان ئي پيدا ٿئي ٿو."

بين جا اوگڻ ڏسڻ سان اسين پاڻکي ڪيرايون ٿا. اُنتي ڪرڻ چاهيون تہ ڪري ڪين سگهنداسون. پنهنجي اوگڻن جو احساس ڪرڻ ۽ پاڻکي انهن کان آجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان ئي اُنتي ٿي سگهي ٿي. عيب ئي عيب ڏسڻ سان اُنتي ڪيئن ٿي سگهندي. سري رامڪرشن پرمهنس ديو هڪ دلچسپ درشٽانت ٻڌائيندو هو:

"هڪ سنياسي هڪ مندر جي ٻاهر رهندو هو. پرسان هڪ ويشيا جو مڪان هو. اُن مڪان ۾ سدائين

جي ڏيان ۾ رڌل هوندو هو، انڪري اُشڌ ٿي ويو. تون سمورو وقت هنجا رڳو پاپ ئي پيو ڏسندو هئين ۽ انهن جي ئي پچار پيو ڪندو هئين. انڪري تنهنجو من ملين ٿي ويو ۽ تون ڪاٻ اُنتي ڪري ڪانہ سگهئين ۽ نرڪ لوڪ ڏانهن وڃي رهيو آهين. هو ڏانهن هن وشيا جو سرير برابر پاپ ڪندو رهيو، پر هن جو انتهڪرڻ شڌ هو. هوءَ پاپن لاءِ نهايت ئي پڇتائيندي هئي ۽ ايشور کي دل سان ڏيائيندي هئي. انڪري وئنڪٺ لوڪ ڏانهن وڃي رهي آهي. سچي وشيا تون هئين.

سوامي وويڪانند چيو آهي: ”بالڪ پاپ ڪونہ ڏسندو آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس اندر ۾ پاپ ڪونہ آهي. پنهنجي اندر جي اوڻاين ڪان آجو ٿي تہ پوءِ ڪنهن ۾ بہ اوڻايون ڪين ڏسڻ ۾ ايندءِ. هڪ واريءَ تون مڪت ۽ بي داغ ٿي وڃين تہ سنسار ۾ مڪتي ۽ پوترتا ئي پسندين.“

ٻئي هنڌ چيو اٿس: ”سورداس کو بہ رنگ ڏسي ڪونہ سگهندو آهي. اسين بہ ٻئي ۾ خرابي ڪين ڏسي سگهنداسون جيستائين اسان ۾ خرابي ڪانہ هوندي ۽ اسين جي پوتر آهيون تہ اپوترتا ڏسڻ ۾ ئي ڪانہ ايندي. اُها ڪٿي هجي بہ، پر اسان لاءِ نہ.“

وري چيو اٿس: ”دل پوتر هئڻ گهرجي. پوتر هردوئي ڪيول چڱائي پسي سگهي ٿو. برائي ڪداچت ڪين. اسانکي منش جاتيءَ جو Gaurdian (سنڀاليندڙ)

ونئي هيترن پترن جيترا پاپ ڪيا آهن. هينئر ب
توکي آگاهه ٿو ڪريان ته انهن ڪُڪرمن ڪان منهن
موڙ."

پنهنجي پاپ روپي پترن جو ڏيک ڏسي، وئشيا
جي ڏرن ڌڪڻ لڳي ۽ اکين ۾ آنسون آڻي زار زار
پڪارڻ لڳي: "پڙيو، مان بيوس هيس. هن نرڪ جي
جيون کان ڪيئن به ڇوٽڪارو ڏي!" ايشور سندس
عرض اَگهايو. اُن ڏينهن ئي موت جو ملائڪ سندس
در وٽان لنگهيو ۽ وئشيا جي دکي جيون جو انت
آندائين. پڙيوءَ جي عجيب ليلا سان سنياسي به ساڳي
ڏينهن ڪال ديوتا جو ٻک ٿيو. سوُرگ لوڪ مان
وشنو ديوتا جا پارکو وئشيا جي سوکيم سرير کي
وٺڻ ڪت ونئي ويا ۽ هوڏانهن جم دوت سنياسيءَ
جي سوکيم سرير کي ڇوڪنيو بڌي، پاتال لوڪ ڏانهن
گهلي ويا. وئشيا کي وماڻ ۾ وٺڻ ڪت ڏانهن ويندو
ڏسي سنياسيءَ واڪو ڪيو، "ڇا ايشور جو نيا
اهو آهي؟ سڄي جيون تپسيا ۽ تياڳ ۾ گهاريم ته ب
مونکي نرڪ ڏانهن ٿا وٺي هلن ۽ وئشيا، جنهن
ساري جيون پاپن ۾ گذاري، سا وئنڪت پئي وڃي."

اهي اَکر ٻڌي وشنو ڀڳوان جي پارکن ورائيو
"ايشور سدائين نياءَ ڪاري آهي. جهڙا ويچار ڪبا
اهڙو ئي ڦل پائبو. تنهنجو من سدائين وئشيا جي پاپن

پرارٿنا هڪ پربل هٿيار

مهاتما گانڌيءَ چيو آهي: انسان جي اندر ۾ اهنڪار ۽ پرڪاش روپي شڪتين وچ ۾ دائما جهڳڙو چالو آهي. جو پرارٿنا جي اوٽ، اُجهو ۽ آسرو ڪين ٿو وٺي، سو اهنڪار روپي شڪتين جي ٿي ور چڙهي ويندو.

پرارٿنا ڪندڙ پنهنجو پاڻ سان ۽ ساري سنسار سان سديو شانتيءَ ۾ گهاريندو. جو جيوُ پرارٿنا مه هردي ذاران سنسار جا ڪم ڪاريون ڪندو رهي ٿو، سو نه ڪيول پاڻ اتيئنت دکي رهي ٿو، پر سنسار کي به دکي ڪري ٿو.

پرارٿنا جو مرتبو ڪانپوءِ به منش جي اوستا تي اثر رهي ٿو؛ پر هن سنسار ۾ نه اُنجو اڪٿ ملهه آهي. پرارٿنا ئي هڪ وسيلو آهي، جو روز مره جي ڪمن ڪارين ۾ سرلتا، سهلتا ۽ شانتي آڻي ٿو.

انڪري پنهنجي ذهن جو آرنڀ پرارٿنا سان ڪر ۽ اُها اهڙي ته ڀاوَ پورڻ ۽ اُمنگ ڀري هجي جو سنجها تائين تو سان رهي. ذهن جي سماپتي به پرارٿنا سان ڪر، جيئن رات اُٿن سپنن کان آجي ۽ شانتمه رهي.

نہ تيڻ گهرجي. اول تہ اسانکي پاڻکي پوتر ڪرڻ جڳائي. اُنجو پرِيڻام اِهو ٿيندو جو اسين ٻوءِ ٻين کي مدد ڪري سگهنداسون."

ريديو تي اڪثر ڪري هڪ پڇڻ ٻڌبو آهي: "ميرا اوگڻ چت نہ ڌرو". هي پريو منهنجا اوگڻ چت ۾ يعني ويچار ۾ ڪين آڻ. اها درشٽي ڌارڻ سان انسان ٻين جا اوگڻ ڪڏهن بہ ڪين ويچار ۾ آڻيندو. جڏهن هو چاهي ٿو ۽ آراڌنا ڪري ٿو تہ پريو سندس اوگڻ چت ۾ نہ ڌري تہ پوءِ پاڻ ڪيئن ٻين جا اوگڻ چت ۾ ڌاريندو. اهڙيءَ ريت نہ فقط ٻين جا اوگڻ ويچار ۾ نہ آڻبا پر سچيءَ دل سان ايشور در آراڌنا ڪرڻ سان گهربل شڪتيءَ جي ڪرپا ٿيندي ۽ اوگڻن کان آجو ٿيندو وڃبو.

شاهہ صاحب چيو آهي:

عيبن ڀري آهيان، سترڪج ستار، مون ۾ عيب اپار آهن؛ ڍڪ ڍڪيندڙ منهنجو ڍڪ ڍڪج. اسين ٻين جو ڍڪ ڍڪينداسون، تہ مالڪ اسانجو ڍڪ بہ اوس ڍڪيندو.

رام پنجوانيءَ ڳائيندو آهي "ميري آهيان، مندي آهيان، تنهنجي ئي بندي آهيان." جڏهن اسين پاڻ ميرا آهيون، مندا آهيون ۽ ايشور کي وينتي ٿا ڪريون تہ اسانجي منداين کي نہ ڏسي تہ جڳائي تہ اسين ٻين جي منداين تي ٽيڪا ٽپڻي يا اُنهن جي پرچار ڪين ڪريون. پاڻکي ئي اُجو اُجرو ڪرڻ لاءِ يتن ڪندا رهون.

۽ سرڏا ۽ صدق، تسلي ۽ وشواس هئڻ گھرجي ته مالڪ مهربان ۽ مددگار آهي، ڪرپا ۽ ڪروڻا جو ساگر آهي، اسانجو اوت اجهو آهي؛ هو جيڪي چاهي سو ٿي سگهي ٿو، هنلاءِ ڪابہ ڳالھ ناممڪن ڪين آهي. ”پڀُوجي جي چاهي تو ڪيا نئي هوتا.“ هو سدائين اسانجو ڀلو ۽ بهتري، سک ۽ سمپتي ٿو چاهي. بيو ته پورن ريت سرڻ وٺڻ بہ اُچت آهي ۽ پرارٿنا ڪرڻ ڪان اڳ پنهنجي من ۾ پڪ پڪاڻي ڪرڻي آهي ته مالڪ ڪي جيڪي مناسب لڳندو، تنهن تي سنتشٽ ٿيندس، سندس رضا تي راضي رهندس.

پوءِ ئي دل ۾ رتيل وينتي ڪجي. جيڪي گھرجي، تنهنجي طلب ڪجي. صدق سان سائينءَ جي سرڻ وٺڻ ڪان پوءِ ڪيل وينتي جي ڪٽي سويڪار نہ بہ ٿئي ته ڳڻتي ڳارو، افسوس ارمان ڪين ٿيندو. نراسائي ۽ اسنتوش هلاڪ ڪين ڪندا. هردو ازخود بوليندو ’جا تنهنجي اِڇا سائين! جيڪي توکي منظور آ تنهن ۾ ئي منهنجو ڀلو ۽ بهتري هوندي.‘

پادري لارينس چوندو هو ”پرارٿنا اهڙيءَ ريت ڪرڻ گھرجي، جڻ ڪنهن مترسان بات چيت پئي ڪجي. اسين جيڪڏهن سرل سڀاءَ سان سائينءَ جي پيش ايندا سون، ساڻس بنا للڇ چپيءَ جي صاف دل کولي ڳالهائيندا سون ۽ پنهنجي ڪمن ڪارين ۾

پرارٿنا هڪ پربل هٿيار ۽ آتمڪ بل ۽ شڪتيءَ جو ڀنڊار آهي، جو اسان کي پنهنجي پيدا ڪندڙ جي اوڏو نيئي من جي شانتي، اندر جو آنند ڏيئي منجهس نمرتا ڀاو ۽ نهٺائي پيدا ڪري، کيس اهم ڀاو کان آجو تو ڪري؛ ۽ کيس سنئين سڌي جيون گهارڻ، ايشوري مارگ تي هلڻ لاءِ اُتساهت تو ڪري ۽ آتمڪ اُنتيءَ جي مارگ تي اڳتي هلڻ ۾ واهر تو ڪري.

پرارٿنا جي سڦلتا لاءِ صدق ۽ سرڌا، وشواس ۽ پريم، سرڻ وٺڻ ۽ سنتوش ضروري آهي. پرارٿنا ڪجي تي اُن بي انت شڪتيءَ کي، جنهن هيءُ ساري سرشٽي اُتپن ڪئي آهي. اُهو پريو پرماتما اسان سڀني جو پتا ۽ پالڻهار آهي. جيسوُ ڪرسٽ کيس سڏيو آهي FATHER WITHIN اندر ۾ براجمان پتا. پنهنجي مهان پتا کي پرارٿنا ڪرڻ اسان جو پوتر ڪرتويه آهي.

ڪشٽ ڪليش، مشڪلات مصيبت سمي به اسين ايشور دراڳي پرارٿنا ڪندا آهيون. جيئن ٻالڪ کي ڪجهه گهربو آهي ته پتا ماتا کان سڪ ۽ پريم سان اُتلاءِ طلب ڪندو آهي، تيئن اسين به پنهنجي جڳت پتا اڳيان پنهنجون گهرجون رکي سگهون ٿا يا مصيبتن کان بچڻ، اُلجهڻن کي سلجهائڻ لاءِ آرادنا ڪري سگهون ٿا.

• پرارٿنا ڪرڻ وقت ٻه ڳالهيون ضروري آهن. هڪڙو

ساٿي سونهون ۽ سهائي سمجهي، وات ويندي، گهمندي گهتندي، اُٿندي ويهندين، کائيندي پيئندي سندس سمرڻ ڪري سگهجي ٿو. سائينءَ کي سدائين ياد ڪرڻ ۽ پنهنجو ساٿي سمجهڻ سان آڏا اُبتا ويچار اندر ۾ پيرو ئي پائي ڪين سگهندا. اُلٽو سلٽو ڪم ڪرڻ کان هٻڪ هٽڪ ٿيندي، سيني ساهوارن کي مالڪ جي مورتي سمجهي ساڻن پريم پيو ورتاءُ ڪنداسون ۽ سڀ سان ڏک سک ۾ ڀائيڇي پائي ٿينداسون.

اسين سويل صبوح جو اُٿڻ ويل هيٺئين پرڪار جي پرارٿنا صدق سان اُچاريندا رهون ته هوند اسانکي بهتر جيون گهارڻ لاءِ روشني ۽ رهنمائي ملندي رهي.

پتا پروردگار، منهنجا متر ۽ سونها
سگهه ست ڏينم ته
سديو سندم مک مرڪندڙ ۽ مشڪندڙ رهي
گفتار ۾ نهٺائي ۽ سچائي اچي
او جلنا ۽ خوشيءَ جا خيال اندر ۾ اُٿن تين
۽ ڪي شڀ ڪاريه
سندء سندر نانوَ تي
۽ ڀائرن جي ڀلي لاءِ ڪري سگهان!
شل نه ڪنهنکي آءٌ ڏکايان
يا رسايان رنج
جو ڏکائي موکي تنهن سان رکان نه ويرڀاو
سڀن سان پريم ۽ مترتا جي ڀاوَ سان هلان!

سنڌ س واهر لاءِ ليلائيندا سون ۽ اهڙيءَ ريت سنڌس
دروازو کڙڪائيندا رهنداسون ته ڪنهن نه ڪنهن وقت
اُهو اوس کلندو. اُنلاءِ ضروري آهي ته ايشور جي سون
ونجي ۽ پرارٿنا جو جيڪو به پريڻام ٿئي، اُن تئي
سنتشٽ رهجي.

سوامي رامداس هڪ ڀيري هڪ شش جي سوال جي
اُتر ڏيندي کيس صلاح ڏني: "پرارٿنا هردي سان، دل
سان، سچائيءَ سان، گهرائيءَ سان هڪ منو هڪ چتو ٿي
ڪرڻ گهرجي. پوءِ اُها اوس سويڪار ٿيندي. پرارٿن
ڪندو ئي رهه، جيستائين قبول پوي. رات ڏينهن
بالڪ جيئن ويهي ٻاڏاءِ. اهڙي پرارٿنا ڪڏاهڪ وئرٿ
ڪانه ويندي."

انهيءَ ڀاونا سان پرارٿنا ڪبي ته من جي شانتي
سدائين اسان سان ساٿي هوندي، اهنڪار ۽ اهم ڀاو
اسانجي اوڏو ڪين ايندا، ڇاڪاڻ ته اسين پاڻکي
ڪي ڪين ۽ پرماتما کي سڀ ڪجهه سمجهون ٿا
انڪري سياءِ ۾ به نماڻائي ۽ نهٺائي اچي واسو ڪندي
غرور ۽ گهمنڊ، هٺ ۽ ايمان جو نالو نشان به ڪين
رهندو.

پرارٿنا نه صرف صبوح سانجهيءَ، پنهنجي ڪٽنب
اندر شانتيءَ ۾ ويهي اڪيلو ۽ پنهنجي پريوار سميت
ڪرڻ جڳائي، پر ايشور کي هر وقت ۽ هرنم ياد

کي ترڪ ڪري، روح روشن يار جو پسون ته اسان مان ڏاڍئي ٿورڙيان ئي دور ٿي ويندي ۽ پنهنجي پيرو پائيندي. پوء هرهڪ جيو کي پنهنجو ۽ ڪنهنکي به پرائو ڪين سمجهنداسون.

جيسؤ ڪرسٽ کان سندس هڪ شش پڇيو: "سائين اوهانجي اُتم ۾ اُتم آگيا ڪهڙي آهي؟"

ڪرسٽ وراڻيو: "تون پنهنجي مالڪ، پنهنجي پرميشور کي پنهنجي سموري آتما سان پريم ڪر، اها آهي مول ۾ مول آگيا. اُن سان گڏوگڏ ٻي آگيا آهي، پنهنجي پاڙيسري (سڀني جيون) کي ايترو پيار ڪر، جيترو پاڻکي تون ڪرين."

خالق اسانکي خلقيو آهي. هو سياويڪ پنهنجي پيدا ڪيل مخلوقات کي پيار ڪريٿو. چترڪار کو چتر ڪڍندو آهي ته ڪئين نه اُنکي ڏسي پيو ٺرندو آهي. سنگتراش به ڪا مورتي تيار ڪندو آهي ته اُنکي ڏسي پيو گدگد ٿيندو آهي. ماء پنهنجي پيٽ جائي کي اٿاه پيار ڪري ٿي. اُنکي ڏسي پيئي ٺرندي. ٻالڪ به ڪيئن نه پنهنجي ماتا پتا لاء تڙڦندو آهي. ساڳيء ريت ايشور جڏهن اسانکي يعني پنهنجي سنتانن کي پيار ڪري ٿو، تڏهن اسان لاء به اهو هڪ سياويڪ فرض آهي ته جئن اسين پنهنجي ماتا پتا کي پيار ڪريون ٿا تئن پنهنجي جڳت پتا، جنهن اسانکي پيدا ڪيو آهي، تنهنکي به پيار ڪريون.

سڀ سان ڪر تون پيار جڳت ۾، ڪوئي ڪين پرائو.

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته برهمو مندر (ڪ ا ر) ۾ ڪماريءَ سدا موٽواڻيءَ بـ ٿي مدر ۽ منا ڀڄن ڳايا. انهن مان هڪڙي ڀڄن جون شروعاتي سٽون هيون:

تجهه مين رام، مجهه مين رام، سڀ مين رام سمايا،
سب سي ڪرلي پيار جڳت ۾، ڪوئي نهين پرايا.

پوئين سٽ ور ور ڪري دل ۾ تري ايندي اٿم، سڀ سان ڪر تون پيار جڳت ۾، ڪوئي ڪين پرائو. جڏهن تو ۾ رام آهي، مون ۾ رام آهي، سڀ ۾ رام سمايل آهي، تڏهن سنسار ۾ پرائو ڪير تو ٿي سگهي؟ سڀ پنهنجا ڀاڻ ئي ته آهيون. هڪ ئي جڳت پتا مين ۾ پيو وسي، سندس ئي سڀئي سنتان آهيون، پوءِ ته سڀاويڪ سيني سان پيار ئي ڪرڻ گهرجي.

سائين بيوس به چيو آهي:

"جي پسان پوشن پنيان روءِ روشن يار جو،
دور ڏارئب ٿئي ڏُريان ئي، پيش پنهنجائي اچي."

سڀ سان پريم تڏهن ئي ڪري سگهبو جڏهن اهو عقيدو ۽ اعتقاد اَٽل ۽ اَٽوٽ هوندو ته ايشور اسان سيني جو پرم پتا آهي، هر جاءِ ۽ هر هنڌ حاضر ناظر آهي. رڳو اهم ڀاونا جو ٽڙدو هنائي "مان" "مان"

صرف اکرن ۾ ڪين، زبان سان ڪين، پر دل جي سچائيءَ، ڪاريه ۽ عمل ۾ ڪرڻ جڳائي. اڄو ته هڪ ٻئي کي پيار ڪريون، ڇو ته پريم پرميشور وٽان آهي ۽ جيڪو به پيار ڪري ٿو، سو ايشور ۾ ٿو گهاري ۽ ايشور کي ڄاڻي ٿو. اسين هوند هڪ ٻئي کي پيار ڪريون ته ايشور جو اسان ۾ واسو ٿئي ۽ سندس لاءِ پريم پورڻتا پراپت ڪري. جو پريم ۾ گهاري ٿو، سو پرميشور ۾ گهاري ٿو ۽ پرميشور منجهس گهاري ٿو."

چوندا آهن ته اِنسان پريم جو ٻڪيو آهي. ڪنهن سان به پريم پريو ور تاءُ ڪبو آهي ته ڪيڏن نه پاڻکي به خوشي ٿيندي آهي ۽ اُگهلي کي به آنند ايندو آهي. اِنسان ڇا، حيوان کي پيار ڪبو آهي ته هو به ڪيڏن نه گد گد پيو ٿيندو آهي. ناڻگ ته پنهنجو ڏنگ به وساري ڇڏيندو آهي. سندس اڳيان پريم پري مرلي وڄائي ڪيس ريجهايو ته هو خوشيءَ ۾ پيو ڪيليندو ۽ ڏنگ هڻڻ ئي وسري ويندس. ڪتي کي پيار ڪبو آهي ته ڪيئن نه هو موج ۾ پڇ لوڏي، مالڪ سان مزا ڪندو آهي.

پنهنجي خالق سان پريم، سندس ساريءَ مخلوقات سان پريم، اهي به ڳالهيون اسين گرهڻ ڪريون ته سنسار ۾ جهيڙا جهٽا، چڙهت چٽاپيٽي، ساڙ حسد، بغض بدگمانيءَ جو نالو نشان ئي ڪين رهي. هرڪو نه صرف پنهنجي لاڀ ۽ فائدي لاءِ، پر هڪ ٻئي جي ڀلي ۽

هڪ مها پرش چيو آهي: "هڪ آهي اسانجو پتا
اِنڪري اوهين سڀ ڀائر آهيو. جنهن پرڪار اوهين
چاهيو ته ٻيا توهان سان ورتاءُ ڪن، ساڳيو ورتاءُ اول
اوهين اُنهن سان ڪريو، اهو آهي قانون."

جڏهن اسان سڀني جو پتا هڪ آهي، تڏهن اسان
سڀ پاڻ ۾ ڀينر ۽ ڀائر ٿياسون ۽ سڀن سان پريم ڪرڻ ئي
جڳائي، پوءِ هو ڀلا هجن يا ٻرا، چڱا هجن يا مندا.
هڪ درويش جو ڪلام آهي:

"اول الله نور اُپايا، قدرت ڪي سڀ بندي،
ايڪ نور سي سڀ جڳ اُپجيا، ڪؤن ڀلي ڪؤن مندي."

جيئن ڀائر ڀينر پنهنجي ماتا پتا کي پيار ڪندا آهن
۽ ساڳئي وقت پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي به پيار ڪندا آهن،
تئن سنسار ۾ اسان سڀني کي پنهنجي پروردگار کي پيار
ڪرڻ سان گڏوگڏ هڪ ٻئي کي به پيار ڪرڻ گهرجي.

سڀ رشي مني، سڀ سنت مهاتمائون، سڀ پير
پيغمبر، سڀ ويد پراڻ، سڀ پوٿيون ۽ گرنٿ به ساڳي
سکيا ڏين ٿا. پريم هڪ عجيب چيز آهي، هڪ اَهم
۽ اَملهه وٿو آهي، سڀني ڳالهين جي جڙ ۽ بنياد آهي.
پنهنجي مالڪ سان پريم، جيو جنتن، پسون پکين سان
پريم، سڀني ساهه وارن سان پريم، اسين سڀئي اها وات
ونون ته هوند سنسار سک ۾، شانت ۾، آنند ۾
پاسڻ ۾ اچي ٿو.

پريم سنبڌ ڏانهن نيئي هلڻ لاءِ به هڪ سرل سادو،
هڪ اثرائتو اُپاءُ آهي. جو پنهنجي پاڻ کي پيار ڪري
ٿو، سو ايشوري پرڪاش ۾ نهاري ٿو. پيار اسان کي

پاڻ ۾ پيھي پاڻ سڃاڻڻ

هڪ سنڌي ڀاءُ، شري ڪندنداس مهتاڻي، هڪ ڀيري ڀڳوان رمڻ مھارشيءَ کي وينتي ڪئي: ”اُپديش ڏيوم، چاڪاڻ ته سڀ گرنٿ اِن ڳالھ تي زور ڏيئي رهيا آهن ته منش گروءَ کان اُپديش وٺڻ ڌاران ڪجھ ب پراپت ڪري ڪو نه سگھندو. توهانجون سڀ هدايتون بي پڙهيون اٿم ته آتم ڀڃا يعني پاڻ کان پڇا ڪرڻ گھرجي. پنهنجي اندر ڪوجنا ڪرڻ گھرجي ۽ مـن جي سانت پراپت ڪري، اُن ۾ ايشور کي ”آءٌ“ جي روپ ۾ حاصل ڪرڻ گھرجي. ان هوندي ب سڌ ڪانه اٿم ته مون لاءِ شخصي طرح ڪھڙو سنئي ۾ سنو مارگ آهي.“ ڀڳوان ڪجھ ڪين وراڻيو. هڪ ڏينهن شري ڪندنداس ننڊ ۾ هو. منجھند جو ٻي ٻجي سپني ۾ هڪ درشيہ ڏٺائين. ڀـڳوان کيس درشـن ڏنـو ۽ هڪ سنسڪرت سلـوڪ ٻڌايائينس، جنهنجي معنيٰ هئي: ”بھتر ۾ بهتر ڀڳتي يا ڪرم آهي آتم ويچار. گرو ڪا توکي نئين ڳالھ ڪانہ ٻڌائيندو، جنهنجي توکي اڳيئي سڌ ڪانه هجي.“

آتما اسين آهيون

اسانکي پنهنجي مـن مان اهو ويچار ڪڍي ڇڏڻ

بهتريءَ ، سک ۽ سمپتيءَ لاءِ هوند ڪوشش ڪندو رهي. سوامي وويڪانند چيو آهي: "ٻين جي ڀلي ۽ سک لاءِ جيون وتيت ڪرڻ ڌرم آهي. جيڪي تون رڳو پنهنجي لاءِ ڪرين ٿو سو اَڌرم آهي."

ٻئي هنڌ چيو اٿس: "اسين پنهنجي پرارٿنائن ۾ چوندا آهيون ته پرماتما سڀن جو پرم پتا آهي، پر پنهنجي روزمره جي جيون ۾ هرهڪ منش کي پنهنجو ڀاءُ ڪري ڪين ٿا ڀانيون."

سنسڪرت ۾ هڪ ڪوتا آهي: "مون ۽ تون جو ويچار تنگ درشٽيءَ وارن کي ايندو، باقي اُدار دل وارن لاءِ ته سارو سنسار جڻ هڪ ئي ڪٽنب آهي."

پيغمبر محمد ور ور ڪري چوندو هو، "خدا جا سڀ خلقيل، خدا جو ڪٽنب آهن."

جيسو ڪرسٽ چيو آهي: "خوش رڳو تڏهن ٿيءُ جڏهن پنهنجي ڀاءُ (سڀني اِنسانن) سان پريم ڀريو ورتاءُ ڪرين."

ڀاڳوت پراڻ ۾ هيٺين پرارٿنا درج ٿيل آهي:

"مان اُهو اُتم آنند اُنن ٿي پورنتائن سان ڪين ٿو چاهيان ۽ نه جنم مرڻ جي چڪر کان آجو ٿيڻ ٿو چاهيان. شل مان سڀني جيون جو دک پنهنجو دک ڪري ڀانيان ۽ هنن جي اندر ۾ ويهي وڃان، جئن هو دک کان آجا ٿين."

جيزس ڪرسٽ جي هڪ سٽ آهي:
" Search ye the Kingdom of God within you "
" پنهنجي اندر ۾ ئي ايشوري راڄڌاني ڳولهه".
هڪ سنڌي درويش چيو آهي:-

" پڇن سي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي
ڏورينديون ڏسن، اڱڻ عجيبن جا"

جيڪي پاڻ کان پڇن، سي پنهنجي اندر ۾ ئي جڏهن تڏهن پرينءَ کي پيا پسن ۽ ڏورينڌڙ ئي عجيبن (پريتم) جا اڱڻ ڏسندا. شاه صاحب چيو آهي:-

" نائين نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو"

ڀڳوان رمن مهارشيءَ کان ڪنهن شش پڇيو: "مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر ۾ بهتر طريقو ڪهڙو آهي؟" ڀڳوان وراڻيو: "مقصد ته آهي ئي ڪونه، جنهن پهچڻو هوي. ڪجهه به پراپت ڪرڻو ڪين آهي. تون ئي آتما آهين. تون سدائين آهين ئي آهين. آتما لاءِ ٻيو ڪجهه چئي نٿو سگهجي، سواءِ اُن جي ته آتما آهي. آتما يا ايشور کي ڏسڻ ڪيول پاڻ آتما ٿيڻ آهي يا پنهنجو پاڻ ٿيڻ آهي. ڏسڻ معنيٰ آهي ٿيڻ. تون پاڻ آتما آهين ۽ ڄاڻڻ تو چاهين ته آتما کي ڪيئن پراپت ڪجي. اهو ته ائين آهي جو ڪو ماڻهو رمن آشرم ۾ ويٺو هجي ۽ پڇي ته رمن آشرم ۾ پهچڻ لاءِ ڪهڙا مارگ آهن ۽ ڪهڙو سٺو مارگ آهي؟ تون رڳو اهو ويچار ترڪ ڪر ته تون

گھرجي ته اسان آتما کي ڪونه ڄاتو آهي. اسين ته آتما
آهيون ئي. رڳو اسين اُهو احساس ڪين ٿا ڪريون

"اسين سڪون جن ڪي، سي تان اسين پاڻ،
هاڻي وچ گمان، صحي سڃاتو سپرين."

وڏيڪ ڀڳوان چيو آهي: "ايشور تنهنجي اندر ۾
ئي آهي. اندر ۾ ئي هن ۾ محسوس ڪر. ايشور، گرو
۽ آتما ساڳي ئي ڳالهه آهن. آتما يا ايشور ٻئي ڪنهن
هنڌ ڪين آهي، پر اسان مان هرهڪ جي اندر ۾ آهي
۽ ٻاڻڪي پيار ڪرڻ سان پنهنجي آتما کي ئي پيا
ڪجي ٿو."

"ديک ذرا من کي آنکون ۾
تيرا رام هيءُ تيري پاس."

مهاتما گانڌيءَ به ساڳي ئي ڳالهه چئي آهي: "جيون
جو مقصد للشڪ پاڻ سڃاڻڻ آهي. اهو اسين تڏهن ئي
ڪري سگهنداسون، جڏهن سڀني ساهوارن سان پاڻڪي
هڪ سمجهڻ سڪنداسون. ايشور اسان سڀني جي اند
۾ ئي براجمان آهي. پنهنجي اندر ۾ ئي اُنکي پراپت
ڪرڻو آهي. اُن جو واهڙ آهي نشڪام ۽ اکنڊ شيوا."

سوامي رامداس چيو آهي: "جيڪڏهن تون ڏيان
دواران پنهنجي سرو شڪتيوان ۽ اَبناسي آتما سان
هڪ ٿي وڃين ته بيحد شڪتي پراپت ڪندين ۽ هـ
ڪمزوريءَ تي جيت پائي سگهندين."

توکي چاهنا هوندي."

سوال- "هو ڇو ڪين تو منهنجي اندر ۾ چاهنا پيدا ڪري؟"

جواب- "پوءِ نه سنلس سرن وٺ."

سوال- "جيڪڏهن سرن وٺان ته پوءِ ايشور کي ڪنهن به پرارٿنا ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي؟"

جواب- "سرن وٺڻ طاقتور پرارٿنا آهي."

ٿئين هڪ شش سوال ڪيو:- "ايشور وري ڪير آهي؟"

جواب- "آتما ايشور آهي. 'آءٌ آهيان' ايشور آهي. آتما ٿيڻ لاءِ مؤن ڌارڻ ڪر. اُنکان سؤلو طريقو ڪهڙو ٿي سگهيٿو؟ آتم وديا سولائيءَ سان پراپت ٿي سگهي ٿي."

"مان ڪير آهيان؟" اهو پاڻکان پڇڻ جي مراد آهي ته پنهنجي من جو سمورو ڌيان پنهنجي جڙ ڏانهن وڃي کپي.

سڀ کان سريشٺ مارگ

سوال- "اِنسان کي ڏک ڇو ٿا ٿين؟"

رمڻ مهارشيءَ چيو آهي: "ڏک کان آجو ٿيڻ لاءِ هڪ ئي طريقو آهي To know and be the Self يعني آتما سڃاڻ ۽ آتما ٿيءُ. تون سچ پچ آتما ئي آهين. آنند پراپت ڪرڻ لاءِ به اهوئي هڪ طريقو آهي. آتم

هيءَ سوير آهين ۽ ٻاهرين وستن يا غير آتما جا ويچار ڇڏي ڏي. جڏهن ٻه تنهنجو من ٻاهرين وستن ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪري ته اُنکي روڪ، پنهنجي آتما ۾ اُنکي لڳاءِ. توکي اهوئي اُدم ڪرڻو آهي.

پرارٿنا ۾ شڪتي آهي

جدا جدا ودوانن جيکي جدا جدا طريقا ٻڌايا آهن، سي ٻه ان ڳالهه کي مڃين ٿا. اَدويت، دويت وغيره، ويچار پڌتيءَ وارا انهيءَ ڳالهه ۾ شامل راءِ آهن ته من کي ٻاهرين وستن لي ويچار ڪرڻ کي ترڪ ڪري، پنهنجي آتما يا ايشور، جيکي ٻه ڪيس سڏجي، اُنجو ويچار ڪرڻ گهرجي. اُنکي ئي ڌيان تو سڏجي.

ٻئي هڪ شش پڇيو: ”پاڻکي سياڻڻ جي معنيٰ ايشور کي سياڻڻ آهي؟“

جواب. ”هائو، ايشور تو اندر آهي.“

سوال. ”تڏهن پاڻکي يا ايشور کي سياڻڻ ۾ رڦاوت ڪهڙي آهي؟“

جواب. ”تنهنجو ريل چيل رلندڙ من ۽ تنهنجا اُبتا اُلٽا طريقا.“

سوال. ”مان برابر ڪمزور آهيان. پوءِ منهنجي اندر ۾ جيڪا ايشور جي مهان شڪتي آهي، سا رڪاوٽ جو ڪين ٿي دور ڪري؟“

جواب. ”هائو ايشور اوس ڪندو، جيڪڏهن

چلائي رهيو رهيو هو. ابراهم لنڪن اُماڪ ئي ڪڏ اندر گهڙي، سوئر کي ٻاهر نڪرڻ ۾ مدد ڪئي. سندس ڪپڙا اتاهه گند ۾ گندا ٿي پيا. ماڻهو اچي مڙيا. پنهنجي پريزيڊنٽ کي گپ ۾ ٻڏل ڏسي حيران ٿي ويا. ڪنهن پڇيس، "اوهان ڪيئن ايتري تڪليف ورتي؟" وراڻيائين، "مونکي سوئر جي مصيبت ايترو ڪونه ستايو، جيترو پنهنجي دل جي دک تنگ ڪيم. جڏهن ڏٺم ته ويچارو سوئر ڪڏ مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪيڪڙاٽ ڪري رهيو آهي، تڏهن دل ڏاڍي دکي ٿيم. پنهنجي ئي دل جو دک دور ڪرڻ لاءِ، ڪڏ اندر گهڙي سوئر کي وڃي ٻاهر ڪڍيم."

حقيقت ۾ اِها آهي ته هڪ اِنسان جو دک، ٻين سڀني اِنسانن جو دک ٿيڻ گهرجي. ڪو ۾ اِنسان ٻئي کي مدد ڪرڻ سان، حقيقت ۾ پاڻکي ئي مدد ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته سڀني ساهوارن ۾ ساڳي ئي آتما آهي. سڀ ساهوارا ايشور جا سروپ ۽ هڪٻئي جا پيا روپ آهن.

انگريزيءَ ۾ چوندا آهن "One touch of nature maketh the whole World kin" يعني قدرت جو هڪ ئي ڪوپ ساري سنسار کي هڪٻئي جو جڻ مٽر ۽ سنبنڌي ڪري ٿو ڇڏي. ڪٿي زمين جو زلزلو ٿيندو آهي، جان مال جو اتاهه نقصان ٿيندو آهي ته ساري سنسار جي ماڻهن کي ڏڪو اچي ويندو آهي ۽ سندن

ويچار ئي ڪيول سنيہ پرتڪش ڪري ٿو. نہ اُھي، نہ من - سچ پچ ھستيءَ ۾ آھن. آتم ويچار جي ساڌنا دوارا اھم يا من کي ناس ڪرڻ جي ڪوشش ڪر."

پاڳوت ۾ بہ سري ڪرشڻ اوڌو کي چيو: "تون خود آتما آھين - آتما جا اننت ساکي، خود پرڪاشت آھي. ست چت آنند سروپ آھي، جا جڙ ۽ سوکيہ سريرَ کان صفا نرالي آھي. جيئن اگني لڪڙيءَ کان صفا الگ آھي، تھڙيءَ طرح آتما کي سريرَ سمجھي سريَ سان موہ رکي، دک پراپت ڪريون ٿا ۽ جنم مرڻ جي بندن ۾ ڦاسون ٿا. ھي اوڌوَ، تون سنيہ کي سڃاڻ ۽ مڪت رھہ. پنھنجو ھردو شد ڪري، مونکي پنھنجو پاڻ ۾ ۽ سڀني پراڻين ۾ وياپڪ سمجھہ. جيڪو برھم پڇاڻي ٿو، سو جت ڪٿ ۽ سڀني ۾ برھم پسي ٿو. سڀني ۾ منھنجو ئي روپ ڏسڻ، اھو ئي سريشٽ ۾ سريشٽ مارگ آھي.

ٻئي جو ڪشٽ پنھنجو ڪشٽ

آميريڪا جو اڳيون پريزيڊنٽ ابراھم لنڪن ھڪ پيري پيدل ڪٿي وڃي رھيو ھو. رستي تي ڏٺائين تہ ھڪ کڏ ۾ ھڪ سوئر ڦٿڪي رھيو آھي. ويچارو کڏ ۾ وڃي ڦاٿو ھو ۽ ان مان نڪرڻ لاءِ ڪيڪرات ڪري ۽

انسان ذات جا ڪشٽ ۽ پيڙائون ڏسي سهي ڪونه سگهيو. ڪيس سائينءَ سڀ ڪجهه ڏنو هو. ڏاڍو سکي هو. محلات جا عيش عشرت ميسر هئس. پين ڪن جي دکن ڪري سندس دل دکي ٿي پئي ۽ راجڪمار جي گديءَ، محلات جا سک، پتني ۽ پٽ جو تياڳ ڪري، ٻين جا دک مٽائڻ لاءِ، پاڻ ڪي ڪشٽ ڏنائين ۽ سنياسيءَ جي جيون اختيار ڪري، جهر جهنگل جهاڳي، ڀيک منگي گذر ڪرڻ لڳو.

جنتا جي شيوا آهي ايشور شيوا

اڪثر ڪري انسان ڪنهنڪي مدد ڪندو آهي ته غرور ۾ پرجي ويندو آهي ۽ وڏي واڪي پيو چوندو آهي، "مون فلاڻي کي هيءَ مدد ڪئي، هوءَ مدد ڪئي." رمن مهارشيءَ چيو آهي: "منش کي ڦوندڻ ۾ پرجي، ائين سمجهڻ نه گهرجي ته مان ٻئي کي مدد ٿو ڪريان يا ٻئي کي منهنجي مدد جي درڪار آهي، يا مان ٻئي کي مدد ڪري سگهان ٿو يا مان ٻئي کان اوچي درجي جو آهيان ۽ هو گهٽ درجي جو آهي. منش کي ٻئي ڪنهنکي مدد الهيءَ پاونا سان ڪرڻ گهرجي ته مان اُن ماڻهوءَ کي مدد ڪرڻ سان ايشور جي ئي پوڄا ٿو ڪريان. ڪنهنجي به مدد يا شيوا پنهنجي ئي آتما لاءِ آهي ۽ نه ٻئي ڪنهن لاءِ. تون ٻئي ڪنهنکي ڪين مدد ڪري رهيو آهين، پر پنهنجو پاڻ کي."

دلين ۾ سنايلن لاءِ همدرديءَ پيدا ٿي ويندي آهي ۽ پنهنجي پتا شڪتيءَ مدد جو هٿ ڊگهيريندا آهن.

هڪ مها پرش چيو آهي: ”جيڪڏهن هڪ انسان ٻئي انسان سان پنهنجو فرض پورن ريت بجا ٿو آڻي ته هو ائين ڪرڻ سان پنهنجو سمورو فرض ايشور سان بجا ٿو آڻي، هڪ ئي ايشور آهي هڪ ئي انسان آهي، هڪ ئي برادري آهي ۽ هڪ ئي ستيه آهي.“ وڌيڪ چيو اٿس: ”تون مون ۾ آهين ۽ مان تو ۾ ۽ تنهنجي دواران مونکي پنهنجي اندر ۾ تنهنجو احساس ٿو ٿئي ۽ منهنجي دواران توکي تنهنجي اندر ۾ منهنجو احساس ٿو ٿئي.“

سوامي وويڪانند چيو آهي: ”منش منش جو ڀاءُ آهي، ڇاڪاڻ ته سڀ منش هڪ ئي پتا جي اولاد آهن. ويد چون ٿا ته منش نه فقط منهنجو ڀاءُ آهي، پر هو خود مان آهيان. سرشٽيءَ جي ڪنهن به جزي کي ڏکوئڻ پاڻکي ڏکوئڻ آهي.“

ابراهم لنڪن کي سوئر جو ڪشت، پنهنجو ڪشت ٿي لڳو. سندس دل دکي ٿي. اندر ۾ پيڙا ٿيڻ لڳس ۽ سوئر کي مصيبت کان آجو ڪري، پنهنجي دل جو دک دور ڪيائين. سندس ڪپڙا برابر گندا ٿيا. گپ ۾ گهري، پاڻکي برابر گپ ۾ پري چڏيائين، پر دل کي جو آنند آيس، تنهنجو ته ڪاتو ڪرڻ ئي ڏکيو آهي.

• ٻـــڌ ڀڳوان جـڏهن اڃا راجڪمار هو، لـڏهن ئي

طاقت ۽ وڏيڪ شهنشاهي بخشينم!" درويش اِهي اڪبر
بڌي، ٻويان پير ڪري ويھڻ لڳو تہ اڪبر جي وڃي
مٿس. نظر پئي ۽ ڪيس ترسڻ لاءِ اِشارو ڪيائين. عبادت
پوري ڪرڻ بعد اڪبر درويش ڪان پڇيو، "سائين،
توهين مون سان گڏجڻ لاءِ آيا هوا. پوءِ مون سان ڳالهائڻ
بنا واپس وڃي رهيا آهيو؟"

درويش فرمايو: "توهان وٽ اچڻ جي مراد ...... پر
خير. توهانکي ان باري ۾ تڪليف ڏيڻ ڪونہ ٿو چاهيان."

اڪبر جڏهن مٿس گھڻو زور آندو، تڏهن فقير چيو:
"جيئندا قبلا! ڪيترا ماڻهو مون وٽ سکيا وٺڻ لاءِ ايندا
آهن، پر پئسن نہ هئڻ ڪري سندن رهڻ جو بندوبست
ڪري ڪونہ سگھندو آهيان. انهيءَ ڪري توهان وٽ
مدد لاءِ آيس."

اڪبر تنهن تي چيس، "جي ائين هو تہ پنهنجي
مراد ظاهر ڪرڻ ڌاران واپس ڇو وڃي رهيا هئا؟"

درويش وراڻي ڏنس، "ڏٺم تہ توهين پاڻ پينو آهيو.
توهان پاڻ خدا کان پئي پنيو. تڏهن پاڻکي چيم تہ
انهيءَ اِنسان کان ڇو بيک منگان، جو خود پاڻ بيکاري
آهي؟ جيڪڏهن بيک پنڻ جي درڪار آٿم تہ ڇو
ڪين خود خدا سائينءَ کي سوال ڪريان؟"

ڏنوان پاڻکي ڏرستي ڪري سمجھن

ڏيڻ وارو جڏهن ڏاتار آهي، تڏهن اُهو ڏاتار جو

منش کي سمجھڻ گھرجي تہ مان ڪجھ ڪين آهيا
مان ڪير آهيان جو ڪنهنکي مدد ڪريان؟ جيڪڏ
ڪنهنکي مدد ڪرڻ جي مون ۾ سمرٿي آهي تہ اُ
سگھہ بہ سائينءَ ئي ڏني آهي ۽ بئي ڪنهنجي سڀ
ڪرڻ لاءِ اُتساهت بہ اُهوئي ڪري رهيو آهي. ”مـ
ڪرائڻ وارو آپ.“

پوءِ جڏهن سگھہ بہ سائين ٿو ڏئي، مدد ڪرڻ
وات بہ اُهوئي ٿو وني هلي ۽ منش جڏهن رڳو
آهي، واهڻ آهي مدد ڪرڻ لاءِ تہ پوءِ گھمنڊ ڇا لا

اِنسان دان ٿو ڪري تہ ڪيئن نہ شد مد سان ان
جي مشهوري ٿو ڪرائي تہ مون هيءُ دان ڏنو،
اسپتال نهرايم، ڌرمسالا کوليم، وغيره. ڏيڻ وارو تہ
آهي. ڏئي اُهو ٿو، ڪنهنکي بہ ڏنوان اُهوئي ٿو ڪ

اڪبر بادشاہ ۽ هڪ فقير

اڪبر بادشاہ جي راڄ ۾ دهليءَ جي پرسان جھ
۾ هڪ فقير رهندو هو. ڪئين ماڻهو اُن درويش
ڪٿيا ۾ ٻيا ايندا هئا. سندس آدرستڪار ڪرڻ لاءِ
وت تہ ڪاري پائي بہ ڪاڻ هوندي هئي. ان ڪار
ڪيس ڪجھ پئسن جي درڪار هئي. اڪبر بادشاہ
لنگھي ويو. اڪبر تہ پيرن فقيرن کي سهائتا ڏيڻ ڪ
مشهور هو. اُن وقت اڪبر عبادت ڪري رهيو هـ
فقير پرسان وارئي ڪمري ۾ ويهي رهيو. اڪبر
در سوال ڪيو، ”اي خداوند! وڏيڪ دولت، و

جت ڪٿ وسين به تون

ڪنهن سمي هڪ رشيءَ جي آشرم ۾ ويهه پنجويهه وديارٿي وديا وٺندا هئا. رشي کين ڏاڍو پيار ڪندو هو. پر هڪ وديارٿيءَ سان جان تان وڌيڪ سنيهه ٿي ويو هوس. ٻين وديارٿين کي اهڙي حسد ٿيندو هو. هو سڀ ايڪا وچان اُن وديارٿيءَ کي ڏاڍو چيڙائيندا هئا. مٿس ٺٺوليون ڪندا هئا، کيس ڏاڍو تنگ ۽ هلاڪ ڪندا هئا. ودياارٿي ويچارو اهو سڀ ڪجهه صبر ڪري پيو سهندو هو؛ اڪر ڪين ڪڇندو هو. نڪو وري جوش يا غصو ايندو هوس ۽ نڪوئي ان باري ۾ ڪڏهن ڪو پنهنجي گروءَ کي داتهن ڏنائين.

گروءَ کي سڌ هئي ته سندس پياري شش کي ٻيا ودياارٿي ڏاڍو چيڙائيندا آهن. وقتي ته پاڻ خود به ڏسندو ۽ ٻڌندو هو، ته به هو ماٺ ۾ رهندو آيو ۽ تنگ ڪندڙ ودياارٿين کي ڪڏهن به ڪجهه ڪين چيائين. دل ۾ سوڪ ضرور ٿيندو هوس.

ڏينهون پوءِ ودياارٿين جون حرڪتون وڌنديون ويون. هڪ ڏينهن گروءَ ڇا ڪيو جو ويهه پنجويهه صوف وٺي آيو ۽ پنهنجي سڀني ششن کي هڪ هڪ صوف ڏنائين. کين چيائين ته آشرم جي چوگرد شاهي باغيچي

ڏنل ڏن، ڏاتار جي بندن جي ڀلي لاءِ ئي خرچ ڪرڻ
جڳائي. مهاتما گانڌي چوندو هو، ”ڌنوانن کي، پنهنجي
ڌن دولت جو پاڻ کي ٽرسٽي ڪري سمجهڻ گهرجي.
دولت کين ملي آهي ته پرمارٿ ۽ پر اُپڪار جي ڪارڻ
لاءِ ڪتب آڻين. جيڪي ائين ڪين ٿا ڪن ۽ رڳو
پنهنجي لاءِ ڪتب ٿا آڻين، سي مليل ڌن جو غلط نموني
اُپيوگ ڪري رهيا آهن ۽ سماج اڳيان ڏوهاري آهن.“
رشي ٽالسٽاءِ ته چيو آهي: ”جيڪڏهن مون وٽ
گهرج کان وڌيڪ کاڌي جون شيون ميسر آهن ۽ ٻئي
وٽ ڪجهه ڪينهي؛ مون وٽ ٻه ڪپڙا آهن ۽ ٻئي
وٽ هڪ به ڪينهي ته سنسار ۾ جي پاپ آهن، اُنجو
مان به ڀاڱيدار آهيان.“

سنت ونوبا ڀاوي به پيدل ياترا ڪري، ساري ديش
۾ هند پٽ اهوئي پيغام پهچائي رهيو آهي ته سڀ ڀومي
گوپال جي آهي. جن وٽ پنهنجي گهرج کان وڌيڪ
زمين آهي، سي ڪجهه نه ڪجهه دان ڏيسن، جيئن
بي زمين ڪسان، اُن تي محنت ڪري، پنهنجي
اُدر پورنا ڪري سگهن.

اها ڀاونا جڏهن اسانجي اندر ۾ اُٿڻ ٿيندي، تڏهن
ئي اسين ٻئي جو ڪشٽ پنهنجو ڪري سمجهنداسون
۽ اُنجو اهو ڪشٽ دور ڪرڻ ۾ اسانکي اهڙو ته آنند
پراپت ٿيندو، جو ڪدا ڄت اهو خيال ڪين ايندو ته
مون ڪنهن کي مدد ڏني.

برابر اُتي ڪونه هو، پر پرماتما ته هر هنڌ حاضر هو.
توهان چيو هو ته جتي ڪير به ڪونه ڏسي، اُتي
صوف کائجو. پر پرماتما ته هر هنڌ ۽ هر جڳهه ڏسي
رهيو هو. انڪري صوف واپس کڻي آيو آهيان.

سيٺيءَ بالڪ سانت ۾ اچي ويا. واسمان اکر به
ڪون اُڪلين. اندر ۾ ڏاڍو شرمسار ۽ پشيمان ٿيا. گروءَ
جي واتان ٻڌو ته گهڻيئي دفعا هئائون ته پرماتما هر
هنڌ حاضر ناضر آهي، هر جڳهه ۾ وياپڪ آهي. پر اها
سکيا گرهڻ رڳو اُن هڪ وديارٿيءَ ئي ڪئي هئي.
گروءَ کي چيائون ته اسانکان خطا ٿي آهي. هيءُ
وديارٿي سچ پچ پوڄا يوگيه آهي. بيشڪ هو اوهانجي
اچان به وڌيڪ پيار جي لائق آهي. سيٺني اُن وديارٿيءَ
کان دلي معافي ورتي.

ايشور سروياپڪ آهي. نه فقط هر هنڌ آهي، پر هر
ساهواري جي اندر ۾ براجمان آهي. هر هنڌ، هر جڳهه
وسي ٿو. هڪ صوفي درويش چيو آهي:

”تيڏا مڪان واهه واهه، جت ڪٿ وسين به تون.“
هو جتي ڪٿي پيو وسي. شاهه صاحب به فرمايو
آهي:

”جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون،
جيڏانهن پريان وک، تيڏانهن صاحب سامهون.“
شويتا شوتر اُپنشد ۾ چيل آهي: ”هو بنا پيرن هلي ٿو،

۾ وچوءَ اهو صوف اهڙي هنڌ ڪائي اچو جتي اوهان کي ڪو به ڪين ڏسي. سيٺيءَ وڏيارٿي صوف وٺي باغيچي ۾ ٽڙي پکڙي ويا.

ٿوري وقت کانپوءِ هڪ هڪ ٿي سيٺيءَ موٽڻ لڳا. گروءَ ڪي ٻڌايائون ته ڪيئن هنن اهڙي هنڌ صوف کاڌو هو، جتي ڪو به ڪين ڏسي ڪونه ٿي سگهيو. ٻيا ته سڀ وڏيارٿي صوف کائي، آشرم ۾ موٽي آيا، پر اُهو وڏيارٿي، جنهنکي گرو وڌيڪ پيار ڪندو هو سو ڪونه موٽيو. ٻيا وڏيارٿي اچي چڙيا. هاڻ ته موقعو مليو وين. هو ڪنهن گروءَ اڳيان مٿس چڙون ڪرڻ شروع ڪيون. چوڻ لڳا: موڳو مٺو آهي، مڏ مغز آهي، هيڏي ساري شاهي باغيچي ۾ اهڙو هنڌ ڳولهي ڪونه سگهيو آهي، جتي ڪيس ڪوئي ڏسي ڪونه سگهي جو صوف کائي. گروءَ کي ٻيا چون ته الاجي ڪيئن اوهانجو هن تي ايترو پيار ٿي ويو آهي. گروءَ مانُ ڪري پئي ٻڌن.

ڪجهه وقت کانپوءِ اُهو وڏيارٿي بہ موٽي آيو. صوف هٿ ۾ ئي هوس، کائي ڪونه آيو. گروءَ کي اچي چيائين: "سائين، مون ته ڏاڍو ڍونڍيو، شاهي باغيچي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويس، گهاٽن بوٽن، جهڳٽن ۽ وڻن ٽڻن جي پنيان چڪر ڏنم ته ڪٿي اهڙي جڳهه ملي جتي مون کي ڪو ڪونه ڏسي سگهي. ٻني ٻنر

کي ڏسي سگهندو آهي. پر جيستائين روشني پاڻ ڏانهن
کين ڦيرائيندو آهي، تيستائين کيس ڪير به ڏسي
ڪو نه سگهندو آهي. ايشور به اهڙيءَ ريت سيني کي
وينو ڏسي، پر کيس ڪو به ڏسي ڪو نه ٿو سگهي،
جيستائين هو ڪنهن تي ڪرپا ڪري، کيس پنهنجو
درشن ڪرائي.

ڪنهن شش سوامي رامداس کان پڇيو، ”ايشور
ڪٿي آهي؟“ سواميءَ وراڻيس، ”ايشور هرهنڌ وياپڪ
آهي.“ شش چيو، ”مونکي ته ڪٿي به ڏسڻ ۾ ڪو نه
ٿو اچي.“ سواميءَ سمجهايس، ”ساڌارڻ اک کي براہ
ڏسڻ ۾ ڪو نه ايندو. پوتر درشٽيءَ دواران کيس پسي
سگهبو. هو هر جيوَ، هر وستوءَ ۾ ۽ هرهنڌ آهي.“
سوامي هڪ دلچسپ مثال ٻڌائيندو هو:

شهنشاهه اڪبر هڪ ڀيري پنهنجي وزير بيربل کان
پڇيو: ”مون اوهان هندن جي مذهبي ڪتابن ۾ پڙهيو
آهي ته خدا هرهنڌ حاضر آهي. تون اهو ثابت ڪري
سگهندين؟“

بيربل وراڻيو: ”هائو، جيئندا قبلا! ثابت ڪري
سگهندس.“

اڪبر پنهنجي نوڪر کي پنهنجي راڻيءَ جو جهونو
پادر ڪٽي اچڻ لاءِ چيو. اهو بيربل کي هٿ ۾ ڏيئي
چيائين: ”هان، ون. هاڻ ثابت ڪري ڏيکار ته هن

بنا هٿن پڪڙي ٿـو، بنان نيترن پسي ٿـو، بنا ڪنن سڻي ٿو، ڪيس پرم مهان آدي پرش چون ٿا."

مهاتما گانڌيءَ چيو آهي: "انروچنيه غئبي شڪتي هر وستوءَ ۾ وياپڪ آهي. اُنجو احساس ضرور ٿيندو اٿم. جيتوڻيڪ اُها ڏسي ڪين ٿو سگهان. اها اڻ ڏٺل شڪتي پنهنجو احساس ڪرائي سگهي ٿي. پر اُنکي دليلن رستي ثابت ڪري ڪين ٿو سگهجي."

ايشور جي هستيءَ جو احساس ڪرائڻ لاءِ دماغ واهر ڪين ڪندو. دليل اڳيرو وڌي ڪين هلندو. هر ديي اندر سردا، صدق ۽ ڀاونا دواران ئي تسلي ۽ تصديق ٿيندي ته اُها هستي هرهنڌ پئي وسي.

پرهلاد ڀڳت چيو آهي: "منش جو اُتم اُديش آهي مالڪ لاءِ سردا ۽ پريم ۽ هنجي هرهنڌ وياپڪتا جو احساس".

شري رامڪرشن پرمهنس ديوهڪ هنڌ چيو آهي: "تلاءَ جي مٿاڇري تي گاهه، ڪائي ۽ مٽل هئڻ ڪري، اُنجيڪي مڇيون پيئون ترنديون آهن سي ڏسڻ ۾ ڪو نه اينديون آهن. ساڳيءَ ريت مايا روپي پڙدو ايشور کي اِنساني نگاهه کان لِڪي ٿو ڇڏي ۽ انڪري ايشور کي پسي نه ٿو سگهجي."

ٻئي هنڌ چيو اٿس: "سپاهي پنهنجي لانئين جو منهن جنهن طرف ڦيرائيندو آهي، تنهن طرف هرهڪ

اُنساهت ڪيو.

مندر ۾ ڏاڍا شادمانا ٿي ويا. اُتاهه ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا. شهنشاهه به شاهي سرگس ۾ اُتي اچي پهتو. پوڄا شروع ٿي ويئي ۽ پوري ٿيڻ تي پوڄاري پوتر پاڻي کڻي آيو، جنهن سان مورتيءَ کي سنان ڪرايو ويو هو. شهنشاهه نمرتا ڀاوَ سان اهو پاڻي ورتي، سرڌا سان پيتو.

جادو ٿي ويو. سندس سور غائب ٿي ويو. چيائين، "اِنهر ڪو شڪ ڪينهي ته خدا هن مورتيءَ ۾ حاضر آهي. مورتي بيشڪ خدا جي طاقت سان ڀريل آهي."

بيربل پوءِ مندر جي پوڄاريءَ کي مورتيءَ مٿان ڍڪ لاهڻ لاءِ چيو. جيئن ئي ڍڪ لاٿائين ته مورتيءَ اندر ساڳيو ئي راڻيءَ جو جهونو پادر ڏسڻ ۾ آيو، جو بيربل کي ڇهه مهنا اڳ شهنشاهه ڏنو هو. بيربل شهنشاهه ڏانهن منهن ڪري چيو: "ڏسو، ڪهڙي شڪتيءَ اوهانکي مرض کان ڇوٽڪارو ڏنو؟ ايشور جو هرهنڌ حاضر آهي، اُنسر اوهانجو ايمان، باقي مندر ۾ مورتيءَ اندر ته رڳو جتي ئي رکيل هئي. ان مان ثابت آهي ته خدا هرهنڌ حاضر ناظر آهي." اڪبر کي خاطري ٿي ۽ بيربل کي سوغاتن سان ڍڪي ڇڏيائين.

سري گرو نانڪ ديوَ چيو آهي "سچ ۽ چنڊ روپي ڏيئن ۾ جنهنجي جوت آهي، اهائي هڪ پرماتما جي جوت سڀي سنسار ۾ وسي ۽ ڏسي رهي آهي. جيڪو

جنهيءَ ۾ خدا آهي."

بيربل ثابت ڪري ڏيکارڻ قبول ڪيو. ڇهه مه
مهلت ۽ هڪ لک روپين جي طلب ڪيائين. شهنشا
کيس سڀ ڪجهه ڏنو. پوءِ سا وٺي بيربل شهر جي ٻاهر
زمين ٽڪر خريد ڪيو ۽ اُتي مهاديو جو شاهي مند
اڏايائين.

صبوح سانجهيءَ مندر ۾ پاٺ پوڄا شروع ٿي ويئي
ڪجهه مهنا گذريا. مندر جو ناماچار چوڏس چؤڏار ڦهلجي
ويو. پوڄا وقت سوين ماڻهو ڪنا ٿيندا هئا. وڏي
سرڌا ۽ پريم سان پيتائون رکندا هئا. بيمار ۽ مريض
چوٽڪاري لاءِ اچي دعائون پنندا هئا.

بيربل کي مليل مدو جڏهن پورو ٿيڻ تي هو ته هڪ
عجيب گهٽنا ٿي. شهنشاهه کي پيٽ ۾ اچي ڏاڍو سو
پيو. نامي گرامي وئديه ۽ حڪيم به کيس سور کان آ
ڪري ڪين سگهيا. هڪ هندو وٽس ويو. کيس عرض
ڪيائين، "شهر جي ٻاهران هڪ مندر آهي. اُ
استاپن ٿيل مورتي انيڪ ماڻهن کي مرض کان ڇٽائي
رهي آهي." شهنشاهه کي چيائين، "توهانجو ان مورتي
۾ وشواس هجي ته سور کان ڇوٽڪارو پائي سگهندا.
شهنشاهه هڪدم قبول ڪيو. بيربل کي گهرايائين
چيائينس، "سور کان آجي ٿيڻ لاءِ مندر ۾ ٿيندڙ پو
۾ شريڪ ٿيڻ جو ڏس ملبو اٿم." بيربل کيس وڏي

سچي تيرٿ ياترا

• مهاڀارت جي يڌ سماپت ٿي هئي. پانڊون جيتوڻيڪ ڪورون تي سوڀ پراپت ڪئي هئي ته به اڪيچار حياتين جو جيڪو نقصان ٿيو هو، اُن درگهٽنا پانڊون جي سردار ڌرمراج کي اتينت دکي ڪيو هو. يڌ ۾ ڪيل پاپن جو پراشچت ڪرڻ لاءِ هُن تيرٿ ياترا لاءِ اُسهڻ جو نسچو ڪيو.

ڌرمراج پنهنجي ڀائرن سميت ڪرشن ڀڳوان وٽ ويو ۽ کيس به تيرٿ ياترا تي هلڻ لاءِ وينتي ڪيائين. ڀڳوان ڪرشن مجبوري ڏيکاري، ڪميا گهري. باقي کين چيائين ته هيءُ منهنجو ڪرمنڊل پاڻسان کڻي وڃجو ۽ جنهن به پوتر نديءَ ۾ توهين ٽٻي ڏيو، تنهن ۾ ڪرمنڊل کي به ٽٻي ڏيارجو ۽ موٽي اچي واپس ڏجو. تيرٿ ياترا نه فقط اوهانجي هردن کي پوتر ڪري پر منهنجي ڪرمنڊل کي به.

سيئي پانڊو سري ڪرشن ڀڳوان کان موڪلائي تيرٿ ياترا لاءِ روانا ٿيا. تيرٿ ڀيٽي، گنگا، جمنا ۽ ٻين پوتر ندين ۾ سنان ڪري، واپس وريا. ڪرمنڊل اچي ڪرشن ڀڳوان کي ڏنائون. چيائونس: "جنهن پوتر نديءَ ۾ اسان اِشنان ڪيو، تنهن ۾ توهانجي ڪرمنڊل کي

گرمگ هوندو، سو اها نرمل جوت ڏينهن رات ڏسي سگهندو مگر منمک ته رات جي اونده اندوڪار وانگيان ڪجهه به ڏسي ڪو نه سگهندو."

سچل سائين؏ فرمايو آهي:

"اکيان کول تماشا ويکين
صاحب صورت ساري هئه

ايڏون اوڏون اوئي دلبر
چؤطرف چوڌاري هئه

خدا ڪس جاء نهين چپندا
الله جگ لوک سارا هئه

نه ڪوچي نه گلي چپندا
الله جگ لوک سارا هئه

هر جائين په حاضر هئه
اندر باهر په حاضر هئه

اکين کولو نه ظاهر هئه
الله جگ لوک سارا هئه."

ڦُجهڳو جهَڙ ٿئي، اُگر تَڪر ناس ٿي وڃي. ڪن ڪي اندر جا وڃ به پون، ته به پاپ ڪرڻ کان پاسو ڪين ڪن. پيا پاپ ڪن. سمجهن ته پاپن جو ڪنهن وقت پراشچت ڪرڻ سان پاپ ڌوپجي ويندا. براهمڻ ڪارائڻ، گئو ماتا جي شيوا ڪرڻ، ڌرمسالائون يا دواخانا کولائڻ، دان پنج ڪرڻ سان پاپن جي سزا کان بچي سگهبو. ڪي وري تيرٿ آستانن جي ياترا ڪرڻ وڃن. پوتر ندين ۾ ٽبيون هڻي، پنڊن ۽ برهمڻن کي کارائي، سمجهن ته پاپ اُتي ڇڏي آياسون.

اهو سڀ آهي پنهنجو پاڻکي ٺڳڻ. سري رامڪرشن پرمهنس چوندو هو. "ايشور جو پوتر نام سڌا ۽ سڪ سان جپبو ته توهانجا بيشمار پاپ ناس ٿي ويندا، جيئن باهه جي چڻنگ سان ڪپهه جي ڳنڍڙين جو گدام سڙي رک ٿي ويندو آهي. پر منش جو سڀاءُ اهڙو آهي جو وري پاپ ڪرڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. هن ۾ اينتري اڇا شڪتي ڪانهي جو پرڻ ڪري ته وري پاپ ڪين ڪندس."

دل سان، هردي سان، سردا سان، صدق سان هري نام جپڻ ۽ سچو پڇتاءُ ڪري، پريم پورو ڪ آراڌنا ڪرڻ سان پاپ ڌوپجي سگهن ٿا، پر اُنسان گڏو گڏ اهو به پڪو ۽ پختو ارادو هڻڻ ضروري آهي ته آئينده پاپن جي ويجهو به ڪين وڃبو ۽ ان بعد ايشور در پرارٿنا

ہ خوب ٹپيون ڏياريون ٿيون."

سري ڪرشن ڀڳوان چيو، "ڏاڍو سٺو." پرسا
وينل هڪ شيواڌاريءَ کي ڪرمنڊل ڏيئي ڪيس
چيائين: "ڪرمنڊل کي ڪٽي، سنهڙا ٽڪرا ڪر،
شيواڌاريءَ ائين ڪيو. ڪرشن ڀڳوان اُهي ڪٽي، اُ
وينلن کي پرساد ڪري، ٿورو ٿورو ورهائي ڏنو
وات ۾ وجهڻ سان سيني کي ڪڙو لڳوءَ ٿُوڪار
ڦٽو ڪيائون. ڪرشن ڀڳوان اهو ڏسي پڇيو: "اهـ
ڪيئن؟ جن ہ پوتر ندين ۾ توهان اشنان ڪيو،
۾ منهنجي ڪرمنڊل ہ ڪيو، پوءِ ہ اُنجي ڪوڙ
ڦري ميٺاج ڪين ٿي؟"

ڌرمراج وراڻيو: "ڀڳوان! رڳو اشنان ڪرڻ سـ
ڪرمنڊل جي ڪوڙاڻ ڪيئن دور ٿي ويندي!"

ڀڳوان چيو: "جي ائين آهي ته اوهانجا پاپ ر
پوتر ياترائن ڪرڻ سان ڪيئن ڌوپي ويندا. صرف تير
ياترائن ڪرڻ سان من ڪيئن پوتر ٿيندا! پشچاتاپ اندر م
اچڻ گهرجي. سچي تيرت ياترا ته اِهائي آهي."

انسان وقتي پاپ اُپراڌ ڪري ٿو وهي. ڪي ور
پنهنجي موه ممتا کي پورو ڪرڻ، پاڻ ڪي لاپ ڀهچا
وغيره خاطر پاپ ڪن ٿا. ائين ڪرڻ ۾ ڪن کي
اندر جي چنهنڊڙي ہ ڪان پوي. پاپ ڪرڻ ۾ جـ
مزو پيو اچين. خوشي ٿئين ته پنهنجي تمنا پوري ڪـ
سون. منو ڪامنائون پوريون ٿيون، پوءِ پل ته ٻئي

وسائي نہ ٿو سگهي، توڻي ڪٽي اُنکي جهڪو ڪندو رهي ۽ اُنکان منهن موڙيندو رهي. ايشور اسانکي جهليو بيٺو آهي. ڪٽي اسين ڪريل بہ هجون تہ بہ هو اسانکي اسانجي انڌڪار سان ڀريل هردن ۾ روشنيءَ جا ترورا موڪلڻ لاءِ تيار آهي."

وڏيڪ چيو اٿس: "هن سلوڪ جو اهو مطلب نہ آهي تہ پنهنجن پاپن جي پرڻام کان سولائيءَ سان ڇوٽڪارو پائي سگهنداسون. پر جڏهن پاپي پورن پڇتائيءَ سان ايشور طرف لڙي ٿو، تڏهن نئين اسٿتي پيدا ٿئي ٿي. پاپ کان مڪت ٿيڻ جو دارو مدار پڇتاءُ ڪرڻ تي ئي آهي. پڇتاءَ جي معنيٰ آهي دل ۾ سچو ڦيرو. گذريل پاپ لاءِ پورن افسوس ۽ آئينده لاءِ پاپ نہ ڪرڻ جو پڪو ارادو. هڪ واريءَ ارادو ڪرڻ بعد، ڦيرو شروع ٿئي ٿو. ڀُل، اپورنتا ۽ هونءَ تي غالب پوڻ البت ڏکيو آهي. پر اندر مان جڏهن آپو نڪري ٿو ۽ ايشور ڏانهن لاڙو رکجي ٿو، تڏهن هو سمورو بوجو پاٽني ڪٽي ٿو."

ڊاڪٽر راڌاڪرشنن ٻئي هنڌ لکيو آهي. "ايشور اسان لاءِ چاڙهي ڪونہ چڙهندو. جيتوڻيڪ جڏهن بہ ٿاٻڙياسون، تڏهن مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ايشور صبر سان ترسڻ لاءِ تيار آهي، جيستائين اسين ڏانهس لڙون."

ڪندو رهجي ته شڪتي بخشي جيئن پاڻ طرف
ڇڪجي ڪين وڃجي، پاڻ جي جاءِ ۾ قاسي ڪ
پئجي. اهڙيءَ ريت اوس پاڻ ۾ شڪتي محسوس
ڪبي ۽ سدائين لاءِ پاپن کان آجو ٿي سگهبو.

ڀڳوان سري ڪرشن گيتا جي نائين اڌياءَ جي ٽيهي
سلوڪ ۾ چيو آهي:

”پاپي ڪيڏا به پاپ ڪرڻ بعد، ايڪاگر مـن
پورن سرڌا سان مون ڏانهن لاڙو رکي، مونکي ڏيائ
ته کيس سادو ڪري سمجهو وڃي، ڇاڪاڻ ته هن ور
پاپ ڪرم نه ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪيو آهي.

منش جيڪڏهن پاپ ڪرڻ کانپوءِ پڇتاءُ ڪري
پاپ کان مڪت ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن وري پا
نه ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪري ته پوءِ پوتر ٿي وڃيتو.

ٻوڌي ڌرم سوتر ۾ لکيل آهي، ”منش جيڪڏه
هر روز من ۾ پڇتاءُ ڪري ۽ جيڪي پاپ ڪرم ڪ
هجائين، انهن تي ويچار ڪندو رهي ۽ جپ تپ ڪري
آئينده لاءِ سچيت ۽ پهري سجاڳ رهي ته پاپن کا
مڪت ٿي ويندو.“

ڊاڪٽر راڌاڪرشنن پنهنجي گيتا ۾ ٩ اڌياءَ ج
ٽيهين سلوڪ جي سمجهاڻي ڏيندي لکيو آهي ”ڪ
سدائين لاءِ ٻڌي ڪونه ٿو ڇڏي. ڪِريل ۾ ڪر
پاپيءَ جي اندر ۾ به روشني آهي، جنهنڪي

قرآن شريف ۾ اهڙن ماڻهن لاءِ علاج به ڏسيل آهي:
"مشڪلات وقت خدا تعاليٰ کي سڏ ڪر. هو تنهنجي مدد ڪندو. تو ڏانهن پنهنجو همت ڀ گهيرو يندو ۽ تومان ڪس ڪڍي، توکي سيني پاپن کان فارغ ڪندو."

ڪن ماڻهن هڪ ڪاريه ڪرتا جي باري ۾ مهاتما گانڌيءَ کي شڪايت ڪئي. مهاتما کي ڏاڍو دڪ ٿيو ۽ پرارٿنا سڀا ۾ تقرير ڪندي اُن ڪاريه ڪرتا جي اوگهڙ ڪيائين. ٻئي ڏينهن مهاتما جي ڪن تي آندو ويو ته اُن ڪاريه ڪرتا بابت شڪايتون بنهه بي بنياد هيون. مهاتما وڏيڪ جاچ ڪري خاطري ڪئي. نهايت ئي دک ٿيس. شام جو پرارٿنا سڀا ۾ چيائين، "مون اپراڌ ڪيو. هڪ ڪاريه ڪرتا تي ڪوڙو ڪلنڪ لڳايم. پوءِ پاس بعد معلوم ٿيم ته ڪاريه ڪرتا مٿان لڳايل الزام غلط هو. اهڙيءَ ريت ڪوڙ ڳالهائي ويٺو آهيان. پاپ ڪري ويٺو آهيان. انلاءِ پراشچت ڪري پاپ ڌوئڻ ضروري آهي. پراشچت ته اهو آهي ته آئينده ۾ اهڙو پاپ ڪين ڪريان. چغلن جي ور ڪين چڙهان. اسان کي ڪابه ڳالهه ٻڌي سوچڻ گهرجي، جاچ جوچ ڪرڻ گهرجي ته ڪيتري قدر اها ڳالهه سچي ٿي سگهي ٿي ...... پر هاڻي ته پاپ ڪري ويٺو آهيان. اڄو ته پرتگيا ڪريون ته برائي ڏسڻ وقت پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون.

ڳيتا جي ارڙهين اڌياءَ جي ٦٥ سلوڪ ۾ ڀڳوان
چوي ٿو: "فقط هڪ منهنجي ئي سرڻ وٺ. تون
شوڪ نه ڪر، مان توکي سڀني پاپن کان مڪت
ڪندس.

سري راجگوپال آچاريه، پنهنجي ڳيتا ۾ ان
سلوڪ جي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو: "ايشور
ئي ڪنهنجو آسرو وٺڻ وئرٿ آهي. اسانجا پاپ
ڪهڙا به هجن، جڏهن اسين سچو پڇتاءَ ڪنداسون
ايشور جي ڪرپا اڳيان سر ڌرينداسون، تڏهين هو اوس
اسانجي رکيا ڪندو."

قران شريف ۾ گناه جو ورنن ڪندي چيل
آهي: "ڪير به گناه ڪري ٿو ته اهو پنهنجي
خلاف ئي ڪري ٿو. اُنجي سندس ئي نقصان آهي
ڪير به سنئين رستي تي هلي ٿو ته پنهنجي روح ڪا
ئي ائين ڪري ٿو. جو خطا ڪري ٿو سو پاڻ کي ڏک
ڪرڻ لاءِ ئي خطا ڪري ٿو."

اهو برابر آهي ته پاپ ڪرڻ سان اسين پنهنجو هر
اشڌ ڪريون ٿا، من اپوتر ڪريون ٿا، اندر ۾ اَشانت
آڻيون ٿا. پريم ۽ سچ، نهٺائي ۽ نمرتا ٻري پچي وڃ
ٿا. مانوتا ۽ انسانيت موڪلائي وڃي ٿي. اهڙيءَ ريت
پاپ ڪندڙ پاڻکي ئي نقصان رسائي ٿو ۽ پاڻ ئي پنهنجو
دشمن ٿئي ٿو.

اندر سندس احساس ڪري سگهجي ٿو ۽ ساڻس ڳالهائي ٻولهائي به سگهجي ٿو.

سنسار ۾ هر پرڪار، هر ويچار ۽ هر منورتيءَ جا منش رهن ٿا. ڪن جو اعتقاد آهي ته ايشور آهي. ڪين آستڪ سڏيو وڃي ٿو. ڪي سمجهن ٿا ته ايشور آهي ئي ڪونه. ڪين ناستڪ سڏيو وڃي ٿو. ڪي وري سمجهن ٿا ته منش اڻ ڏٺل وستن بنسبت ڪو به گيان پراپت ڪرڻ ۾ اسمرٿ آهي. ڪين اگيان وادي سڏيو وڃي ٿو.

ايشور ۾ اعتقاد آڻڻ ۾ دماغ واهر ڪين ڪندو. هردي ۾ سرڌا رکڻ، اندر ۾ وشواس ڌارڻ سان ئي ايشور جي هستيءَ جو احساس ٿي سگهي ٿو. بعضي ڪي اهڙا واقعا ٿين ٿا جو اچانڪ ناستڪ ڦري آستڪ ٿي پوي ٿو. جڳ پرسڌ مهان آتما نريندر ناٿ (سوامي ويوڪانند) جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندو هو تڏهن سندس ويچار ناستڪپڻي ڏانهن گهلجي ويا هئا. سندس من ۾ اٿاه شڪ شبها اچي پرگهٽ ٿيا. برهمو سماج جي اڳوان ڪيشب چندر سين وٽ ويو. ڪوي رابيندرا ناٿ ٺاڪور جي پتا ديوندر ناٿ ٺاڪور وٽ ويو. ٿيا سافيڪل سوسائٽيءَ جي اڳوانن جا در کڙڪايائين. ڪيترائي ساڌو سنت پڇيائين. ساڻن بحث مباحثا ڪيائين. پر سندس ناستڪ ويچار وڃن پيا ڏينهون ڏينهن پوءِ زور وٺندا. سندس

بُري ڳالھ ٻڌڻ ٻڌران پنھنجا ڪن بند ڪري ڇڏيون
انھيءَ ھوندي بہ برائي اندر تائين پھچي وڃي تہ پنھنجي
زبان تي ضابطو رکون ۽ اھا بري ڳالھ زبان تي ڪين
آڻيون. ائين ڪرڻ سان ئي پاپ ڪرم ڪان بچي سگھون
ٿا ۽ ڪنھنجي بہ برائي يا بدنامي ڪرڻ کان باز اچي
سگھون ٿا: اھڙيءَ ريت آئينده جاچ جوچ ڪرڻ گانسوا
ڪا بہ ڳالھ وات مان ڪين ڪيندا سون."

مھاتما پوءِ ان ڪاريہ ڪرتا کي گھرائي ڪيس نماڻائي
سان چيو: "مون پاپيءَ تي ھاڻ ڪميا ڪندين؟"
ڪاريہ ڪرتا جي اکين ۾ پاڻي ترڻ آيو.

اھو اتم اعتقاد

منھنجو اُعتقاد آھي تہ ايشور سرو وياپڪ آھي
ھر جيو، ھر منش، ھر ساھواري جي اندر ۾ براجما
آھي ۽ ھر ھنڌ حاضر ناظر آھي. "جھڙيءَ ريت لو
پاڻيءَ جي ھڪ پيالي ۾ وجھجي تہ ڏسڻ ۾ ڪين ايندو
پر پاڻيءَ جي ڦڙي ڦڙي ۾ پرويش ڪري ٿو، تھڙي
ريت سائين سرشٽيءَ ۾ ظاھر ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي،
ھرھڪ وستوءَ ۾ سمايل آھي، جيئن لوڻ پاڻيءَ جي
ڦڙي ڦڙي ۾. حق جٿيئي ھيڪڙو آھي، پنھنجي ھرد

ڪيس پاسڻ ۾ آيو ته ايشور مون سان ساڻ آهي.

ايشور ۾ منهنجو اعتقاد انهن ڳالهين جي بنياد تي بدل آهي، جي اسين روز مره پاڻ پنهنجي اکين سان ويندا ڏسون: (١) سورج سويل صبوح جو نيم سان اڀري ٿو ۽ شام جو لهي ٿو. (٢) چندرما مقرر وقت تي رات جو چمڪي ٿو ۽ صبوح جو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. (٣) سال ۾ نيم سان چار مندون ٿين ٿيون. سياري ۾ ٿڌ، اونهاري ۾ گرمي. مقرر مهنن ۾ برسات وسي ٿي. (٤) بوٽن ۾ مڪڙيون ٿين ٿيون. گل ڦٽن ٿا، وڏي وڏا ٿين ٿا ۽ پوءِ ڪوماڻجي وڃن ٿا. (٥) برف نهي ٿي، ڪري ٿي، ڳري پاڻي ٿي وهي وڃي ٿي. (٦) مقرر وقتن تي سورج گرهڻ، چنڊ گرهڻ ٿين ٿا، وغيره.

اهي ڳالهيون پاڻ ڏسندي، پورن ريت پرسڌ ٿو ٿئي ته سرشٽيءَ ۾ سڀ ڪجهه نيم سان، قانون سان، ڪنهن مقرر رٿا سان هلي رهيو آهي ۽ ويچار اُٿڻ ٿئي ٿو ته جيڪڏهن ڪو قانون آهي، نيم آهي، رٿا آهي ته قانون، نيم ۽ رٿا جو اوس ئي ڪو ناهيندڙ، بنائيندڙ هوندو. ڪا شڪتي هوندي جا اهي سڀ ڳالهيون هلائي چلائي رهي آهي. اُن نيم ناهيندڙ، اُن شڪتيءَ کي آءٌ ايشور ٿو سمجهان ۽ اُن کي مڃان ٿو.

رالف والڊو ٽرائين پنهنجي اُتم پستڪ "In Tune with the Infinite" ۾ با دليل ۽ سندر نموني سمجهايو

هڪ .من کي تسلي ٿي ڪانه اچي ته ڪو ايشور آهي
ڏينهن، ڪنهن دوست سان گڏجي، سري رامڪرشن
پرمهنس ديو وٽ وڃي سهڙيو. گائنس سڌو سوال
پڇيائين: ”توهان ايشور ڏٺو آهي؟“ سري رامڪرشن
وراڻيس: ”هائو، مون ايشور ڏٺو آهي ۽ توکي ب
ڏيکاري سگهندس.“ مها پرش جا اهي سليس ۽ سرل اک
نريندر ناٿ جي اندر ۾ گهري ويا. ڪو به بحث مباحث
ڪونه ڪيائين. ڪا به واد وواد ڪانه ڪيائين. اُن ڏ
ٿي ايشور ۾ اعتقاد پيدا ٿي ويس.

برادر لارينس انگلنڊ جو اعليٰ پادري ٿي گذريو
آهي. سندس پستڪ In the Presence of God جڳ
مشهور آهي. ايشور ۾ وشواس ڪيئن اُتپن ٿيس، س
هڪ دلچسپ وارتا آهي. ٽي سؤ سال اڳ هو وا
وڻ وٽي وڃي رهيو هو. آيو ارڙهان سال مس هئس. سيار
جي موسم هئي. صبوح جو سمو هو. ڏٺائين ته وڻ
جا پَنا سڪي وڃي پٽ پيا هئا. وڻ خشڪ ۽ ج
نسوڙها ٿي لڳا. اُتيئي ويچار آيس ته بسنت بهار اچ
سان ڪيڏو نه ڦيرو اچي ويندو. وڻ ساوا ٿي ويندا
پنن سان پريل ڏسڻ ۾ ايندا. ڏسڻ ۾ مؤج پيئي ايند
وات مان نڪري ويس: ”ڪهڙي نه قادر جي ڪرام
۽ شڪتي آهي!“ اها هڪ ڳالهه ڪيس ايشور طرف
نيئي وئي. اتاهه ايشور پريم اچي منجهس واسو ڪيو.

اُتپن تو ٿئي. هو جيون ۾ جيون آهي، خود اسانجي جيون آهي. اسين ويڪتي گت آتما آهيون ۽ هو اننت آتما آهي.

ويدانت به ساڳي ڳالهه چوي ٿو ته هيءُ سنسار قدرت مان اُسريو آهي، ايشور جو پرڪاش آهي. ايشور هرهڪ ۾ آهي. جيئن باهه جي پنيت مان هزارين ساڳئي قسم جون چڻگون نڪرن ٿيون، تيئن اُبناسيءَ مان انيڪ پرڪارن جا جيوَ اُتپن ٿين ٿا ۽ آخر اُن ۾ ئي سمائجي وڃن ٿا. ڪرست به چيو آهي: ”مان ۽ منهنجو پتا هڪ آهيون. ايشور جي راجدانِي منهنجي رِدي ۾ آهي.“

”ڪين“ اُپنشد ۾ چاڻايل آهي: ”جو واڻيءَ مان پرڪاشت ٿي نه ٿو سگهي، پر جو واڻيءَ کي پرڪاشت ڪري ٿو، جو نيترن سان پسي ڪين ٿو سگهجي، پر جنهنجي دواران نيتر پسي سگهن ٿا، ڪن ٻڌي سگهن ٿا، من ويچار ڪري سگهي ٿو، اُهوئي اگنيءَ کي ڪوساڻ، هوا کي چرڻ جو ٻل، منش کي سمجهڻ جي شڪتي ڏي ٿو.“

منهنجو وڏيڪ اعتقاد آهي ته ايشور جو اسان جي اندر ۾ آهي، تنهنجو اسين پاڻ ۾ احساس ڪري سگهون ٿا. هن سان ڳالهائي ٻولهائي سگهون ٿا. برڊر للرينس سڀُولو مارگ ٻڌايو آهي. هن چيو آهي ته اسين ايشور

آهي ته ايشور ڇا آهي:-

سرشٽيءَ جي هڪ مول حقيقت آهي ته اننت جيون
۽ شڪتيءَ پري آتما سڀني جي پنيان آهي. سڀني کي
ساهه بخشي ٿي، چيتن ڪري ٿي ۽ سڀني ۾ ۽ سڀني
دواران پاڻ کي پرسنن ڪري ٿي.

رالف والڊو ٽرائين اها حقيقت سول دليلن سان
ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. (١) جيڪڏهن
جيون آهي ته ضروري آهي ته جيون جي اننت جڙ
مُول، منڍ، بنياد يا آد ضرور هوندو، جنهن مان اها
جيون اُتپن ٿي آهي. (٢) منش ۾ پريم ڏسڻ ۾ اچيٿو
ته ضروري آهي ته اُن پريم جو مُول، منڍ يا بنيا
هوندو، جنهن مان اُهو پريم پيدا ٿيو. (٣) سنسار
سياڻپ آهي ته اُنجي پنيان به ڪا مهان داناءُ وسن
هوندي، جنهن مان سياڻپ نڪتي. (٤) اسان ۾ شانتي
آهي، بل آهي. انهن سان به ساڳوئي دليل لاڳو آهي
وغيره.

ان جي معنيٰ ته اننت جيون ۽ شڪتيءَ جي آتما
سڀني جي پنيان آهي. اها اننت شڪتي اعليٰ
اڻ مٽ قاعدن ۽ نيمن ذريعي اُپائي ٿي، پالي ٿي ۽ را
ڪري ٿي. اها اننت جيون ۽ شڪتي جا سڀني
آهي، تنهنڪي آءٌ ايشور ٿو سڏيان، جنهن ساريءَ سرشٽي
مڪي پاڻ سان پري ڇڏيو آهي. سڀ ڪجهه هن مان ٿي

ڪرڻ سان، اندر ۾ اُپسٿت آتما سان ڄاڻ ٿئي ٿي. آتما کنهن پستڪ پڙهڻ سان ليپي ڪانہ سگهندي. پاڻ ئي پاڻ ۾ ڳولهي لهڻي آهي. شاه صاحب بہ چيو آهي: ”نائي نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.“ سسئيءَ بہ پنهنجي پريتم ڪي ملڻ لاءِ جڏهن پاڻ ۾ پيهي روح رهاڻ ڪئي، تڏهن ئي محسوس ڪيائين تہ ”پنهون تيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هئا.“

من جي شانتي ڪيئن ايندي؟

ڏک سک، غم خوشي، واري ڦيري سان هرهڪ منش ڪي منهن ڏيکارين ٿا. جيئن اندا ريون راتيون سدائين قائم دائم ڪو نہ ٿيون رهن ۽ سندن پنيان چانڊوڪيون اچن ٿيون ۽ جيئن خزان ڪانپوءِ بسنت بهار اچي ٿو، تيئن ڏکن پنيان سک، غمن پنيان خوشيون اوس اچن ٿيون.

انڪري صلاح ڀريو آهي تہ ڏک ۾ ڏکي نہ ٿيون، پنهنجي همت هاري نہ وهون، پاڻ ڪي دلداري ڏيون تہ جيئن ڪڪر ڪارونيار ٽڙي پکڙي ويندا آهن تہ چندرما پسڻ ۾ ايندو آهي، تيئن ڏک بہ پني ڏيندا ۽ سک سندن جڳهہ والاريندا. سکن سمي وري جڳائي تہ

جي عضوري ۾ استاپن ڪڍهن تي سگهنداسون، جڏهن
لڳاتار ساڻس ڳالهه ٻولهه ڪندا رهنداسون. ايشور پائڻ
لاءِ پنهنجي سري ڪي ڪشت ڏيڻ، پاٺ پوڄائون ڪرڻ
هو ضروري ڪونه سمجهندو هو. پريم دواران ايشور پائڻ
سؤلي ۾ سؤلو مارگ سمجهندو هو.

اسين ايشور ڪي پاڻ ۾ ڪڏهن ئي پسي سگهنداسون
جڏهن اعتقاد رکنداسون ته ايشور هرهڪ جيوَ ۾ وياپڪ
آهي، جڏهن سڀني جيون ڪي پنهنجو پاڻ، پنهنجو
روپ سمجهنداسون، سڀني پراڻين لاءِ هردي ۾ پريم
ڌارڻ ڪنداسون. اُپنشدن ۾ ڄاڻايل آهي: ”جڏهن تون
ٻين جو درد پنهنجو درد ڪري سمجهندين، ۽ سڀني
جيون ڪي پائيندين ته هنن ۾ به تنهنجي جيون سمايل
آهي، ته ڏسڻ ۾ ايندءِ ته تنهنجي ارد گرد جيوَ ۽ تون
هڪ ئي آتما آهيو ۽ وشوَ روپ جو درشن پسندين.“
مڻڊڪ اُپنشد ۾ چيل آهي: ”جنهنجو انتهه ڪرڻ شد
آهي، اُهو پرش ڏيان ۾ ويهي، پرماتما ڪي پسي سگهي
ٿو.“

ڀڳوان رمڻ مهارشي ٻن اکرن Know Thyself ”پاڻ
سڃاڻڻ“ تي زور ڏيندو هو. پاڻ سڃاڻڻ ۽ ايشور درشن
ساڳي ڳالهه آهي. پنهنجي پريم کي وشال ڪرڻ، سنسار
کي پنهنجي ياڪر ۾ آڻڻ، سڀني لاءِ سم پريم ڌارڻ
اندر ۾ جهاتي-پائڻ ۽ هردي کي آئيني جيمان اوجل

ايجنٽ ڏانهون ڪرڻ لڳا. دلشڪستا ٿي پيا. ڪارخاني
جي مئنيجر اها روئداد ٻڌي، سڀني ايجنٽن کي پنهنجي
آفيس ۾ سڏايو.

آفيس جي ديوار تي هڪ وڏو سفيد پنو ٽنگي
ڇڏيائين. ان پني جي وچ تي هڪ ڪارو ٽڪو ڏيئي
ڇڏيائين. هرهڪ ايجنٽ کان پڇيائين: ”پني تي اوهان
کي ڇا ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟“ هرهڪ جواب ڏنو: ”ڪارو
ٽڪو ٿو ڏسڻ ۾ اچي.“ وري ڪائنس ساڳيو سوال
پڇيائين. وري به هنن ساڳيو جواب ڏنو. ڪائنس پڇيائين:
”ڪاري ٽڪي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪين ٿو اوهانکي
ڏسڻ ۾ اچي؟“ هنن وري به ورائي ڏني: ”رڳو ڪارو
ٽڪو ٿو ڏسڻ ۾ اچي.“

مئنيجر پڇيو: ”هن پني تي ڪنهنکي به اڇاڻ ڏسڻ
۾ ڪانه ٿي اچي؟ اهائي ته اوهان سان ويڌن آهي ته
اوهين رڳو ڪارو ٽڪو ٿا ڏسو ۽ نه هيءَ اَتاهه اڇاڻ،
جنهن تي ڪارو ٽڪو رڳي ماتر جڳهه ٿو والاري.“ ڪين
چيائين: ”هاڻ پنهنجي پنهنجي شهر ڏانهن موٽي وڃو
۽ اڇاڻ ڏانهن به نظر ڦيرايو. توهانجي ۽ منهنجي جيون
۾ گهڻا ئي ڪارا ٽڪا هوندا، پر اهو ڪڏهن به ڪين
وساريو ته وڏي شاهي اڇاڻ به موجود ٿي رهي آهي.
انڪري جيڪڏهن هن وقت ڌنڌي ۾ مانائي آئي آهي
ته اسانکي دلشڪستو ٿيڻ نه جڳائي. ڌنڌي جا گذريل.

سائينءَ جا ٿورا مڃون. اهڙيءَ ريت اسين پنهنجي جيون
سُکَ ميّ بڻائي سگهون ٿا.

نارمن ونسينٽ پيل پنهنجي ڪتاب Art of Living
لکيو آهي ته ڏکيايون ۽ مصيبتون منهن ڏيڪارين ته اُ
ويل اِنسان جيڪڏهن پنهنجي مــن کي شانت رکي
سائينءَ جي مهر ميا سان عطا ٿيل نعمتن کي ياد ڪري
ته مصيبتون جيڪر ڪائنس وسري وڃن ۽ اُهي ڪيس
ٽنگ ئي ڪونــ ڪن. ڪهڙو بــ اِنسان هجي، ڪٿ
مصيبتن جا پهاڙ اچي مٿانس ڪڙڪن ته به جي هو ياد
ڪري ته منهنجي صحت سٺي آهي، سڀ عضوا سال
آهن، ڏسي سگهان ٿو، ٻڌي سگهان ٿو، ڳالهائي سگهان
ٿو ۽ مالڪ جا شڪرانا مڃي ته مصيبتون پنهنجو ڏنگ
جيڪر وڃائي ڇڏين، ڪيس حيران پريشان ڪو نه ڪ
۽ منجهس اُهي ست ڪري پوڻ جي سگهه اچي وڃي
هڪ وار اِنسان مالڪ جا شڪرانا مڃيا، منجهس اعتقاد
ڏريو ته سندس من ايشور کان مليل نعمتن طرف ور ند
۽ مصيبتون ڪيس ڪا به هاڃي رسائي ڪونه سگهنديون
باقي جي رڳو مصيبتن ئي ويهي ويچار ڪبو، اُنهن
کي ويهي ياد ڪبو ته اُهي ويتر وڏنديون ۽ چوڳــر
چوڌار اندارو ئي اندارو ڏسڻ ۾ ايندو.

هڪ وڏو ڪارخانو هو. ڇگوئي مال اُن تيار ٿيندو
هو. او چٽو وڪرا گهڻجي ويـا. جدا جدا شهرن مــا

ٿي ويهي ڳوڙها ڳاڙڻ مان ڪهڙو سود؟ اُنکي وساري ڇڏڻ سان ئي من جي شانتي ايندي.

انگلنڊ جو اڳوڻو وزير اعظم لائڊ جارج هڪ دفعو گولف راند ڪرڻ لاءِ ڪلب اندر گهڙيو. سندس ساٿيءَ اندر گهڙڻ ڪانپوءِ، در بند ئي ڪو نہ ڪيو. لائڊ جارج پٺتي موٽي دروازو بند ڪيو. چيائين: "منهنجو اهو نيم آهي تہ دروازي مان لنگهڻ ڪانپوءِ، در بند ڪري ڇڏيان." سندس چوڻ جو مطلب هو تہ جيڪي ٿي، گذري، تنهنکي بند ٿيل باب سمجهڻ گهرجي.

جيڪي ماڻهو من جي شانتي ٿا چاهين، تن لاءِ اهو سنو نيم آهي. در بند ڪري، اُنکي بنديل ئي رکبو تہ ڳڻتيون پيڇو ئي ڪو نہ ڪري سگهنديون.

خوشي وٺڻ ۾ نہ، پر ڏيڻ ۾ آهي. منش جيڪي پنهنجي لاءِ ڪندو آهي، تنهن مان سچي خوشي ڪانہ پائيندو آهي. جيڪي ٻين لاءِ ڪجي ٿو، تنهن مان ئي آنند اچي ٿو. ڪنهن لاءِ ڪو سنو ڪاريہ ڪبو آهي تہ ڪيترو نہ آنند ايندو آهي! جيسوُ ڪرست ڪين چيو آهي تہ "وٺڻ کان ڏيڻ وڌيڪ مبارڪ آهي!"

اسين دکي آهيون تہ اسانکي پاڻ کان وڌيڪ دکيءَ بدبخت انسانن جو ويچار ڪري سندن دل وٺڻ گهرجي. پوءِ پنهنجو دک تنگ ڪو نہ ڪندو. تنهن ڪانسواءِ وڌيڪ دکي انسان ڏاڍيو خوش ٿيندو. اُن جو اثر اسان تي

سنا ڏينهن شڪرانن سان ياد ڪري، اورچ تي لڳاتا
محنت ڪرڻ گهرجي. وشواس رکو ته وري ساڳيا سڪي
ڏينهن اوس اچڻ وارا آهن. باقي جي سمورو وقت
ويهي اهو ويچار ڪبو ته ڌنڌو بهي ويو آهي ۽ اُن
غلطان تي فقط ملول ۽ اُداس ٿي ويهبو ته پاڻکي وڌيڪ
تنگ ڪبو ۽ ڌنڌي سڌرڻ جون ايندڙ اُميدون به پنهي
ڏئي ويندي يون."

امرسن سياڻي ۾ سياڻو آمريڪن سمجهو ويند
آهي. هن لکيو آهي ته ڪيترا ماڻهو ڳڻتيون تا ڪن
آئينده ۾ متان ڪي ڏک سور نه اچن. انڪري هــ
صلاح ڏني آهي ته جيڪي خرابيون اچا آيون ئي ڪي
آهن، انهن لاءِ ڇو ويهي چنتا ڪري، پاڻکي ڏکن ڏولا
۾ وجهجي؟ انسان جيڪڏهن ڪاغذ کڻي ويهي اُ
ئي لکي ته ڪهڙيون مصيبتون ڪيس درپيش آيون
ڪهڙين جي اچڻ جو ڪيس رکو انديشو رهبو ته پوئي
قسم جي ڳڻتين جو تعداد وڌي ويندو. انڪري اه
سنو نيم آهي ته اهو ڪاغذ فريم ڪرائي رکي ڇڏ جي
رات جو سمهڻ ويل اهو ڏسي، پوءِ آرامي ٿجي. ائي
ننڊ سني ايندي ۽ صبوح جو اُٿڻ سان وڌيڪ همت
۽ اعتقاد پاڻ ۾ سمجهبو.

گذريل وقت ۾ ڪيل فيصلن تي ڪيترا ماڻهو ويه
ڳڻتيون ڪندا آهن. فيصلو ٿي ويو، ڀڳو يا لڳو، اُ

آهي، ڏنو پئي چٽي جو حساب هوندو آهي، پر
ڌرمراج جي دربار ۾ نياءُ سان رتي ماتر به هٿ چراند
تي ڪانه سگهندي. پوري پوري تڪ تور ٿيندي،
نيڪ نيڪ ليکا چوکا لهندا، وڪيل وڏا ڪُوڙ کي
سچ، سچ کي ڪُوڙ ڪري ڪين سگهندا، ڪا به اپيل
ڏرپيل تي ڪانه سگهندي، نياءُ پتر تي ليکي جيان
پڪو ٿيندو، جنهن اڳيان سر جهڪائڻ ڌاران ٻي ڪا
واهه وسيلو ڪونه هوندو، ٻئي ڪنهن به اوٽ اجهي
جو آسرو ڪونه هوندو.

آواز ٿيو: سنگهاسن جي پاسي وارو دروازو کليو.
ڌرمراج پنهنجي ساٿين سان اچي براجمان ٿيو.
حاضرين اُمالڪ اُٿي بيٺا. نياءُ ڪاريه شروع ٿيو.
واري وٽيءَ سان هرهڪ جم دوت پاڻ سان آندل
پراڻيءَ جي جنم پتري کولي ظاهر ڪئي، جيون ۾
سندن مکيه واقعن جو وچور وار ورنن ڪيو ۽ ڌرمراج
نهه پهه اُٿي جو اُتي ويو تي پنهنجا فيصلا ٻڌائيندو.

پهريون جم دوت: سائين، سنسار ۾ هن جيو ڏاڍا
ڏکيا ڏينهن ڏٺا. غريب گهر ۾ سندس جنم ٿيو.
پڙهيو ڳڙهيو به ڪين. سندس مائٽن کي پئسي پنجو
جي سگهه ست ڪين هئي. وڏو ٿيو. بازن جو
پورهيو ڪرڻ لاءِ وڏا وس ڪيائين. ورلو ڪم پلئه
پوندو هوس. گهڻيالو بيڪار وينو هوندو هو. چڻه

۾ ڏاڍو سٺو ٿيندو. اسان جي دل قولي ۽ سمائبي،
دکي انسان سان مٺو ٻولڻ جهڙو ٻيو ڪار۾ ٻيو ڪو
ڪونه آهي. ڪير ڪنهن لاءِ ڪجهه خير جو ڪم ڪري
ته ۽ پنهنجي اُجوري جي آس ڪانه ته رکي ۽ سچي
ڀاونا ٿو ڏاري ته پوءِ پنهنجي جيون هن کي هري ڀري
ڀاسي ٿي.

ڌرمراج جي دربار

ڌرمراج جي دربار ۾ انيڪ جم دوت، ديودوت
اچي ڪٺا ٿيا هئا. هرهڪ جم دوت جي پاسي ۾
هڪ هڪ پراڻي ويٺو هو. دربار ۾ چوڌاري
سن سنات ۽ چپ چاپ لڳي پيئي هئي. گنڀيرتا جو
وايو منڊل هو. پراڻين جي دل، دڪ دڪ ڪري
رهي هئي. سنڌن اندر ۾ انيڪ عجيب غريب ويچار
اُٿي ٿي رهيا هئا ته الاجي سنڌن ليکو ڪهڙيءَ ريت
لهندو ۽ ڪهڙو حال ٿيندن. ڪين شاباس يا داد
ملندو، جس ۽ قدر جا ڀاڳي ٿيندا، ڪين مٿن ٻيڙا
اچي ڪڙڪندي، ساڻن ڪا جنگ ڪئي ويندي يا
پوئينئون پوڳيون پوندن: باقي اها سا ڪين تسلي
هئي، ويسهه هون، آئت هون ته سنسار ۾ انصاف
اُٺو سلٺو ٿي سگهندو آهي، نياءِ ناٽي ٿي وڪامندو

ڌرمراج: سماج سڌارڪ انياءُ ڪيو. جنکي مالڪ سڀڪجهه ڏني ٿو تن کي ٻين سان ونڊي وراهي کائڻ جڳائي. پرهن جي سار سڌ ڪنهن ڪين لڌي. ڪيس ڪم ڪرڻ کان محروم رکيو ويو. ان هوندي به ڪيس پنهنجي ايمان تي پڪو پختو رهڻ کپندو هو. بک وگهي به پرائي مال ۾ اک نه وجهي ها. بک ۾ سندس جان وڃي ها ته هوند سندس چوکو داد ٿئي ها. ڪيس پورو پورو وجهه ملڻ گهرجي. وچولي ڪٽنب ۾ سندس جنم ٿئي. روزگار جا وسيلا هڪيا هجنس. ڏسجي ته ڪيئن ٿو ورتڻ ڪري.

ڀيو چرڊوت: سائين هن انسان کي جمڻ سان وات ۾ چاندي جو چمچو پيو. ماتا پتا ڏاڍا ڌنوان هئس. بنگلا، باغ باغيچا، گاڏيون موٽرون، سڀ سک ميسر هوس. وڏو ٿيو ته پاڻکي وڏيڪ وڏيڪ شاهوڪار ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڪپٽ، فن فريب، ڊولاب ڊوڪا ڪرڻ روزمره جو جڻ نيم ٿي ويس. پنهنجي ملازمن کي پيڙي، سندن رت چوسي، رڳو ويندو هو پاڻکي مالا مال ڪندو. ساڳئي وقت دان پن به چوکا ڪندو هو. اسپتالون کوليائين، مندرن ۾ گهنٽ گهڙيال خوب وڄائيندو هو. پاڻ پوڄائون نيم سان ڪندو هو.

ڌرمراج: سڀ ڪجهه هوندي به حق حلال تي ڪين هليو. ملازمن جن پنهنجو پگهر وهائي، ڪيس ڌن ڪنو ڪرڻ ۾ واهر ڪئي، تن سان به نياءُ ڀيو

...چهين مهني مس ٻہت ڀري ڪائيندو هو. وقتي تہ فاق
...ٻہ ڪيڏا پوندا هئس. ڪم هٿ ڪرڻ جي لڳاتا
...ڪوشش ڪندي ٻہ ڏينهن جا ڏينهن وڃهہ ڪين
...ملندو هوس. سندس ڀتن نسڪل ٿيندا هئا تہ ٻہ پنهنج
...حوصلو جاء رکڻ لاء وسؤن ڪين گهٽائيندو هو
...اُلٽي اُبتي قدم کڻڻ کان پاڙڪي روڪيندو هو. صب
...۽ سنتوش سان ڏک ڏاکڙا پيو سهندو هو. ايمان جي
...وات تي پيو هلندو هو. ڳچ ڏينهن جي بکہ بيروزگاريءَ
...حيران پريشان ڪري ڇڏيس. بکہ ۾ پاهہ تي رهيو هو
...سگهہ ست سموروئي موڪلائي ويو هوس. ايمان
...الوداع ڪري ويس. وات ونئي تي ويو. نانوائيءَ جي
...دڪان تي وڃي نظر پيس. اُتان ڪجهہ کڻي کائڻ تي
...دل ۾ ويچار آيس. هڪ اڌ دفعو پاڙڪي روڪيائين
...بک ٻيڙي بلا داناءَ ديوانا ڪري. نہ ڪيائين هم نہ تم
...هٿ ۾ جيتريون مانيون اچي سگهيس سي جهپاٽو هڻي
...کڻي پيٽ جي پوڄا پئي ڪيائين، جو پڪڙجي پيو
...چوريءَ جي الزام ۾ جيل آيس. جيل ۾ ڌاڪن ڌوهارين
...جي صحبت سنگت ۾ ڪرجي ٻهڙجي پيو. مدو ڪاٽي
...ٻاهر نڪرڻ سان چوريون ڌاڪا هڻڻ سندس سيا
...تي ويو. ورڪ جو وڃ يا ڇهنڊڙي ٻہ ڪانہ پو
...لڳس. باقي جيون جيل جو پڪي تي پيو. ٻاهر نڪر
...سان سنت تي پاڻ کي اندر ڏسندو هو.

ڪيڪڙات ٻڌندا رهيا. ڦتڪي ڦتڪي نيٺ سندس لاڏلي ساهه ڏنو. ڊاڪٽر وٽن وڃي ها ته ڪين اهو آئت ٿئي ها ته حيلا هلايائون ۽ هوشيار ۾ هوشيار ڊاڪٽر علاج ڪيو.

ڏرمراج: ڪنور ۽ نرد ئي ڊاڪٽر آهي. مالڪ جي هيڏي مٿس مهر هئي، پر اُنجو به قدر ڪين سڃاتائين. انسانيت کي الوداع ڪيائين. وري اِنسان ٿيڻ جي ئي لائق ڪين آهي. حيوان جوڻ ئي سندس لائق ٺيڪ ٿيندي.

چوٿون جمدوت: سائين! هيءُ وڪيل هو. مالڪ ستو دماغ ڏنو هئس. اُهو ڪم آندائين ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ڪرڻ ۾. سچن ڏوهين کي ڇڏائي، بي ڏوهين کي ڦاسائيندو هئو. غريب هاري ناري زميندارن يا وياج خورن جي ظلمن جا شڪار ٿي وٽس ويندا هئا ته سندن وڪيل ڪونه ٿيندو هو، پر زميندارن کان وڏا ناڻا وٺي هارين نارين سان وئل وهائيندو هئو. پئسو هن لاءِ سڀ هو. جيڪو ڏئي، تنهن کي سچو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئو.

ڏرمراج: وئشا پئسا وٺي پنهنجو سرير وڪڻندي آهي. هيءُ پئسا وٺي پنهنجو دماغ وڪڻندو هو. موٽي سنسار ۾ وڃي، ۽ بنا اپراڌ ۽ بي گناهه جي حالت ۾ جيل جي لنبي پيڙا ڪاٽي.

ورتاءُ ڪين ڪيائين. سندس دان پڇ ۽ پاڻ پوڄائو
ڪنهن ڪم جا ڪين ٿيا. سڀ وئرت ويا. ڇاڪا
ته ڌرم جي سچي وات ته سڄاتائين ڪين. رڳو ڌر
جو ليکو ڪٿڻ مان کهڙو سود؟ سندس جنم هڪ
غريب ڪٽنب ۾ ٿيو، وڏي هوندي ڪنهن
ڪارخاني ۾ ڪمي ڪوليءَ جي ڪن جيون گهاري
ته سڌ پويس ته مالڪ جو سنائڻ ڪيتري قدر پيڙيند
ٿيندو آهي.

ٽيون جم دوت: سائين هي ڊاڪٽر هو. ايشوري
ڏات هئس. هٿ شفا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. مريض
وٽ وڃڻ لاءِ ڳاٽي ڳڀي في طلبيندو هئو. دوا لا
ٻه ڇڳا چوڪا پئسا وٺندو هئو. لکين روپيه ڪمايائين
هڪ پيري هڪ غريب وٽس لنگهي ويو، سندس
سڪيلڌو بيمار هو. ڪن ڊاڪٽرن جي دوا ڪئي
هئائين، پر فرق ڪين پيو هئس. ڏس مليس ته هي
ڊاڪٽر اُن مرض جو ماهر آهي. ڊاڪٽر پنهنجي فيءَ
جي طلب ڪئي. ويچارو غريب ته ايڏي في ڏين
لاءِ سمرٿ ڪين هو. ڊاڪٽر کي ڏاڍو ٻاڏايائين
ليلايائين، منٿ ميڙ ڪيائين ته منهنجي ٻچڙي جي
حالت ڏسي سندس دوا درمل ڪريو. ڊاڪٽر
في ملڻ ڌاران هلڻ کان نابري واري، صفا نٺو اکر
واري ويٺو. غريب نراس ۽ نا اُميد ٿي واپس وريو.
پٽي پٽني پيوس ۽ ٻي واهه ٿي، پنهنجي ٻياري جا

ڪندو هو.

ڏرمراج: هن پاٽڪي ۽ ٻين ڪي پٽي ٽنگيو آهي. غلط سمجهيو هئائين تہ پل کهڙا بہ ڪڪرم ڪجن، رڳو پوڻيون پڙهندو اچجي ۽ مندر ۾ نيم سان وڃجي تہ سڀ ڪجهہ مباح آهي. ڪجهہ سمو روحن جي سنسار ۾ پٽڪي ۽ پوءِ موٽي سنسار ۾ وڃي ۽ وري ساڳيو عهدو ماڻي. پوءِ بہ جي سنئين راھ تي ڪين هليو تہ پوءِ ڪيس نيڪ نيڪ سيکت ڏني ويندي.

ستون جمدوت: سائين! هيءُ سنياسي هو ۽ هيءَ وئشيا. ٻنهي جو ديهانت ساڳئي وقت ٿيو. سنياسي جنهن رهندو هو، اُن پرسان وئشيا جو مڪان هو. وئشيا وٽ انيڪ ماڻهو پيا ايندا ويندا هئا. هڪ پيري سنياسيءَ وئشيا کي سڏيو ۽ مٿس چڱي ملامت ڪيائين ۽ چيائين: ”وڏي پاپڻ آهين، رات ڏينهن پاپن ۾ ٻڏي پيئي آهين، پرلوڪ ۾ تنهنجي ڏاڍي ڏکي حالت ٿيندي.“ وئشيا کي ڏاڍو خيال ٿيو، شرم ۾ ٻڏي ويئي. ڏاڍي پشيماني ظاهر ڪيائين. سچي ڀاونا سان سائينءَ در ٻاڏايائين ۽ پنهنجي پاپن ۽ اپراڌن لاءِ ڪميا گهريائين.

اجان ننڍي ئي هئي تہ سندس ماءُ گذاري ويئي هئي. ڪيس اها بہ سڌ ڪانہ هئي تہ سندس پيءُ هو يا نہ. ڪنهن بہ سندس سار ڪانہ لڌي. هرڪو ڏانهس نفرت جي نگاھ سان نهاريندو هو. لاچار بيوسيءَ جي

پنجون جمدوت: سائين! هيءُ هڪ غريب مسڪين هو. ٻارن جو پورهيو ڪري سارو ڏينهن پگهر وهائي، پنهنجي ڪٽنب جي پالنا ڪندو هو. ڏان پنج ڪجهه ڪين ڪيائين، ڇاڪاڻ ته پنهنجيءَ پورت لاءِ ئي مس پلئه پوندو هئس. باقي هر ساهواري سان قرب سان هلندو هو، ڪنهن کي ڪين ڏکوئيندو هو. مندرن مڙهين ۾ خير ڪو ويندو هو. ڪو گرنٿ پوٿي به ورلو پڙهيائين. باقي سچ جي وات تي هلندو هو ۽ سڀ جو خير گهرندو هو.

ڌرمراج: سچ جي وات تي هلڻ ۽ سڀني لاءِ هردي ۾ پريم ڌارڻ انسان لاءِ ڪافي آهي. سچي انسان جو مطلب برابر هن سڄاتو. انڪري هو جنم مرڻ جي چڪر کان مڪت ٿيو.

ڇهون جمدوت: هيءُ سرڪاري ملازم هو. سرڪار وٽان ستيو پگهار ملندو هئس، ته به رشوت وٺڻ ڌاران ڪنهنجو ڪم ڪين ڪندو هئو. غريبن کي به پيڙي، ڪاٺن رقمون ڇڏائي، پوءِ ئي سندن ڪم ڪندو هو. پئسو نه ملڻ ڪري حقدارن سان به ناحق ڪري ڇڏيندو هو ۽ پئسو مليس ته بنا حق حساب جي به ڪن کي ورسائي ڇڏيندو هو. باقي مندر ۾ وڃڻ به نيم ڪري ڇڏيو هئائين، جتي اُتساهه ۽ اُمنگ ۾ اچي غوث ڇهوليندو هئو. هر روز ڪلاڪ سوا ٻانف ٻوءِ ٻا به ضرور

جو ٻه ساڳئي وقت ڏيهانت ٿيو.

ڌرمراج: ”سنياسيءَ ٻـــرابر سڄي جيون تيـاڳ ۾ گذاري- پر پنهنجي اُنتي ڪرڻ بدران، ٻين جي پاپـــن ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳو. وئشيا کي سڌارڻ لاءِ ڪيس سچي چاهنا هئي ته سندس آجيوڪا جو ٻلو پيٽي ڪري ها. سچو ڌرم ته اِهو آهي. سگهنا پربوڌ ڏيئي، هـــن پنهنجو من وئشيا جي پاپن ۾ رڌل رکيو. وئشيا جو سريو جيتوڻيڪ پاپ ڪندو هو ته ٻه رات ڏينهن مالڪ کي سچيءَ دل سان آراڌنا ڪندي هئي ۽ ان ٻري ڪم کان ڇوٽڪاري لاءِ وينتي ڪندي هئي. سنـدس انتهڪرڻ شـڌ هو. سچي وئشيا سنياسي هو ۽ نه هوءَ. سنياسي اڃا سنسار ۾ وڃي، سچـي سنياسي ٿيڻ لاءِ يتـن ڪري. وئشيا پنهنجي اڳئين جنم جي ڪرمن جو ڦل ڀوڳي چڪي ۽ پنهنجي پـاپ ڪرمن لاءِ دلي پڇتاءَ ڪيائين، انڪري سندس سنسار ۾ موٽي وڃڻ جو ضرور ڪين آهي.

انو ن جمدوت: هي هڪ راجنيتي اڳوان هو. پنهنجي نانءَ ناموس لاءِ مذهبي جوش جذبا ۽ فرقيوار ترشي ڦهلائڻ پنهنجو ڌرم سمجهندو هو. سندس ڇيڙ ڇـاڙ تي فرقيوار فساد ٿيا ۽ ســوَن هزارن بي گناهن پنهنجون جانيون ڏنيون. باه سان ڪيلي پاڻ وڃي پنهنجي بنگلي ۾ آرامي ٿيندو هو. مزدورن کي ڀڙڪائي سندن هڙتال ڪرائيندو هو. گوليون بازيون ٿين ته پاڻ وڃي گهر ۾ ويهي رهي.

حالت ۾ هڪ ناچڻيءَ جي ور چڙهي. هن ئي سندس پالن پوشڻ ڪيو. اهڙيءَ ريت وئشياپڻو سندس پيشو ٿي ويو ۽ آجيوڪا جو ٻيو ڪو وسيلو کيس ڪين ٿي سجهيو. اِنڪري اِن گهير ۾ گهلجي ويندي هئي. پر جڏهين جڏهين سندس سريسر اُن پاپ ڪرم ۾ ڪرندو هئو، تڏهين تڏهين دل ۾ بيحد پشيمان ٿيندي هئي، پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاريندي هئي ۽ معافيءَ لاءِ مالڪ در وينتي ڪندي هئي.

سنياسي سمجهندو هو ته سندس پربوڌ جو وئشيا تي اثر ئي ڪين ٿي ٿيو. ويچار آيس ته ڳڻيان ته هر روز ڪيترا ماڻهو تنا وٽس وڃن. اُن ڏينهن کانپوءِ جيئن جيئن ڪو به ماڻهو ڦٽا ڦٽ ويندو هو ته هو سنياسي پٿر کڻي الڳ ڪري رکندو ويندو هو. وقت گذرڻ سان پٿرن جو ڍڳ به وڏو وڏو ٿيندو. هڪ ڏينهن سنياسيءَ وئشيا کي گهرايو ۽ کيس اُهو پٿرن جو ڍڳ ڏيکاريائين ۽ چيائينس: "ڏس هنن ٿورن ڏينهن ۾ هيترن سارن پٿرن جيترا پاپ ڪيا اٿيئي."

پنهنجي پاپ روپي پٿرن جو ڍڳ ڏسي وئشيا ڏاڍو ڏکي ٿي؛ شرم جا لڙڪ لڙي آيس. زار زار روئي ٻڪارڻ لڳي: "پرڀو، بيوس لاچار آهيان؛ ههڙي نرڪ جي جيون کان ڇوٽڪارو ڏينم."

سندس عرض اگهيو. جيون جو انت آيس. سنياسيءَ

جو ٽياڳ ڪري جهنگل ۾ گهاريندو هو، ڏينهن رات پيو جپ تپ ڪندو هو. اوسي پاسي ڳوٺن جا ماڻهو ڪيس سنت مهاتما ڪري پوڄيندا هئا. سندس آس پاس ڪي ٿوري ڪي دکي انسان به رهندا هئا. ڪڏهين به سندن سڌ سماءَ ڪين لڌائين يا سندن دک متاڻ لاءِ ڪي ڪين ڪيائين. پرسان ڳوٺ ۾ بيماري اچي پيئي، ماڻهو هڪبئي پنيان راهه رباني وٺندا ويا، پر هي مها پرش به پيو پري اوڏانهن ويو به ڪين.

ڌرمراج: هيءُ سوارٿي آهي. پنهنجي استريءَ سان انياءُ ڪيو اٿس. فقط پنهنجي لاءِ ڀڳتي ڪرڻ ۽ ٻئي ڪنهنجي ڪم ڪين اچڻ، ڀڳتي ڪين آهي. ڀڳتي پرابر ڏيان ۽ سرڌا سان ڪئي اٿس، پر ٻين لاءِ ديا درشٽي، اوڪيءَ ويل ڪنهنجي ڪم اچڻ سچي ڀڳت جو لازمي گڻ هئڻ گهرجي. هن پنهنجي جيوت اڪيارٿي وڃائي آهي. انڪري هو موٽي وڃي سنسار ۾، سنسار جا ڪارج ڪري، سنساري جوابداريون کڻي، دکين بکين لاءِ همدرديءَ جي ڀاونا ڌارڻ ڪري، ڀڳتي ڪري ته پوءِ ئي مڪتيءَ جي يوگيه ٿيندو.

يارهون جمدوت: هيءُ ساڌارڻ سڄڻ سچ جي واٽ تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو هئو. سنسار جي سيني ڪمن ڪارين ڪي منهن ڏيندو هو. پنهنجن ٻارن ٻچن جي پوريءَ ريت پرگهور لهندو هو. ٻري ڪم کان پرمي

اهڙيءَ ريت سڀئي جيون اڳواڻي ماڻي، عيش عشرت
ڪيائين.

ترمراج: پنهنجي اڳوانيءَ جي شوق ۾ هزارن اِنسانن
جو رت وهايائين. اِنسان تي اِنسانيت پلائي ڇڏيائين.
حيوانن کان به پري هو، هاڻي هو سڄو پڄو حيوان تيڻ
جي لائق آهي.

نائون جمدوت: هيءُ اِنسان، ظاهري نياز ۽ نئڙت
سان هلندو هو. سيٺين سان هٿ جوڙي، نماڻن اکرن ۾
بات چيت ڪندو هو. اندر ۾ سيٺين لاءِ ڇريون هونديون
هئس، ٻاهران ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ اکر اُچاريندو هو، من
۾ سيٺين لاءِ مندڙ هونديون هئس. پٺيءَ ۾ ڇرو هڻڻ ۾
مزو ايندو هئس. هڪ جي ٻئي هند ڳالهه، مرچ مصالح
گڏي ڪندو هو. دوستن جي وچ ۾ نفاق ڏاڍيءَ عرفت
سان پيدا ڪري ڇڏيندو هو. ظاهري طرح هرهڪ سان
ها ۾ ها ملائيندو هو، پر پٺ پيو اُبتيون سبتيون ڳالهيون
ڪندو هو.

ترمراج: اهڙي بتڪلي، پليت دل ۽ اندر جي ڪاري
اِنسان کي وڏي سيڪت ملڻ گهرجي. پل اِنسان جو
چولو مليس پر زبان جنهن سان رنگ رچايائين، تنهنجي
لائق ڪين آهي. گونگي جي جيون گهاري ڏسي ت
ڪل پويس.

• ڏهون جمدوت: هيءُ اِنسان پنهنجي سشيل اِستري

پريوُ پرارٿنا ٻُڌندو آهي

هرهڪ جيوُ پنهنجي جيون ۾ ڪنهن نه ڪنهن سمي، ڪا نه ڪا خواهش، ڪا نه ڪا من جي مراد پوري ٿيڻ لاءِ ايشور در پرارٿنا اوس ڪري ٿو. اِهو برابر آهي ته سک ۾ ورلو ڪو سائينءَ کي ياد ڪندو آهي؛ پر ڏک ۾، تڪليف ويل، جڏهن ڪا مصيبت منهن ڪڍڻ واري هوندي آهي، منش ڪنهن ڪارڻ وياڪل يا غمگين هوندو آهي ته اڪثر ڪري پرارٿنا جي اوٽ اجهو وٺندو آهي. مالڪ در منٿون ميڙون، عرض معروض ڪندو آهي، مندر ۾ وڃي گهنٽ وڄائي، مالڪ جي مورتيءَ اڳيان سر جهڪائي آراڌنا ڪندو آهي.

رشي مني، پير پيغمبر، سنت مهاتمائون چون ٿا ته پريو پرارٿنا ٻُڌندو آهي. خاص ڪري دل جي گهرائيءَ مان نڪتل پرارٿنا، سرڌا ۽ صدق سان، شڌ ڀاونا ۽ نيڪ نيت سان ڪيل پرارٿنا. باقي ڪنهنکي هاڃي رسائڻ، ٻئي جو برو چاهڻ جي باري ۾ پرارٿنا ڪڏهن به ڪين قبول پوندي. سائين ڪڏهن به ڪين چاهيندو ته منش منش خلاف ڪڏون ڪوٺي ۽ پرارٿنا ڪرڻ سان سندس من جون مليڻ مرادون پوريون ٿين. هرڻاڪشپ جي پيءَ هولاڪا جپ تپ ڪري ور پراپت ڪيو هو ته باه

رهندو هو. ٻين جي اَوگڻن جي اوگهڙ ڪين ڪندو هو. ڏک، ڏرد، ڪشٽ ۽ ڪليش سائينءَ جو ڀاڳو ڀائين، صبر سان سهندو هو. نه ڪنهنجي گلا ڪندو هو، نه ڪنهنجي ٽيڪا ٽپڻي ڪندو هو. ٻين جون خاميون ڏسي پنهنجي خامين کي ياد ڪندو هو؛ ڪنهنجي به وڏ ڪين ڪيندو هو. ڪنهن شيوا ٽهل جي ڪٿي ضرورت سمجهندو هو ته دل و جان سان ڪندو هو. سيني ۾ سائين پسي، سندن ڏک درد متائڻ ۾ پنهنجي شڪتيءَ آهر وسان ڪين گهٽائيندو هو. ڪير گلا ڪريس، گار گند ڪيس، ڪڙو ٻوليس ته به اُن کي اُبتو سبتو ڪين وراڻي، مان ميٽ ۾ سهن ڪري وڃي. موقعو مليس ته موٽندي ساڻس ڀلائي ڪريو ڇڏي، ٻاڻ ڪنهنکي ڪين ڏکوئي. ڪنهنجو ڪم ڪين ڪري سگهي ته به اکر مٺا ساڻس ضرور ٻولي. باقي ايشور جي ڀڳتي خاص ڪاڻ ڪيائين، سنياس ڪين اختيار ڪيائين، مندر مڙهيءَ ۾ ڪين ويو.

ڏر مراج: سچي ڀڳتي، سچو سنياس خالق جي خلق جي خدمت آهي، سندن ڏکن ڏرڏن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ ۾ آهي. سيني کي پنهنجو ٻيو روپ سمجهي، ساڻن سمدرشٽيءَ سان هلڻ، سچو پريو پريم آهي. هن پنهنجو ٻاڻ سڃاتو، پنهنجو ٻاڻ پسيو، هن پروڙيو، "خلق وسي خالق ۾، خالق منجهه خلق." اهڙيءَ ريت ڀڄيو ۽ هو هڪ ٿي ويا. هو جوتي جوت سمائجي ويو.

Thy will be done! جيڪا تنهنجي اِڇا سائين! هو
اسانجو اُپائيندڙ آهي، اسين هن جا ٻالڪ آهيون. هو
ڄاڻي. ڄاڻٺهار آهي، اسانجو ڀلو ٻرو به هو نيڪ طرح
سمجهي ٿو. اسين ڪڏهن ڪجهه به چاهيون، پر ڪيس جيڪي
اسان لاءِ نيڪ لڳندو، سوئي ڏيندو. اُنهيءَ اسانجي
ڀلائي آهي.

مشهور پارسي شاعر حافظ پنهنجي هڪ شعر ۾
چيو آهي "تنهنجو ڪم آهي رب کان دعا پنڻ، تون
انهيءَ بند ۾ ٻاڌي نه ٿيءُ ته هن تنهنجي دعا ٻڌي
يا نه."

انسان لاءِ شخصي مسئلا اُٿن ٿين ٿا، اُلجهن ۾ اچي
ٿو وڃي، مونجهاري ۾ منجهي ٿو پوي. اُن ويل، سچي
صدق سان، مانُ ۾ ويهي، مالڪ سان حال اوريندو
۽ انجي مدد لاءِ ٻاڏائيندو ته سلجهاءُ ڪيس اوس ملي
ويندو. نارمن ونسينٽ پيل پنهنجي هڪ پستڪ A Guide
to Confident Living ۾ لکيو آهي: "منش وٽ
پرارٿنا جو پربل هٿيار سدائين ميسر آهي، جو سندس
شخصي مسئلا حل ڪري سگهي ٿو." پرارٿنا اثرائتي نموني
قبول پوڻ لاءِ هن ڏهه نيم ڏسيا آهن:—

١- هر روز ٿورا منٽ مقرر ڪري ڇڏ، اُن وقت
ڪجهه به ڪين چئه؛ رڳو ويهي ايشور جو ويچار ڪر.
٢- پوءِ زباني پرارٿنا ڪر، سرل ۽ سڀاويڪ اکرن

جي مچ ۾ پورڻ سان به باهه کيس جلائي ڪانه سگهندي.
پر جڏهن ان وَر جي مدد سان، پنهنجي ۽ پنهنجي
ياءُ جي ملبن مراد پوري ڪرڻ لاءِ، پنهنجي ڀائٽي
پرهلاد کي ناس ڪرڻ چاهياءِ ۽ پرهلاد کي پنهنجي
ڪچ ۾ کڻي وڃي باهه جي پنيت ۾ ويٺي، جيئن پرهلاد
اُنہ سڙي ڀسم ٿي وڃي، تڏهن ايشور کيس مليل وَر
کي به نبل ڪري ڇڏيو ۽ معجزو ڪري ڏيکاريو جو پرهلاد
بچي ويو ۽ اُلندو هولڪا سڙي وئي. بچي لاءِ کڏ
کوٽيندڙ پاڻ ئي انهيءَ ۾ ڪرندو آهي.

پرارٿنا قبول پوڻ لاءِ ٻيون به ڪي ڳالهيون ضروري
آهن. رواجي ريت ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو ڪم تڏهن
ئي چئبو آهي، جڏهن پاڻکي تسلي هوندي آهي ته
اُهو ماڻهو اُهو ڪم ڪرڻ جي سمرٿ آهي، اُن ماڻهوءَ
۾ ڀروسو هوندو آهي، اُنہ آس اُميد هوندي آهي،
اُنهيءَ ماڻهوءَ ۾ وشواس رکي، مٿس ڇڏي ڏبو آهي ته
جيئن کيس نيڪ لڳي تيئن ڪري. پرڀوءَ کي پرارٿنا
ڪرڻ ويل به ضروري آهي ته منجهس پورن وشواس
هجي ته هو سرو شڪتيوان آهي ۽ منجهس سرڌا هجي.
وڏي ڳالهه ته ڪنهن به ڳالهه لاءِ پرارٿنا ڪري، سندس
سرڻ وڃي، ۽ مٿس ڇڏجي ته جيئن کيس نيڪ لڳي
تيئن ڪري. سندس رضا تي راضي رهڻو آهي. پرارٿنا
پنهنجي وينتي ڪري، انهن ئي اندر ۾ وچارڻو آهي

آهي، سو نيڪ طرح پورو ڪرڻ جي سگهه تو ۾ اچي، پر اُنجو پريڻام ايشور تي ڇڏي ڏي.

٩- اُنهن لاءِ به پرارٿنا ڪر جي توکي نه وڻندا هجن يا جن توسان نيڪ ورتاءُ ڪين ڪيو هجي.

١٠- جنلاءِ توکي پرارٿنا ڪرڻي هجي، تنجي ياداشت ناهه. جيترو وڌيڪ تون ٻين لاءِ پرارٿنا ڪندين، خاص ڪري اُهي جي تنهنجا رشتيدار ڪونه آهن، اوترو وڌيڪ پرارٿنا جو توکي پسندي ٻوروڪ ڦل ملندو.

ايشور کان ڪجهه ٻــ گهرڻ وقت دل جي سرلتا ۽ وشواس ضروري آهي. پوءِ ڏسڻ ۾ اسمپوءُ ڳالهيون به سمپوءُ ٿي سگهن ٿيون. سوامي وويڪانند ان باري ۾ هڪ دلچسپ آکاڻي ٻڌائيندو هو:

هڪ غريب ودوا جي ڪکي گوپال کــي پاٺشالا ڏانهن ويندي جهنگل مان لنگهڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن پنهنجي ماتا کي چيائين تـ جهنگل مان لنگهندي ڊپ ٿيندو اٿم. ماتا کي اهو ٻڌي ڏک وڪوڙي ويو. اکين اڳيان اندارو اچي ويس. ايشور جي ڏنل پـرتگيا دل تي تري آيس، "جي سڀ ويچار وساري، منهنجي سرن ونن تا، انهن جي لاءِ جيڪي به ضروري آهي، سو آءٌ پورو ڪريان ٿو." گوپال جي ماتا کي ان واکيہ ۾ وشواس هو. اکين مان آنسو اُگهيائين ۽ پنهنجي ڪکي کي آٿت ڏنائين: "ڊپ ڪرڻ جـو ڪو سبب ڪونہ

ڪتب آڻ؛ جيڪي ٻه تنهنجي من ۾ هجي، سو ايشور
کي ٻڌاءِ. پنهنجي ٻوليءَ ۾ ايشور سان ڳالهاءِ. هو اها
ٻولي سمجهندو.

٣- پنهنجي ڪم ڪارج ۾، ڌلڌي ڌاريءَ ۾، آفيس
۾ ميز تي ڪم ڪندي، ٽرين ۾ يا بس ۾ سفر ڪندي،
گهڙي پل لاءِ مسن مالڪ ۾ لڳاءِ. اکيون بند ڪري،
ايشور جي حضوريءَ جو احساس ڌار؛ ائين ڪرڻ سان
آهستي آهستي ايشور کي پنهنجي اوڏو محسوس
ڪرڻ لڳندين.

٤- پرارٿنا ڪندي سمجهه ته ايشور جي آشيرواد توتي
تي رهي آهي ۽ مالڪ جا شڪرانا مڃيندو رهه.

٥- پرارٿنا انهيءَ اعتقاد سان ڪر ته دل سان ڪيل
پرارٿنا پرماتما وٽ پهچندي آهي.

٦- پرارٿنا ۾ نانهه ۽ نفي وارا اُلٽا (Negative) ويچار
ڪين ڪر؛ سبٽن (Positive) ويچارن جو ئي سنو
پريتام لڪري تو.

٧- هميشه راضپو ڏيکار ته ايشور جي اِڇا سو ڪار
ڪندين؛ جيڪي توکي گهرجي تنهنجي طلب ٻلي ڪر
پر پوءِ جيڪي توکي ايشور ڏئي، اُهو خوشيءَ ساڻ قبول
ڪر. اُهو، نون جيڪي گهرين، اُنکان ٻه شايد بهتر هجي

٨- سڀ ڪجهه ايشور جي هٿن ۾ ڇڏي ڏيڻ جي
ڀاونا ڌار. پل اها وينتي ڪر ته جيڪو ٻه تنهنجو ڪار

سگهان.“ پر ڪڪي منت ميڙ ڪيس، ڏاڍ و ليلا يانس تڏهن وڻن جي وچ مان، جهنگل جو ڳنوار، ڳنوار جي پوشاڪ ۾، سر تي چٽ ۽ مور جا ڪنب ۽ ڳنوار جي بنسري وات ۾، اچي گوپال جي پرسان بيٺو. ٻئي ڏاڍو خوش ٿيا. خوب پاڻ ۾ راند روند ڪيائون. وڻن تي پي چڙهيا. ميوا تي پٽيائون. گوپال کي سڪول کي به دير ٿي وئي. ڏاڍو ٻي دليو سڪول ڏانهن ويو.

اهڙيءَ ريت مهنا گذري ويا. هڪ مهاپرب آيو. ماستر سيني ٻارن کي چيو ته ڪا نه ڪا شيءِ ڪٺي اچجو ته مزا ڪنداسون. هر هڪ ٻالڪ پنهنجي پنهنجي شيءِ ڪٺي وٺڻ لاءِ تياريون ڪيون. گوپال به پنهنجي ماتا کي چيو ته ڪا شيءِ ڪٺي وٺي آهي. ماڻس چيس: ”مونکي ته ڪجهه ڪينهي جو توکي ڏيان. جهنگل ۾ پنهنجي ڀاءُ کي چئج ته ڪا شيءِ توکي ڏيندو.“

گوپال پنهنجي ڀاءُ سان رانديون رونديون ڪري ڪيس ٻڌايو ته ”ماتا ته غريب ودوا آهي. ان ڪري تون مونکي ڪا شيءِ ڏي ته ماستر کي وڃي ڏيان.“ ڀاڻس مکڻ جي ننڍي چاڏي ڏنس.

گوپال ڏاڍو خوش ٿيو ته ڪجهه ته ملير جو ماستر کي ڏئي سگهندس. جيئن ئي پاٺشالا ۾ پهتو ته ڪنهن به ڪو نه نهاريس. سيني سمجهو ته هيءُ غريب ڇوڪر

آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جهنگل ۾ تنهنجو وڏو ڀاءُ رهـ
ٿو، جو ڳانيون چاريندو آهي. هن جو نالو بہ گوپال آه
ڪڏهن بہ توکي جهنگل مان لنگهندي ڊپ ٿئي
پنهنجي ڀاءُ گوپال کي سڏ ڪج.

ٻالڪ کي پنهنجي ماتا جي ڳالهہ تي وشواس اچ
ويو. جيئن ئي گوپال جهنگل مان لنگهي رهيو هـ
تيئن ڊپ اچي تيس. پنهنجي ڀاءُ گوپال کي سڏ ڪيائـ
”ڀاءُ ڳنوار، تون هتي آهين؟ امين ۽ چيو تہ تون هـ
رهندو آهين ۽ رڳو توکي سڏ ڪرڻ جي دير آهي ۽ تو
اچي منهنجي سهائتا ڪندين. مونکي اڪيلو ڊ
پيو ٿئي.“ وڻن جي پنيان آواز آيو: ”ننڍڙا ڀاءُ، ڊ
ڪين ڪر. مان هتي آهيان. جهنگل مان مزي سـ
لنگهي وڃ. توکي ڪجهہ بہ ڪين ٿيندو.“

هر روز گوپال جهنگل مان لنگهندو هو ۽ سڏ ڪند
هو ۽ ساڳيو آواز ٻڌندو هو. ماءُ اها ڳالهہ حيرت ۽
سان ٻڌندي هئي ۽ هڪ ڏينهن گوپال کي چيائـ
”پنهنجي جهنگل جي ڀاءُ کي چئج تہ توکي پنهن
منهن ڏيکاري.“

ٻئي ڏينهن، جهنگل مان لنگهندي ٻالڪ پنهنـ
ڀاءُ کي سڏ ڪيو. ساڳيو آواز آيو. گوپال پنهنجي
کي چيو: ”مونکي پنهنجو منهن ڏيکار.“ آواز آيـ
”ڀاءُ اڄ مان مشغول آهيان، ان ڪري اچي ڪو نـ

وشواس ۽ پريم اُتپن ٿئي."

بالڪ جي سچي وشواس ۽ دلي ترق هيءُ عجيب چمتڪار ڪري ڏيکاريو!

•

. مندر ۾ رکيل مورتيءَ ڪيئن هڪ بالڪ جي وينتي سٽي پرساد ورتايو، اِن باري ۾ سري رامڪرشن هيٺين آکاڻي ٻڌائيندو هو.

هڪ برهمڻ مندر ۾ پوجاري هو. ڪيس ٺاڪر جي پوجا ڪرڻي پوندي هئي. هڪ ڀيري ٻاهر وڃڻو ٻيس پوجا جو ڪم پنهنجي ننڍڙي پٽ کي سونپي ويو. ڪکي کي چيائين: "ڏهاڙي ٺاڪر اڳيان ڀوڳ لڳائج ۽ ڏسج جيئن هو سويڪار ڪري."

بالڪ پنهنجي پتا جي آڳيا انوسار ٺاڪر اڳيان کاڌو رکي صبر ڪري ٻهي رهيو، جيئن ٺاڪر اُهو ڀوڄن سويڪار ڪري. پر ٺاڪر ته نه ڪجهه آکيو ۽ نکي ڀوڄن سويڪار ڪيو. بالڪ ڪيترو وقت ڏسندو رهيو. بالڪ کي پڪو وشواس هو ته ٺاڪر هيٺ لهي، ضرور اچي پرساد چکيندو. پرارٿنا ڪرڻ لڳو: "هي پريو! اچي هيءُ پرساد ورتايو. ڏاڍي دير ٿي رهي آهي. وڌيڪ ترسي نه ٿو سگهان." پر ٺاڪر ڪجهه ڪين ڪڇيو. بالڪ روئڻ ۾ چنڪيو ۽ سڏ ڪا ڀري چيائين، "هي ناٿ! پتاجي چئي ويو هو ته اوهين ڀوڳ سويڪار ڪندا. ته پوءِ ڇو ڪين ٿا اچي کائو؟ پتاجيءَ

چا ڪٽي آيو هوندو. هيءُ ٻه لچارو ڇاڙي رکي ڪند
پاسي بهي رهيو. ماستر ۽ ٻين ٻارن جو اهو رخ ڏسي
گوپال ڪي ڏاڍو ڏک ٿيو. اتي ماستر جي نظر وچي
ڇاڙيءَ تي پئي. ننڍڙي ڇاڙي گوپال ڪان ور تائين
مکڻ هڪ وڏي ٿانو ۾ لاٿائين. حيرت تي وئسي، ج
ڇاڙي وري مکڻ سان ڀرجي وئي. جيئن جيئن مکڻ ٿانو
لاهيندو ٿي ويو، تيئن تيئن ڇاڙي وئي ٿي ڀرپي. سب
حيرت ۾ پئجي ويا. ماستر گوپال کي پيار ڪري ڳائس
پڇيو: "هيءُ ڇاڙي توکي ڪنهن ڏني؟" گوپال کيس
ٻڌايو ته: "جهنگل ۾ منهنجو ڳنوار ڀاءُ رهندو آهي
اُن ڏني."

ماستر چيس: "مونکي به هلي پنهنجو ڀاءُ ڏيکار.
گوپال کيس خوشيءَ سان جهنگل ۾ ونئي آيو. اُت
هن آواز ڪري ڀاءُ کي پڪاريو. پر جواب ئي ڪو
آيو. وري وري پڪاريائين، پر ڪو به آواز ڪونه آيو
ڀاءُ کي ليلا يائين: "اڇين نه ٿو ته آواز ته ڏي. ن
ماستر سمجهندو ته مون ساٽس ڪوڙ ڳالهايو." ان بعد آو
آيو: "گوپال تنهنجي ماتا جي ۽ تنهنجي ٻربر ۽ وشوا
مونکي تو وٽ آندو، پر پنهنجي ماستر کي ...
کيس ڳهٽوئي وقت ڪرسٽو پوندو، جيستائين منجهس

شاه عبداللطيف جو اهو پيغام عين بين ويدانت، اُپنشدن ۽ گيتا جو پيغام آهي.

ويدانت جو تت آهي ”منش ايشور آهي. رڳو کيس• ڄاڻ ڪانهي ته ايشور منجهس واسو ڪري ٿو ۽ هو ايشور ۾ سمايل آهي.“ اُپنشدن جو سار آهي ”جيئن باهه جي پنيت مان هزارين ساڳئي قسم جون چڻگون نڪرن ٿيون، تيئن ابناسي ۽ مان انيڪ پرڪارن جا جيو اُتپن ٿين ٿا ۽ آخر اُن ۾ ئي سمائجي وڃن ٿا. جيئن ڪوئلي ۾ اگني، ڏڌ ۾ مکڻ، ترن ۾ تيل لڪل آهي، تيئن منش جي هردي اندر پرم آتما لڪل آهي. اها آتما جا سيني پراڻين ۾ وياپڪ آهي، سا آهي هڪ، پر جدا جدا سريرن اندر گهڙي، پنهنجن روپن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. گيتا ۾ ڪرشن ڀڳوان به ساڳي ئي ڳالهه چئي آهي:

سچو يوگي سرياوارو سڀن ۾ ته اِڪ ئي ڏسي ٿو،
۽ جيون سڀن کي پاڻ ۾ آتم جي اندر پسي ٿو!
هر هنڌ ۾، هر چيز ۾، او ٿو پسي منهنجو اسرار،
اُن جي ته نرمل نظر کان رهان ڪين آءٌ ڌار.

پائي گيان پانڊو! پوءِ رهند ين موهه کان پري،
پسند ين جڳت جوئي ڪيئن ٿي تو ۾ ۽ مون ۾ پري!
پنائي گهوٽ نه صرف اوچ ڪوئي ۽ جو ڪوي.

جو پرساد سويڪار ڪندا هئا، پوءِ مون ڪهڙو اپراڌ ڪيو آهي، جو مون سان هيءَ ورتاءُ ڪري رهيو آهين؟" ائين ڪيترو وقت روئندو رڙندو رهيو. مٿي نهاري ته ناڪر منش روپ ۾ پرساد کائي رهيو آهي. جڏهن پرساد سمورو کائي خلاص ڪيائين، تڏهن بالڪ مندر مان ٻاهر نڪتو. ماٽس چيس، "پوڄا لڳي ويو هجي ته پرساد ٻاهر ڪڍي اچ." بالڪ وراڻيو، "پوڄا لڳي ويو، پر ناڪر ته سمورو پرساد کائي ڇڏيو." ماٽس وائڙي ٿي وئي. پڇيائين: "هيءَ ڇا چئي رهيو آهين؟" بالڪ ويچاري وري، به ساڳي ڳالهه ڪئي. "ناڪر ته سمورو پرساد کائي ڇڏيو." پوءِ جڏهن ناڪر براجمان هو، اُتي وڃي ڏنائين ته برابر ٿالهي خالي پئي هئي! سچي وشواس جو ايڏو پربل مهاتم آهي!

ويدانت جو رس

همه حق آهي- "لهرين لک لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو" پاڻيءَ پيهي، روح رهاڻ ڪر ءِ پاڻ سڃاڻ ته "تو ۾ ديرو دوست جو" ۽ "اسين سڪون جنکي، سي ئي اسين پاڻ."

"پاڻ پنهنجو پاڻيهي، صورت منجهه سڃاڻ
• الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻ."

به پاڻ آهي. پير پاڻ آهي ته مريد به پاڻ آهي. سسئي پاڻ آهي ته پنهون به پاڻ آهي؛ سهڻي پاڻ آهي ته ميهار به پاڻ آهي. مومل پاڻ آهي ته راڻو به پاڻ آهي

. پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهي حسن ڪمال
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال
سڀ سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

پاڻهين پسي پاڻکي، پاڻهين محبوب
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو

سو هي، سو هو، اجل، سو الله
سو پرين، سو پساهه، سو ويري، سو واهرو.

”پراڻو سو سڌ“ آهي، اڳهين گڏ هئا، پر جيئن پراڻ و ۽ سڌ ٻڌڻ ۾ به ٿيا آهن، تيئن الله به هڪ آهي، پر ڏسڻ ۾ روپ الڳ الڳ آهي. سڀ ڪجهه هوئي آهي. ”جيڏ هن پرين وڪ، تيڏ هن صاحب سامهون.“ هوئي هر ڪنهن جي هردي اندر براجمان آهي. ڪائنات جي هر چيز، هر وستوءَ ۾ موجود آهي. ”اسان سڄڻ تيئن رهيو آهي روح ۾“، ”نائي ليڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو“ آهي. مون ۾ تون موجود، آئون اڳاهين آهيان.“

ساهڙ ۽ سهڻي ساڳي ڳالهه آهي. سسئي ۽ پنهون. به

۽ سنڌ جي ڪوين جو مور مڪٽ ۽ سر تاج سرمو
هو، پر الله تعاليٰ جو سچو عابد، اعليٰ درجي جو
ڪامل درويش پڻ هو. ويدن، گيتا ۽ اُپنشدن جو
تات پرج هن پنهنجي روحاني ڪلامن ۽ ڪافين ۾
انوکي ۽ وچتر نموني، سرل ۽ سليس ڀاشا ۾، لوڪ
ڪٿائن ذريعي دلڪش لڙهين ۾ هڪ داڻ
ڪري، اهڙيءَ ڪاريگريءَ ۽ ڪماليت سان ويهي
پويو آهي، جنهن مان ويدانت جي سرهاڻ ۽ سڳند
هڳاءَ ۽ هبڪار هر بني بشر کي معطر ۽ مست ڪري
ڇڏي.

” ڪوڙين ڪايائون تنهنجون، لکن لک هزار
جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارون ڏار.“
الله تعاليٰ جون ڪروڙين صورتون آهن
” وحدت تان ڪثرت ٿي“ آهي؛ آهي هڪ پر سمايل
سين ۾ آهي. سهسين سندس صورتون آهن
” درسن ڏارون ڏار“. قصر (محلات) هڪ آهي
در لک اُنس ۽ ڪروڙين ڪيس گهر کيون آهن.
” جيڏانهن ڪريان پرک (نظر) تيڏانهن صاحب سامهون.“
آهي. جيئن محل ۾ انيڪ دريون ٿين ٿيون، تيئن ايشو
کي اڻ ڳڻيا روپ آهن.

”حق حقيقي هيڪڙو آهي.“ مالڪ پريتم به پا
آهي ته پريمي به پاڻ آهي. خالق پاڻ آهي تـ مخلو

ڏي هل ته ”آرياڻي امل، ڪايا ۾ ڪانڌ ٿيو“. تنهنجو امل پريتم، تنهنجي سريرَ ۾ ئي موجود آهي. ”قاصداڻي ڪاڻ ڪين وساڻي ڪيچ ڪي.“ ”پاڻان (خودي) ڌار پرينءُ، سسئي ساڻ ڪڻيج.“ ”رڙهه روحاني سسئي“ ۽ ”هوت هٿ هين پيچ“. پنهون سين پيچ اٿي ته ”پيرين پنڌ وسار“ هينئين سان سفر ڪر ۽ نه پيرن سان.

”هل هينئين سي هوت ڏي، سسئي ڪڻ م ساڻ

جنين پانيو پاڻ، سي آرئيان اورتي رهيون“.

قد بڌي، تون ڪين، ڀڇنديءَ پنهون ۽ سبن

جيئن سبنو ساهئين سسئي، تيئن تهوارون تيئن

مٺي! ٿيءُ مسڪين، همت (وڏائي) هوت وڃائيو

سسئي ”هوت تنهنجي هنج ۾ آهي، ڇپين ڪره پهي.“

هت ڳولڻ هت تي، ڪڏهن ڪانه وهي.“

جڏهن سسئي اهو سچ سمجهي ٿي ته:-

جيڪي طالب تات جا، تات ٻـ تنين وت

هڏهين ڪانهي هت، گهور ته گهران ئي لهين.

۽ جڏهن پيهي پروڙيائين ته احساس ٿيس ته:

”پنهون پاڻ ئي آهيان“. ”سپ ۾ پنهون پاڻ، ڪينهي بيو بروچ ري“. ”اسين سڪون جنکي، سي ئي اسين پاڻ“ آهيون. ”وهم وساريا، نات پنهون آئون پاڻ هئي“، تڏهين ڏونگر ڏوري ”دوست

سائِي ڳالھ آهي. ”سو پڪي، سو ٻيرو، سو سرو، سوئي
هيج.“ ”سو هي، سو هو، سو اجل، سو الله.“

”ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوئي
آهي نجوئي، ٻجھ ٻجھاندڙ ڳالهڙي.“

سسئيءَ جڏهن پنهونءَ لاءِ دانهون ۽ ڪوڪون
ڪري جهر جهنگل جهاڳي رهي هئي، تڏهن شاه صاحب
چيو آهي:

”پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اُج مرن
ساهان اوڏو سپرين، لوچي تا نہ لهي
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جيئن.“

سپرين ساھ کان بہ اوڏو آهي. ”لوچ تہ لهين“
دانهون اجايون آهن. وري تو چويس:-

جو تون ڏورئين ڏور، سو سدا آهي ساڻ تو
لالن لڪ لطيف چئي، منجهي ٿئي معذور
منجهان پنڻ پروڙ، تو منجهہ آهي تڪيو
شاه صاحب سسئيءَ کي صلاح ٿو ڏئي:

وڃين ڇو وڪار؟ هت نہ ڳولهين هوت کي
لڪو ڪين لطيف چئي، بارو ڇو بئي بار
ٿي سٽي بد سندرو، پرس پنهونءَ سين پاڙ
تائي نيڻ نهار، تو م ديرو دوست جو.

دوست جو ديرو تو منجهہ ئي آهي. ڇيرن (جبلن
م جا اللہ پئي چلين (ستون پائين)، هيئين سين هوت

"سالم ويٺي سهٽي، ڪنين ڪين ڪيوس
اُهس اکڙين ۾، پريان جو پيوس
حقان حق ٿيوس، هئي طالب حق جي".

مومل کي به جڏهن ويراڳ وٺي ٿو، پنهنجي غفلت تي پڇتاءُ ٿي ڪري ۽ راڻي ره ڪاڪ ڪڙي تي پسي ۽ سر ڪنب وارين سوڙين ۾ سک سمهي ڪانه ٿي سگهي ۽ حال قربان، مال قربان ڪري، وررلاپ ٿي ڪري:-

"آءُ راڻا راحت، ڏاج ڏرتيءَ جا ڌڻي!
سڪن ٿيون سهاڳڻيون، سوڍا! تنهنجي سٽ
مون تان لاهه نه هٿ، ڪامل ڌڻي ڪاڪ جا!"

تڏهين احساس ٿو ٿئيس:-

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڙس چٽاڻو
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڏاڻو
راڻو ۽ راڻو، ره راڻي بيو ناهه ڪو.

هوءَ چوڙس چؤڏار چٽاڻو ٿي ڏسي ۽ پاڻ ۾ ئي ڪاڪ ٿي پسي ۽ پاڻ ۾ ئي لڏاڻو. پوءِ ڪيس ٻي ٿنوار ڪانهي. "تيو مڙيوئي مينڌڙو".

ڪاهوڙين (سچن فقيرن) جو ورنن ڪندي به شاه صاحب ساڳي ئي ڳالهه چئي آهي:-

" ڪاهوڙين خفيءَ سبين، سوجهي لڌو سبحان
عاشق اهڙي اکرين، لنگهيا لامڪان
هوءَ ۾ گڏجي هوءَ ٿيا، بابوجي بريان .

ڏنائين دل سين“ ۽ پاڻڪي چيائين:-

ٻيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ
نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون تيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هئا.

سهڻيءَ کي به شاهه صاحب صلاح ٿو ڏي:-

”پاڻ ۾ ڪٺج پاڻ سين، ره وسيلي وڄ
ٻيلو ٻيري ٻج، اُڪنڊ ڪر عميق ۾“
”پاڻ ۾ ڪٺج پاڻ سين، وسيلا وسار
لڙ لنگهائي سهڻي! پرت وڄهنده پار،
سي ترت لنگهنديون تار، اُڪنڊ آڳهه جن سين.“

پر سهڻي ٻيلو (دلو) ڪڻي ساهڙ ڏانهن هلندي هئي. جڏهن دلو ڀڳس تڏهن ئي احساس ٿيس ”جي ساهڙ کي سڪن، تنين جر جنڊ ٿئي“. يعني انهن لاءِ پاڻي پيڻ ٿيو پوي. ”محبت کي مهراڻ، سڪي سي پٽ ٿيو“ ”ٻچن جي ميهار کي، ٻچي سي ميهار.“ انهيءَ اُڪنڊ سان پريتم کي ڳچبو ته پريتم به اوس ڳچندو ۽ محسوس ڪبو، ”ساهڙ سا سهڻي، سائر ٻڻ سوئي.“

جن جي من ۾ محبت آهي ۽ جي ميهار کي ٻچن ٿيون ۽ ”جي ري ترهي ترن، سي جهليون ڪين ڪنن“. ندي تن نير ٿئي ”اُڪنڊ جن سين اُڳهه“ (ڀروسو) آهي ”سي ترت لنگهنديون تار.“

ساهڙ جي جڏهن سچي سڪ جو احساس ٿيس ته:

سي فاني ٿيا في الله“ ۾. ”وڃائي وجود کي پاڻان (خودي) پاسي ٿيءُ.“ هيڪر هڻ ڇڏ ته اوڏي ٿي عجيبن کي. ”آئون سين اُن پار، ڪڏهن تان ڪين پيو.“ ”پرين تي پرچيام، ’آئون‘ ’جب اُن گئي‘. “خودي ۽ خدا ڪيئن مائيندا من ۾.“ خوديءَ کي پنهنجي اندر مان ڪڍي، مانيٽي کي من مان لوڏي، هردي کي اوجل ڪري؛

”اندر آئينو ڪري، پر ۾ سو پسيج
انهيءَ راهه رميج، ته مشاهدو ماڻئين.“

تون پاڻ سڃاڻ ته سڀ ڪنهن جي سنمک صاحب پسين. ”تان تون پرک، سڀ ڪنهن ڏانهن سامهون.“ ”سڀ ڪنهن ڏانهن سامهون ڪو هنڌ خالي ناهه.“

پاڻ وڃائڻ بعد مالڪ جي سرن وٽ، پنهنجي ويچارن کي پاسيرو رکي، سندس ويچارن تي هلڻ سان ئي حق حاصل ٿيڻو آهي.

پنهنجي ڇڏي پت ۾، رڙهه اُنين جي رائي
خدمت ڪر خلق سين، پاند ڳچيءَ پائي
اديون عبداللطيف چئي، اُتاهين کي آهي.

رب جي رضا تي راضي رهڻ سان، سور سختيون اچن ته سرهائيءَ سان سهڻيون آهن. پريتم پنهنجي پيارن کي ئي سختيون سهائيندو آهي:

دوست کهائي دادلا تو محب مارائي •

سيــوئي سبحان، آيــو نظر اُنــن کي."

ڏهوتين جي واکاڻ ڪندي ٻه شاه صاحب ويدانت جو ئي واڪ اُچاريو آهي. هنن "من ماري کيو مڇ" آهي ۽ سڀ جهاڳي "وسئن کي ويجها ٿيا" آهن ۽ "جيڏهن پرين وک، تيڏهن صاحب سامهون" تا پسن.

سر يمن ڪلياڻ ۾ ٻه شاه صاحب ساڳيوئي ويچار ته مالڪ منجهه ئي آهي، سهڻي نموني ورنن ڪيو آهي:

"ڀــائي ڪان ڪمان ۾ ميان! مــار م مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي."

ٻئي هنڌ چيو اٿس:

"مون ڀيا در گهڻا نهاريا، آهئين تون ئي تون."
"مون ۾ تون موجود! آئون اڳاهين آهيان."

مالڪ کي پنهنجي اندر ۾ ڪيئن پسجي.

شاه صاحب انيڪ واٽون ڏسيون آهن، ته ڪيئن مالڪ کي پنهنجي من ۾ پسجي، هر هنـــڌ هر جڳهه، چوڌس چوڌار سندس احساس ڪجي. "ڀهرئين ڀــاڻ وڃائڻ، پوءِ پسڻ پرينءَ کي." ڀــاڻ وڃائي ئي ڀــاڻ سڃاڻڻو آهي.

"ڀــاڻ وڃائي ڀــاڻ، ڳــولهي لهج ٻاڻــڪي
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندي جاڻ سڃاڻ."

پنهنجي وجود يا هستيءَ کي جيسين فنا نه ڪبو، تيسين وصل ماڻي ڪين سگهبو. "جن وڃايو وجود کي،

ايشوري پانڌيڙي کي پيائي من مان ٽڙي (ڪرئين غير غرق، ته مشاهدو ماڻئين) ويراڳ ۽ نيستي جي وات وٺڻ ضروري آهي، "جي پائئين جوڳي ٿيان، ته ڪين (نيستي) پيالو پيءُ"، "ساجن تن سري، لا (نيستي) سين لڏين جي." "ڪلهي جا ڪين ڪٽي، پرين ۽ پهتي سا." پرين ۽ کي اُهائي پهچي جا "ڪين" يعني سنساري پدارٿ تياڳ ڪري، اڳتي ٿي هلي.

شاه صاحب ٻڌايو آهي ته سچي لاهوتيءَ ۾ ڪهڙيون وصفون هئڻ گهرجن:

جي پائئين جوڳي ٿيان ته طمع ڇڏ تمام
گولا جي گوڻن جا تن جو ٿيءُ غلام
صبر جي شمشير سين، ڪر ڪيني کي قتلام
ته نانگا! تنهنجو نام، لکجي لاهوتين ۾.

چاليها رکڻ يا ورق وارڻ سان مالڪ جو مشاهدو ماڻي نه ٿو سگهجي. هردي سان ئي هڪ اکر هنڊائي، اندر اُجارڻ ڪافي آهي:

اکر پڙه الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

تنهنجي گلن سان به پيار
تنهنجي ڪنڊن سان به پيار

ڳچ سال اڳ هڪ پيرڻ پنهنجي مڌر واڻيءَ ۾ سريلي

خـاص خليلن کـي تـو سخنيون سهائي
انهين ۾ منجهه آهي، ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي

سسئيءَ لاءِ بہ شاهہ صاحب چيو آهي: ”ساجـ
ميڙيس سور، سک نہ ميڙيس سپرين.“
محبت جي ميدان ۾ سکن جو تياڳ ڪرڻو آهي

”سـکن جا سيـد چئي لاڳـاپـا لاهيـج
هنئين سان هليج، تہ پند پاسي پر نبري“

۽ سر جو سانگ ڪين ڪرڻـو آهي. سوريءَ ت
چڙهڻو آهي. ”سسي نيزي پاند، اُڇلي اڏ ڪرڻي آهي.

جن کي ڏور درد جو، سبق سـور پڙهن
فڪر فـرهي هٿ ۾، مـات مطالع ڪن
پنو سو پـڙهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ کي.“

سور جو سبق پڙهي، مات مطالع ڪرڻي آهي
مات ۾ اوجاڳا ڪڍڻا آهـن. ”راتيـان جاڳڻ، صاحـ
سنڀالڻ، اي فقيران دا ڪم.“

سور جنين کي سريو، سري تـن صحت
منـي مصيبت، آهي عـاشقن کي“

پريتم سان هڪ ٿيڻ لاءِ سچو پريـم ضروري آهي
”جيءُ، جسو، جاڳير“ هوت جي ملڪ ڪرڻـو آهي
”آئي سي ايڪ ٿيا، جي گنا نيهن ڳـري.“ جي نيه
جي چنبي ۾ آيا سي رجي پريتم سان هڪ ٿي تا وڃ
پوءِ پڇي در فراق (الگ هستي) ۽ منجهين مشاهـ
ٿئي ٿو.“

پوءِ جهرڻ جهڄڻ جيڪر منهن ئي ڪين ڪيدي.
رڳو اسين وشواس رکون ته:

"مشڪل پڙا ته ڪيا هوئا، مشڪل ڪشا به هئه"
۽ چئون "دل تؤ فڪر مت ڪر، تيرا خدا به هئه."
جنهن درد ڏنو آهي، سو دوا به اوس ڏيندو. پوءِ جيڪر سک جيئن دک ڏانهن، راحت جيئن ڪشت ڏانهن پريم ڀاو ڌارڻ ڪري، اُنجي مرحبا ڪريون ۽ اُنکي مبارڪ سمجهون ۽ چئون:

رحم تنهنجو دم بدم- قهر تنهنجو ڳاهه ڳاهه
هيءَ به تنهنجي واهه واهه-هوءَ به تنهنجي واهه واهه!

جيسؤ ڪرست بيابان ۾ چاليهه ڏينهن لڳاتار گوشي نشينيءَ ۾ عبادت ۽ اُپواسن بعد ڀهريون اُپديش ڏنو:
"اوهين پنهنجي مالڪ پريو پرماتما کي سموري هردي، سموري جان ۽ سموري ٻل سان پريم ڪريو." سپاويڪ آهي ته پرماتما کي پريم ڪرڻ سان، جيڪي به وٽانس ايندو، گل يا ڪنڊو، راحت يا ڪشت، رحمت يا زحمت اُنکي به پريم ڪنداسون، اُنجي به مرحبا ڪنداسون. ساڌارڻ جيون ۾ ڪيئن نه اسين جنهنکي پيار ڪندا آهيون، تنهنجي وقتي ڪا ڳالهه ڪٺي ڪانه به وڻندي آهي ته شڪايت ڪين ڪندا آهيون، در گذر ڪري ڇڏيندا آهيون.
جنهن پريو پرماتما اسانکي پيدا ڪيو آهي، اسانجي

سُر ۾ پڇن ڳائو، جنهنجون به سڀئون تازو دل
تري آيم:

تيري قولون سي به پيار
تيري ڪانٽون سي به پيار

ويچار آيم ته اسين جي اِها ڀاونا رکون، اها درش
ڏاريون ته سائين تنهنجي گلن سان به پيار، تنهن
ڪنڊن سان به پيار ته هوند اساڻي جيون شانت م
آنند ميه ٿي پوي؛ ڪا به دقت درپيش ڪين اچ
ڪا به شڪايت اُٿڻ ڪين ٿئي ۽ نراسائي نا اُميد
تنگ ۽ هلاڪ ڪين ڪري.

سک دک ته منش سان ڳنڍيا پيا آهن. قولن
سيج يا ڪنڊن جو تاج، سنسار جو وهن
آهي. ڪنهن مهل موج مزي ۾ پيو اُڇلون ڏيو
ته ڪنهن مهل ڪشٽن ۽ پيڙائن ۾ پيو جهربو جهج
ايشور جي ليلا عجيب آهي، ڪجهه به ٿئي، ڪهڙي
آپدا اچي برگهٽ ٿئي، اُن تي دک يا نراسائيءَ
اظهار ڪري ڇا لاءِ پاڻ کي دکي ڪجي. چو ڪ
چئجي:

چاهو سک دو يا دک
چاهو خوشي دو يا غم
جو به دينا چاهو، ديءِ ديءِ سرڪار
دنيا کي تارڻ هار!

آيو. اچي اُهو راجا جي اڳيان رکيائين. راجا اُتاول ۾ ڪپ سان ميوو ڪپيندي، پنهنجي آڱر جو ٽڪر ڪپي ڇڏيو. سور ۾ رڙ ڪري ويس، ميوو ۽ چاقو وچي هيٺ پيا، رت وهڻ لڳس.

واڪو ڪيائين: ”وزير صاحب، بيحد درد ٿي رهيو اٿم.“

وزير وراڻيس: ”ايشور سڀ ڀلي لاءِ ئي ڪري ٿو.“

انهن اکرن باهه ۾ ڄڻ گيهه وڌو، راجا غصي ۽ ڪاوڙ ۾ ٽپي لال ٿي ويو. رڙ ڪيائين: ”بيوقوف، پنهنجي فيلسوفي بند ڪر. گهٽوئي ڪجهه ٻڌم؛ مان سور ۾ ڇلائي رهيو آهيان ۽ تون واهيات بڪي رهيو آهين: ”ايشور سڀ ڀلي لاءِ ئي ڪري رهيو آهي.“ هيڏو سور سٺائي رهيو اٿم ۽ تون ٿو چوين ته هنن ۾ ڀلائي هوندي. بس، حد ٿي چڪي. تنهنجو منهن ٻيهر ڏسڻ ڪين ٿو چاهيان. دور ٿي وڃ، منهنجي نظر کان ۽ وري منهنجي اکين اڳيان ڪڏهن به ڪين اچج. راجا پاڻ کي روڪي ڪين سگهيو؛ اُتي جوش ۾ وزير کي لتون هڻي لوڏڻ لڳو ۽ اُتان هليو وڃڻ لاءِ کيس حڪم ڪيائين. وزير ويندي ويندي اُچاريندو ويو، ”ايشور سڀ ڪجهه ڀلي لاءِ ئي ڪريٿو.“

راجا هاڻ اڪيلو رهجي ويو، پنهنجي ڪڙتي مان ڪپڙي ٽڪر ڦاڙي زخميل آڱر کي ٻڌائين؛ منهن ملول ٿي ويس جو ڄاڻائين ته ٻه ڏندا ڏوٽا ڏالهس اچي رهيا هئا:

پالڻ پوشڻ جو پربند ڪري رهيو آهي، اسانجي سـ
سنڀال لهي رهيو آهي، تنهنجي اسين جيڪر سرڻ و تو
ته اسانکي تسلي ٿئي ته جيڪي به هو اسان لاءِ ڪري
گل ڏي يا ڪنڊا، عيش عشرت ڏئي يا پيڙا، سڀ اکي
ٿي، مني نور ٿي آهي. هرڪا ڳالهه هو اسانجي ڀلي
ئي ڪري ٿو، پوءِ ظاهري اُنوقت ڀلو ڪڻي ڏسڻ ۾ ڪو
نه اچي.

سوامي رامداس هڪ دفع اُپديش ڏيندي چيو
”ايشور سڀ اسانجي ڀلائيءَ لاءِ ئي ڪري ٿو.“ هڪ
دلچسپ آکاڻي ٻڌايائين:

هڪ ڀيري هڪ راجا پنهنجي وزير ۽ ٻئي عملي سا
شڪار ڪرڻ لاءِ جهنگل ڏانهن راهي ٿيو. وزير جو پڪ
وشواس هوندو هو تہ ايشور سڀ اسانجي ڀلائي لاءِ ئي
ڪري ٿو. اهڙو اچي اتفاق ٿيو جو راجا ۽ وزير پنهنجي
پوئلڳن کان الڳ ٿي ويا. رلندي رلندي شاهي ٻيلي
گهڻو اندر هليا ويا. نيٺ رستو ڀلجي پيا. راجا ڏاڍ
ٿڪجي پيو. بک به اچي چٽو ڪيس. هڪ وڻ ج
هينان ويهي وسرام ڪرڻ لڳا.

تڪل راجا چيو: ”وزير، بک جا ڏاڍا پيا چ
پون، ڪجهه کائڻ لاءِ هٿ ڪري سگهندين؟“

وزير چوگرد نظر ڦيرائي، هڪ وڻ تي ڪو ميو
ڏسڻ ۾ آيس. وڻ تي چڙهي، ڪجهه پڪل ميوو ل

ڪين ڪندي. ماتا کي گهرجي سمپورڻ پرش. هن ماڻهوءَ جي سريرَ ۾ نقص آهي؛ آگر ڪپيل اٿس. ڪيس روانو ڪري ڇڏيو."

. رسيون ڇوڙي، ڪيس آزاد ڪيو ويو. راجا کي پنهنجي وزير جا اکر دل تي تري آيا جي هن سندس آگر ڪپجڻ وقت چيا هئا، "ايشور سڀ ڪجهه اسان جي ڀلي لاءِ ٿو ڪري." سو چيائين، آگر نه ڪپجيم ها ته پرلوڪ پڌارجي وڃان ها. وزير سان ڪيل ورتاءَ تي ڏاڍو ڏک ٿيس. ڪائنس معافي وٺڻ جو ويچار دل ۾ آيس. وزير جي کوهه ۾ نڪتو. وزير هڪ وڻ هيٺان وسرام ڪري رهيو هو. راجا وٽس وڃي وڏي قرب سان ڪيس ڀاڪر پاتو؛ چيائينس: "دوست، توکان معافي ٿو منگان. تو جيڪي مبارڪ اکر چيا، سي واقع ئي سچ نڪتا."

وزير وراڻيو: "جيئندا قبلا! توهان مونکي ڪجهه به هرج ڪين رسايو. انکري معافي وٺڻ جي ضرورت ئي ڪانه آهي. توهان ته حقيقت ۾ مونکي جيئدان ڏنو، توهين مونکي هڪالي ڪين ڪڍو ها ته مان به توهان سان ئي هجان ها. ڪاليءَ جا پوڄاري توهان سان گڏ مونکي به سوگهو ڪري وٺي وڃن ها؛ توهانکي ٻل چاڙهڻ لاءِ يوگيه نه سمجهي، مونکي ئي ٻل چاڙهين ها. منهنجي سرير ۾ نقص نه هئڻ ڪري، منهنجي حياتي

أمالڪ ٿي ڪيس پڪڙي، سندس هٿ پير ٻڌائون.
ڇڪري ڪاٺڻ يا ڀاڻ ڇڏائڻ بيسود سمجهيائين ڇاڪاڻ
تہ هو پهلوان هئا.

حراس ۾ آيل راجا پڇيو: "مونسان اوهين هاڻ ڇا
ڪندا؟"

هنن وراڻيس: "ڪالي ماتا وٽ توکي ٻيٽ
چاڙهينداسون. دستور آهي تہ سال ۾ هڪ ڀيرو انساني
ٻل چاڙهيندا آهيون. سال اچي پورو ٿيڻ تي آهي
ڪنهن انسان جي تلاش ۾ هئاسون. خوش نصيب آهيون
جو تون گڏجي وئين."

اِهي اکر ٻڌي راجا سخت حراس ۾ پرجي ويو. ڪير
ٻڌايائين: "مونکي ڇڏيو. مان هن ديس جو راجا آهيان
راجا کي ڪيئن ٻل چاڙهيندا."

هو کلڻ لڳا. چيائون: "تڏهن تہ هن سال جي ٻل
بي مثل ٿيندي. ماتا تہ راجا جي ٻل ڏسي بيحد خوش
ٿيندي، هل تڪڙو هل."

راجا کي گهليندا ڪالي ماتا جي مندر ڏانهن هلن
هليا. مندر ۾ پهچي، ٻلستان تي راجا کي وهاريائون
ڪاتيءَ سان مٿس وار ڪرڻ جون تياريون ٿي ويون
اچانڪ مهنت جي نظر وڃي راجا جي پٽيءَ ٻڌل آڱ
تي پئي، پٽي کولي ڏٺائين تہ آڱر ٽوري ڪپيل هئي
واڪو ڪيائين: "هيءُ شخص ڪالي ماتا سو ڪ

سوداگر وٽ مهمان اچڻا هئا. هن سرديءَ جي هڪ ڦار کپي لقمان کي ڏني ۽ پڇيائينس ته ٻڌاءِ ته ڪيتري قدر سٺي ۽ مٺي آهي؟ لقمان سرديءَ جي ڦار کائي چيو: "آقا! هيءَ ته کجور کان به مٺي آهي."

وري ٻي سرديءَ جي ڦار کپي ڏنائينس ۽ پڇيائينس ته ڪيئن آهي؟ لقمان ڦار کائي اُنجي به ساراهه ڪئي. چيائين: "ماکيءَ جهڙي مٺي آهي." ائين سردن جون ڦارون کائيندو لقمان ويو ساراهه ڪندو. باقي رهيو هڪ سردو. سوداگر اُهو پاڻ به چکيو. ڏنائين ته اصل ڪؤڙو جهڙو زهر! سوداگر پڇيس: "ههڙي ڪؤڙي سرديءَ جي ڪيئن تو ساراهه ڪرين؟" لقمان وراڻيو: "سائين! جنهن هٿ هيتريون مٺيون ڦارون کارايون، تنهن وٽان جي هڪ ڦار ڪؤڙي اچي وئي ته ڪيئن اُنجي گهٽتائي ڪريان. پريان سنديءَ پار جي آهي سڀ مٺائي. مان بي شڪر سمجهبس جي مالڪ جي ڏنل چيز جي عيب جوئي ڪريان! ٻلهار وڃڻ گهرجي سائين تان! جيڪي ڏئي سو مٺو ۽ سٺو آهي."

ڀٽائي هنڌ شاهه صاحب چيو آهي:

دوست کهائي دادلا، تو محب مارائي
پاڻ پيارن کي تو، سختيون سهائي

مالڪ پنهنجي پيارن کي ئي سختيون ڏيندو آهي، جيئن هو چندن جيئان جان جلائي، سڙي سرهاڻ ٿي پون.

ختم ٿئي ھا. ان مان پرسڌ آھي تہ ايشور سڀ اسانجي
ڀلي لاءِ ئي ڪري ٿو."

ماتا، گرڀ ۾ جنھن رکيا ڪئي؛ ڏاتر جنھن جنم
ڏيڻ تي ٿڃ کير جي وھائي ۽ سنسار ۾ سفر ڪان اڳ
سمر ڏنو، سو پوءِ ڪيئن اسانجي مندي چاھيندو. رڳو
پورن ريت سرڻ وٺڻي آھي. سرڻ وٺڻ سان جيڪي بہ
سائينءَ وٽان ايندو، تنھنجي ازخود مرحبا ڪبي- پوءِ
ڪندو بہ ڪنبو ياسڻ ۾ ڪين ايندو- اُنکي بہ گل
سمجھي پيار ڪبو. شاھ صاحب بہ چيو آھي:

پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي
ڪانھي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

پرينءَ جي پار کان جيڪي بہ اچي، محبوب طرفان
جيڪي بہ عطا ٿئي، سو مٺائي ڪري سمجھڻ گھرجي.
جيڪڏھن چيت سان اُنکي چکبو تہ ڪڙائي محسوس
ئي ڪانہ ڪبي، سوري بہ اُنھن لاءِ سيج ٿي پوندي.

لقمان جڳ پرسڌ حڪيم ھو، ھر حالت ۾ پاڻ کي
خوش سمجھندو ھو. چوندو ھو تہ پروردگار جڏھن ھيتريون
نعمتون عطا ڪيون آھن، تڏھن وقتي ڪا تڪليف بہ
اچي تہ اُھا نہ صرف برسر ڪجي، پر مالڪ وٽان اُھا
بہ نعمت سمجھي خوش ٿجي.

سندس ننڍي ھوندي جي ھڪ وارتا آھي. پوري ڪٽي
مزوري ڪري پيٽ گذر ڪندو ھو. ھڪ ڀيري ڪنھن

سوامي رامداس چيو آهي: ”جيڪڏهن توهين پائيند
ته پوڳنائون ايشور وٽان آيل آهن ته هرهڪ پوڳنا اوهانجي
اُنتيءَ لاءِ اڳتي ۽ اڳتي قدم تيندي. دليريءَ سان پوڳنائ
کي منهن ڏئي ۽ مشڪلات ڀريل حالتن ۾ به مؤج پان
سمجھ ته سڀ ڪجھ ايشور وٽان ٿو اچي ۽ تنهنجي
ڀلي لاءِ ئي آهي. پرميشور پريم آهي. هو ڪنهنکي
هرج ڪين رسائيندو.“

يونان جي فيلسوف ايپڪٽيٽس جي اکرن ۾ تـو
هڪ ناٽڪ ۾ ويس ڌاري آهين، جنهنجي پارٽ جي
چونڊ ناٽڪ نويس جي هٿ ۾ آهي. جي هو چاهي
تنهنجو پارٽ ننڍو ٿئي ته اهو ننڍو ئي ٿو ٿئي؛ ج
وڏو ته وڏو ئي ٿو ٿئي. جي هو چاهي ته تـون هڪ
مسڪين پينوءَ جو پارٽ ڪرين ته ياد رک ته تو
اهو پارٽ به سچائيءَ سان ادا ڪر. تنهنجو ڪاري
اجهو اهو اٿئي: ”جيڪو پارٽ توکي ڪرڻ لاءِ ملي
سو نيڪ طرح پورو ڪر.“

سرگواسي پرسرام ضيا چيو آهي:

خوشي ڏيندين تـه خوش رهبو
جي غم ڏيندين تـه پيو سهبو
مونکي جيئن تـون هلائيندين
تنهنجي مرضيءَ تي پيو هلبو!

* سماپت *

سچ، سورج جيئان خود-روشن آهي. پره ڦتيءَ جو سورج پنهنجو پرڪاش آڪاس ۾ چوڌس چو ڌار پکيڙي ٿو ڇڏي. سچ ۽ اُنهن کي پرتکش پسڻ ۾ اچي ٿو، جي اُنکي ڏورين ٿا.

مني چترو پانو

ڏهاڙي جي جيون جو هر هڪ واقع، ڪنهن اونهي سنيه جو خاموش اظهار آهي ۽ اُنکي صحيح روپ ۾ پرتکش پسڻ لاءِ ويچار شڪتيءَ جو سمپورڻ اُپيوگ آوشڪ آهي. اِن گپت انساني ويچار شڪتيءَ جو وڪاس، مهان آتمائن جي اُتم ۽ اوچن وچنن ۽ واڻيءَ جي اڀياس ۽ چنتن ڪرڻ ۽ انهن کي اپنائڻ سان ٿي ٿي سگهي ٿو. هندو شاستر اهڙي گيان جو اکنڊ ڀنڊار آهن ۽ اُنهن جو چت چاه سان اڀياس، اسان جي جيوت کي وڏيڪ معنيٰ ڀريل ۽ وڌيڪ پورڻ بڻائي سگهي ٿو.

سوامي چنميه آنند